
کورونا ۾ کورونا
عبدالرحمٰن پيرزادو

BLOGS by PIRZADO ©

Book No. 08
Title: Corona in Coruna
Writer: Abdul Rehman Pirzado
Preface:  Hameed Soomro
Opinion: Nyammat Mangnejo
Mithal Jiskani
Back Title:  Foto of Abdul Rehman Pirzado
Title Photo: ***Sclupture of orphans*** a world Heritage Site Coruna, North Spain
Composer: Abdul Rehman Pirzado
Hyderabad
March 2021
© Abdul Rehman Pirzado

# فهرست

پنهنجي پاران ........ 8
ڪورونا :مايوسي ۽ خوف کان اميد تائين. حميد سومرو
........ 12
وبا جا ڏينهن - نعمت مگڻيجو ........ 23
ڪورونا ۽ اسان - منل جسڪاڻي ........ 26
ڪورونا ۽ ڪورونا ........ 31
ان الميئي کي ڪيئن منهن ڏجي: ........ 33
جانور، انسان ۽ جڙيو ........ 36
وائرس جو ٻين جانورن ۾ ڦهلجڻ ........ 37
لڏڙن ۾ وائرس ........ 38
ڪووڊ ـ ١٩ جو علاج ........ 43
جڙيو ۽ ٻار ........ 46
هٿ ڌوئڻ ........ 48
صابڻ ڪيئن اثر ڪندو آهي ........ 48
هينڊ سينيٽائيزر ........ 49
صابڻ يا سينيٽائيزر ........ 50
وبا ۽ توليدي صلاحيت ........ 51
وبا ۽ غربت ........ 52
وبا ۽ تعليم جا سڄڻ ........ 56
ويڪسين جو آسرو ........ 59

ويڪسين جا مختلف قسم ........ 65
بيمارين کان بچاءَ واريون ويڪسين ........ 66
حملي کان پوءِ واريون ويڪسين ........ 67
علاج طور استعمال ٿيندڙ ويڪسين ........ 68
ويڪسين ۽ دوا ۾ فرق ........ 68
ڪووڊ - ١٩ جي ويڪسين جا قسم ........ 70
سڄو وائرس ........ 71
وائرس ۾ موجود پروٽين ........ 72
وائرس جو انسان ۾ داخل ٿيڻ جو وسيلو ........ 72
نيوڪلڪ ايسڊ ........ 73
ويڪسين ۽ ڪاروبار ........ 75
ويڪسين جي سياست ........ 78
ويڪسين جانچڻ جو وچور ........ 80
الا ڏاهي مَ ٿيان ........ 87
هنگامي حالتن ۾ عارضي اجازتنامو ........ 89
هنگامي حالتن ۾ عارضي اجازتنامي جي تاريخ ........ 91
انتظار ڪيو ........ 95
ڪووڊ ويڪسين ۽ پاڪستان ........ 96
هوش ڪريو ........ 98
خيال رکجو ........ 103
وبا ۽ ٽِج پيارڻ ........ 104
اونڌي صفبندي ........ 106

وبا جون حقيقتون ........................................ 108
ماسڪ ڪهڙو پهرجي؟ ........................................ 113
وبا ۾ گهر ياتين جو بچاءُ ........................................ 116
گهر ڇا آهي؟ ........................................ 116
خاندان مان مراد ڇا آهي؟ ........................................ 116
ويڙهو ڇا آهي؟ ........................................ 116
پاڙو ڇا آهي؟ ........................................ 117
گهر ياتيءَ مان مراد ڇا آهي؟ ........................................ 117
ڪووڊ کي گهر کان ٻاهر ڪيئن رکجي؟ ........................................ 117
جديد نوآبادياتي پرچارڪ ........................................ 120
بيوسيءَ جو وس ........................................ 123
ڪووڊ جي ويڪسين جو استعمال ........................................ 125
ويڪسين جا جزا ........................................ 129
مدافعتي مادا ........................................ 130
حفاظتي مادا ........................................ 131
ڳتڻ وارا مادا ........................................ 132
پاڇي مادا ........................................ 132
حل ڪرڻ وارا مادا ........................................ 133
ضمني مادا ........................................ 133
وبا ۾ پلجندڙ وبائون ........................................ 134
سنڌ ۾ ميسر ويڪسين ........................................ 141
پهرين خوراڪ ........................................ 143

ٻين خوراڪ ........................................ 143
ٽين خوراڪ ........................................ 143
چوٿين خوراڪ ........................................ 143
پنجين خوراڪ ........................................ 144
ڇهين خوراڪ ........................................ 144
سرمائيداريءَ جا ڦاٽ ........................................ 146
وبا ۽ ماسڪ جي چونڊ ........................................ 149
١ . ڪپڙي جو ماسڪ: ........................................ 151
٢ . سرجيڪل يا ميڊيڪل ماسڪ: ........................................ 152
٣ . ريسپائريٽر ........................................ 153
ماسڪ جي سار سنڀال: ........................................ 153
ويڪسين ۽ وبا ........................................ 155
ڪووڊ - ١٩ جون پيچيدگيون ........................................ 162
ويڪسين ۽ ڪووڊ جو ڦهلاءُ ........................................ 167
ڪووڊ جي وائرس ۾ تبديليون ........................................ 172
وبا ۾ خوشخبري ........................................ 175
ويڪسين، اميونائيزيشن ۽ احتياط ........................................ 179
ويڪسين ........................................ 179
اميونائيزيشن ........................................ 179
احتياط ........................................ 179
اچو تہ صحت جو نظام گهرئون ........................................ 184
ڪووڊ ويڪسين ۽ افواهہ ........................................ 189

ويڪسين قوم پرستي................................................193
ڳڙائڻ جو گس........................................................197
ويڪسين اشتراڪيت..................................................202
عالمي وبا ۽ عالمي ڀائيچارو......................................207
ڪووڊ ۽ ڳپ وتي...................................................210
ڪووڊ ۽ نئون چاول ٻار...........................................212

# پنهنجي پاران

وبا جي ڏينهن ۾ لکيل بلاگن جو هي پيون ڳٽڪو 'ڪورونا ۾ ڪوروڻا' توهان جي خدمت ۾ پيش ڪندي مان تہ سرهو آهيان. انهي سلسلي جي پهرين ڳٽڪي 'وبا جا ڏينهن' تي مون ڪجهہ نہ لکيو هيو. هن ڳٽڪي تي صرف توهان سيني جي مهرباني مڃڻ لاءِ بہ اکر لکان پيو.هي جهڙوڪر ان جو ٻيون ڇاپو آهي. ڇاپي تان ياد آيو هي نئين دنيا جو نرماڻ آهي جنهن ۾ مون جهڙي ڪنهن لکاريءَ جي ڪتابن جو ٽن مهينن ۾ انگ چوڏهن تي ويو. هي جيڪو ڇاپو توهان جي اڳيان آهي، اهو بہ e.publication جي شڪل ۾ آهي.

سنڌ ۾ عجيب رواج آهي، ڪتاب جو اجورو تہ نهيو، هتي ڪتاب هڙئون ڇپرائڻو پوندو آهي، وڏا وڏا ناليوارا ادارا بہ ليکڪ کي ڪو اجورو ڏيڻ بدران ڪانئس ڪتاب جي ڇپائيءَ جو خرچ گهرندا آهن. ڪجهہ سڄڻن جو خيال آهي تہ مونکي بہ ايئن ڪرڻ گهرجي، ان سان ڇپيل ڪتاب بازر ۾ اچي ويندو، ماڻهن جي هٿن تائين پهچندو، ڪتاب جي رونمائي ٿيندي ۽ منهنجي ناماچاري بہ ٿيندي. اهو سيو ڪجهہ منهنجي مزاج جي خلاف آهي.

شايد مان نہ ڪري سگھندس. ٿي سگھي ٿو آگرين تي ڳڻڻ جيترا ڪي اهڙا خوشنصيب ليکڪ بہ هجن جن جو پورهيو پبلشر بنا معاوضي ڇاپيندا بہ هجن.

منهنجا شايع ڪيل سڀئي تيرنهن ڪتاب غلام اڪبر لغاريءَ جي تعاون سان سنڌ ثقافت کاتي جي لائبرريءَ ۾ موجود آهن. اميد آهي تہ هي ڪتاب بہ ڪٿي جاءِ لهندو. منهنجي لغاري صاحب سان ڪنهن بہ قسم جي ذاتي واقفيت يا روبرو ملاقات ڪونهي. فيس بوڪ تي ملاقات، واقفيت ۽ دعا سلام رهي آهي.

وباء اها بہ عالمي جنهن ۾ ڪروڙين انسان بيمار ٿيا آهن، ٿين ٿا، لکين جانيون ضايع ٿيون آهن ۽ اهو سلسلو جاري آهي. ان ماحول ۾ بدلجندڙ صورتحال تي مون پهرين ڪتاب ۾ ٣٦ بلاگ شامل ڪيا هئا جيڪو نومبر ٢٠٢٠ ۾ پڌرو ڪيو هيو.

ان ڪتاب تي ڊاڪٽر نعمت مگڻيجو جي هڪ راءِ سامهون آئي جنهن ڪي پڙهن هن ڪتاب ۾ جيڪو جنوري ٢٠٢١ ۾ توهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان پيو ان ۾ شامل ڪيو آهي.

محترم منل جسڪاڻيءَ جو هڪ بلاگ جيڪو ڪجهه اخبارن ۾ پڻ ڇپيو هيو، جنهن ۾ سائين منهنجي ڪورونا سان لاڳاپيل شاعريءَ تي قلم ڪنيو، اهو بہ هن ڪتاب ۾ شامل آهي.

مون ڪوشش تہ اها ڪئي آهي تہ سائنسي معلومات، سماجي روئيين ۽ عالمي ترڪتالين تي طبع آزمائي ڪريان پر اهو ممڪن ڪونهي تہ مونکان ڪجهہ رهجي ويو هجي يا پنهنجي راءِ لکندي توهان مان ڪنهن جي راءِ سان متضاد هجان. اها ئي زندگيءَ جي حقيقت آهي.

مان انهن سڀني پڙهندڙن جو نهايت ٿورائتو آهيان جن سماجي رابطي جي اوتاڪ تي يا نجي نياپن جي وسيلي منهنجي محنتن کي ساراهيو، تنقيد ڪئي، پنهنجي راءِ ڏني ۽ شامل ٿيا.

جنهن رفتار سان هيءَ عالمي وبا هلي رهي آهي ۽ دنيا ۾ هر گذندڙ ڏينهن هن وبا جي ڪارڻ جٽيئي، ان ۾ ٿيندڙ تبديليون، ويڪسين، علاج جا افواهہ ۽ انساني الميئي جا داستان نروار ٿين ٿا تہ لڳي ٿو هن عنوان تي لکڻ جو سلسلو بہ جاري رهندو.

هن ڇاپي ۾ جيڪا معلومات آهي، اها اوهانکي ڪم ايندي شرط پڙهڻ آهي.

**عبدالرحمٰن پيرزادو**

# ڪورونا :مايوسي ۽ خوف کان اميد تائين.

## حميد سومرو

ڪورونا وبا جي حوالي سان سنڌ جي معتبر بلاگر عبدالرحمٰن پيرزادي جو ٻيون ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي. جڏهن وبا جا ڏينهن نالي ڪورونا مرض جي حوالي سان پهريون ڪتاب ميدان ۾ آيو هيو ته ان وقت دنيا تي خوف جا ڪڪر ڇانيل هيا هر طرف موت،بيماري ۽ مايوسي جو راڄ هيو، ڌرتي جي گولي تي موجود انسان ۾ زنده هجڻ ۽ رهڻ هڪ سوال بڻجي ويو هيو.

جڏهن اڄ جڏهن هن ڪتاب تي به اکر لکجي رهيا آهن ته دنيا ۾ ڪورونا جي بيماري کان بچاءَ لاءِ دنيا ۾ هڪ سال جي مختصر عرصي ۾ نه صرف لاتعداد ملڪن ۾ ويڪسين تيار ٿي ويئي آهي بلڪ اها ويڪسين لڳي به رهي آهي ۽ هن وقت انهي ويڪسين جا ذري گهٽ ۳۰ ڪروڙ ڊوز لڳي چڪا آهن. جڏهن ته انهي بيماري کان مڪمل اميونائيز ٿيل ماڻهن جو انگ به ۵ ڪروڙن کي وڃي رسيو آهي. آمريڪا جيڪو انهي بيماري ۾ سڀ کان گهڻو متاثر ملڪ هيو انهي ۾ ذري گهٽ ۷ ڪروڙ ماڻهن کي ويڪسين لڳي چڪي آهي. چين ۾

اهو انگ ۴ ڪروڙ، برطانيہ ۾ ۲ ڪروڙ، پارت ۾ ذري گهٽ ڏيڍ ڪروڙ جڏهن تہ پاڪستان ۾ فبروري مهيني پُڇاڻان هڪ لک ڪان وڌيڪ صحت ڪارڪنن کي پهريون ڊوز لڳي چڪو آهي جنهن ۾ سنڌ جو حصو ذري گهٽ ۵۰ هزار آهي.

بلاگن تي مشتمل عبدرحمٰن پيرزادي جي هن مختصر ليڪن ڪارائتي ڪتاب ڪورونا ۾ ڪورونا ۾ ڪورونا لفظ جي تاريخ جي تناظر ۾ چندڀ چاڻ ڪئي آهي ۽ ٻُڌايو آهي تہ ڪورونا اسپين جي هڪڙي بندرگاهہ جو نالو بہ آهي. ڪورونا جو لفظ اسپين جي هڪ مقامي ٻولي گليگوجولفظ آهي جنهنجي معني آهي پڳ جهڙو.

هن ڪتاب جي سرورق تي ٻارن جو پٿر جو مجسمو ڏنل آهي جيڪو انهي ڪورنا جي بندرگاهہ تي موجود آهي.ڪتاب جي سرورق تي موجود مجسمو انهن ۲۲ ٻارن جي ياد ۾ نهيل آهي جن تي ماتا جي بچاءَ جي زنده ويڪسين جو تجربو ڪيو ويو هيو.ڪتاب جي سرورق تي موجود پٿر جي انهي يادگار کي يونيسڪو طرفان عالمي ثقافتي ورثو قرار ڏيئي ان کي محفوظ ڪيو ويو آهي.

ڪتاب ۾ هڪ بلاگ جانور انسان ۽ جڙيو جي نالي سان ڏنو ويو آهي جنهن مطابق ڊنمارڪ ملڪ ۾ ”لُڌڙن“ جا فارم ختم ڪري ٧٠ لک پالتو لُڌڙا ماريا ويا آهن جنهن جو سبب اهو ٻڌايو پيو وڃي ته ڪورونا جو مرض انهن لُڌڙن مان ماڻهو ۾ منتقل ٿيو آهي. توڙي جو انهي وبا جو چين ۾ ظاهر ٿيڻ وقت شڪ ڪيو ويو هيو ته اهو مرض چمڙي ۽ پينگولين ذريعي ماڻهو ۾ آيو آهي ليڪن ان بعد اهوئي سمجهيو پئي ويو ته وائرس جو ايڏي وسيع ڦهلاءَ جو ڪارڻ ساهه جي سرشتي ذريعي ماڻهو مان ماڻهو ۾ منتقل ٿيڻ آهي جنهن ۾ ”لُڌڙن“ مان ماڻهو ۾ ڪورونا جي خطرناڪ قسم جي وائرس جي منتقلي چرڪ ڪيرائي ڇڏيا آهن. صحت جي عالمي اداري انهي حوالي سان وارننگ به جاري ڪئي آهي ته پالتو جانورن جي واڙن تي ڪم ڪندڙ مزدورن جو خيال رکندي ڪورونا جي ڦهلاءَ تي نظر رکڻ جي ضرورت آهي جيئين ڊنمارڪ جي لُڌڙن جهڙو الميو وري جنم نه وٺي سگهي.

انهي بلاگ ۾ ئي ليکڪ اها وضاحت ڪرڻ ضروري سمجهي آهي ته ”اسان کي اهو نه وسارڻ گهرجي ته جانورن جون بيماريون شايد انسان لاءِ هن صدي جو وڏي

۽ وڏو خطرو آهن جنهن کي صرف ماحول کي بهتر بڻائي ضابطي ۾ آڻي سگهجي ٿو.“

ڪووڊ ١٩ جو علاج نالي بلاگ ۾ ليکڪ ان ڳالھ کي وري ياد ڏياريو آهي تہ ڪيئين ريمڊيسيوار ۽ ڪلوروڪوئين جهڙيون دوائون هروڀرو ڪورونا جو علاج ڄاڻائي غريب ماڻهن ۽ غريب ملڪن جو رت چوسي نہ صرف سندن بچيل سچيل موڙي سان راند ڪيڏي ويئي بلڪ ڪين پُوڪ بہ بڻايو ويو. سون تي سهاڳو وري اهو تہ جن بيمارين لاءِ اهي دوائون ناهيون ويون هيون انهن بيمارين جي دوائن جي کوٽ ڪارڻ انهن مرضن جا مريض بہ رُلي ويا.

وبا ۽ غربت نالي بلاگ ۾ ليکڪ ڄاڻائي ٿو تہ ڪورونا جي وبا جيئن صحت جي سهولتن لاءِ آزمائش بڻجي آئي آهي تيئن وسيع پيماني تي ڦهليل انهي وبا ڪيترن سماجي ۽ معاشي مامرن کي بہ نروار ڪيو آهي ۽ ائين ئي شهر مارڪيٽون ڪيتري عرصي تائين مسلسل بند رهڻ ڪري روزگار جي اٹهوند ڪارڻ غربت ۾ غيرمعمولي واڌ آئي آهي.

ليڪڪ چواڻي هن وقت دنيا ۾ غريبن جو تعداد جن جي آمدني ٢ ڊالر کان گهٽ آهي ٧ ڪروڙ آهي جيڪو انگ هن وبا ڪارڻ هڪ ارب ١٥ ڪروڙ کي پهچي چڪو آهي جنهن ۾ وري گهڻو تعداد عورتن جو آهي. ڪورونا جي وبا جي ڪري گُذريل هڪ سال کان تعليمي ادار بند ٿي وري کلن تا ۽ وري بند ٿي وڃن ٿا جنهن سبب تعليم تباهي جي ڪناري اچي پهتي آهي جنهن ڳالهہ کي بہ ليڪڪ پنهنجي بحث جو موضوع بڻايو آهي.

هڪ بلاگ ويڪسين جو آسرو جي نالي سان بہ آهي.هن وقت ملڪ ۾ صحت ڪارڪنن لاءِ ويڪسينيشن شروع آهي. سائنوفارم نالي اها ويڪسين چين کان امداد طور ملي آهي جيڪا پهرين مرحلي ۾ ڪراچي ڊويزن جي ستن اسپتالن ۽ سنڌ جي باقي ڊويزنن حيدرآباد، ميرپورخاص، شهيد بينظيرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي جي ڊويزنل هيڊڪوارٽن ۾ ٣ فيبروري کان شروع ٿي هاڻي سنڌ جي هر ضلع هيڊڪوارٽر ۾ پهچي ويئي آهي ۽ مارچ ۾ اها ويڪسين هر تعلقي هيڊڪوارٽر سميت ڳوناڻن صحت مرڪزن RHCs ۽ ڪجھ بنيادي صحت مرڪزن BHUs ۾ شرور ڪرڻ جو پروگرام آهي جنهن ۾ عام پبلڪ کي بہ اها ويڪسين لڳائي ويندي ان

مرحلي ۾ اوليت تي ٦٠ سال کان وڏي عمر جا ماڻهو آهن. ليکڪ چواڻي ٿوري عرصي ۾ ملڪ جي هر ماڻهو تائين ويڪسينيش پهچڻ ۾ اجا وقت لڳندو انڪري صابڻ سان هٿ ڌوئڻ، سينيٽائيزر استعمال ڪرڻ، سماجي دوري ۽ ماسڪ پائڻ واري ڪرت کي جاري رکڻ سان ئي ڪورونا جهڙي مرض کان بچي سگهي ٿو. ڪورونا جي وبا ۾ گهٽتائي آئي آهي ليڪن بيمار ڪرڻ ۽ ماڻهو مارڻ کان هن وبا اجا بس نہ ڪئي آهي.

ڪتاب ۾ هڪ ڪارائتو ۽ وقتائتو بلاگ ويڪسين جي قسمن جي باري ۾ بہ آهي. ليکڪ سمجهائي ٿو تہ ويڪسين بنيادي طرح انساني جسم ۾ فطري بچاءَ جي نظام کي اڳواٽ جاڳائي تيار ڪندي آهي جيئن ڪنهن بيماري جي حملي ٿيڻ کان اڳ ئي انسان يعني ويڪسين واپرائيندڙ محفوظ رهي. عبدرحمٰن سولي سنڌي ۾ سمجهاڻي ڏني آهي تہ انهن ويڪسينن ۾ هڪڙيون ويڪسينون بيمارين کان بچاءَ واريون ويڪسينون آهن جڏهن تہ ٻيون حملي کان پوءِ واريون ويڪسينون آهن جڏهن تہ ٽيون ويڪسينون علاج طور بہ استعمال ٿين ٿيون. هتي ليکڪ ويڪسين ۽ دوا وچ۾ فرق سمجهائڻ جي ڪوشش بہ ڪئي آهي.هڪ بلاگ

ڪورنا ويڪسين جي قسمن متعلق بہ آهي جنهن ۾ ليڪڪ چار قسم جي ويڪسين ڪي بحث هيٺ آندو آهي جنهن ۾ انتهائي مفيد معلمات شامل آهي.

ويڪسين ۽ ڪاروبار نالي بلاگ ۾ ليڪڪ اقرار ڪري ٿو تہ پاڻ ماڻهو جيئن تہ نانگ جا ڏنگيل آهيون انڪري وتئون ٿا نوڙي ڪان بہ ڊڄندا. انڪري ليڪڪ فائيزر ۽ بايونٽيڪ جهڙن مهانگين ويڪسينن جي وڏيڪ ۽ غيرمعمولي افاديت ۽ دعويٰ تي سوال اٿاريو آهي. ليڪڪ منفي ٧٠ ۽ ٨٠ ڊگري سينٽي گريڊ تي محفوظ رهندڙ ۽ وڏيڪ ڪارگر ڄاڻايل ويڪسين واري مامري تي شڪ ڏيکاريو آهي تہ ڪٿي ائين تہ ناهي تہ سرد جنگ جي زماني واارن ويئر هائوسز ۾ پيل سازسامان مان چار پئسن جي لالچ انهي سوچ جي پويان ڪارفرما تہ نہ آهي.

ياد ڏيارجي تہ پاڪستان ۾ هن وقت جيڪا ويڪسين استعمال ٿي رهي آهي اها اي پي آءِ واري پروٽوڪول يعني واڌو ٢ ڪان واڌو ٨ تي محفوظ قرار ڏنل آهي. ڪورونا جي بچاءَ لاءِ استعمال هيٺ ويسين روس ۾ گُذريل سال آگسٽ ڪان شروع آهي جڏهن تہ ان ڪان پوءِ برطانيہ بہ پنهنجي ملڪ ۾ ويڪسينيشن شروع ڪئي

جن ڪي ليڪ سائنسي گهٽ ليڪن سياسي فيصلو وڏيڪ ڪوٺيو آهي. هوش ڪريو بلاگ ۾ ليڪ سنڌ حُڪومت پاران ايڪسپو سينٽر ۾ ويڪسينيشن سينٽر جي قيام جي مخالفت ڪندي اي پي آءِ کي بهتر بنائڻ تي زور ڏنو آهي. سنڌ حُڪومت هاڻي اهو سڀ ڪجھ ڪري رهي آهي جيڪو عبدالرحمٰن پيرزادو هن سال جنوري ۾ ڪري رهيو هيو. سنڌ حُڪمت سيني اهم اسپتالن کان پوءِ ضلع هيڊ ڪوارٽي اسپتالن ۾ ويڪسينيشن سينٽر قائم ڪرڻ کان پوءِ تعلقي اسپتالن ۽ ڳوٺاڻن صحت مرڪزن کانپوءِ هاڻي بنيادي صحت مرڪزن ۾ ڪورونا جا ويڪسينيشن سينٽر قائم ڪري رهي آهي جنهن ۾ ڪليدي ڪردار اي پي آءِ سينٽرن ۽ انهن ۾ مقرر عملي جو ئي بيهي ٿو.

عبدالرحمٰن بار بار اهو سوال ڪندو رهيو آهي ته پاڻ کي ڪورونا ويڪسين جي جلدي اچڻ جي اڻ تڻ آهي ليڪن سچ اهو آهي ته اي پي آءِ پروگرام ۾ شامل ١١ بيماريون ڪنهن به صورت ۾ گهٽ خطرناڪ ناهي ۽ انهن بيمارين کان بچاءَ جي ويڪسين تقريبن هر بنيادي صحت مرڪز تي موجود آهي ليڪن انهي پروگرام ڏانهن پنهجو رويو غيرمعمولي طور اڍنگو آهي. انهي

سلسلي ۾ ليڪڪ صحت ڪاتي جي اختيارين تي بہ تنقيد ڪندي لکيو آهي تہ عوامي صحت هڪ الڳ شعبو آهي جنهن کي ان طريقي سان ئي ڏسڻ، سمجهڻ ۽ اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي.

وبا جون حقيقتون نالي بلاگ ۾ ليڪڪ سولي سنڌي ۾ ڪورونا وبا جي جٽيئي جي حقيقت بيان ڪئي آهي. جيڪو هن وقت تائين پاڻ ۾ ٢ هزار تبديليون ڪري چڪو آهي. برطانيا، ڏکڻ آفريڪا، نائيجيريا ۽ برازيل ۾ انهي جٽيئي جي بدليل شڪل تمام نقصانڪارۦ خطرناڪ صورت اختيار ڪئي آهي. هتي سوال اهو بہ پيدا ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن اهو جٽنيو ائين پنهنجون شڪليون مٽائيندو رهي ٿو تہ پوءِ ڇا مارڪيٽ ۾ موجود ويڪسين انهي جٽيئي جي سمورن قسمن خلاف ڪارگر ثابت ٿيندي.

ڪتاب ۾ هڪ اهم بلاگ ويڪسين جي جزن جي باري ۾ آهي.انهن جزن ۾ مدافعتي مادا، حفاظتي مادا، ڳتڻ وارا مادا، پاڇي مادا، حل ڪرڻ وارا مادا، ضمني مادا شامل آهن جن تي انتهائي سولي نموني سنڌي ٻولي ۾ ڪارگر بحث شامل آهي جيڪو هر صحت ڪارڪن کي

پڙهڻ گهرجي.هڪ بلاگ وبا ۾ وبائون نالي به شامل آهي. عبدالرحمٰن جي وبا ۾ وبائن مان مراد سلھ جهڙو مرض، ارڙي جي خطرناڪ بيماري، مليريا جهڙو موضي مرض، مدي جي بخار جهڙِ عام جام بيماري، پوليو جهڙو لاعلاج مرض، ڪاڌ خوراڪ جي ڪمي، جهالت سميت جاهليت آهي. جيڪي وبا جي موجودگي ۾ اسان جي گهرن ۾ ڪُهرام مچائڻ جو ڪارڻ آهن. جن جا حل موجود آهن، اُپاءُ به آهن ليڪن اسانجي اک پٽجي ئي نٿي.

عبدالرحمٰن پيرزادو اها ڳالھ مسلسل ڪندو رهيو آهي ۽ هن ڪتاب ۾ به بار بار ڪئي اٿس ته سنڌ جي صحت جا ڪافي سارا ماڻهو عوامي سرگرمي سان حل ٿي سگهن ٿا. ١١ خطرناڪ بيمارين ڪان بچاءَ جا ٽُڪا موجود آهن. صرف صابڻ جو باربار استعمال ڪرڻ سان اسان مدي جي تپ سميت دستن جي مرض سميت ڪافي سارن مامرن مان جان ڇڏائي سگهون ٿا. اسان جي قوم سرڪار جي هٿ هيٺ هلندڙ صحت کاتي جي ادارن سان سهڪار بجاءِ صرف تنقيد جي ڪڍ لڳل آهي جنهن مان جان ڇڏائڻ جي ضرورت آهي. اها سوچ ئي ڪورونا جي وبا ۾ هڪ ٻي وبا آهي.

هن ڪتاب کي پڙهي جيڪڏهن هيئن سان هنڊائيبو ته عبدالرحمٰن جو واڪ ۽ سندس پورهيو تڏهن ئي صاب پوندو.

# وبا جا ڏينهن - نعمت مگّڻيجو

سائين عبدالرحمٰن پيرزادو جو لکيل بلاگن تي مشتمل سنڌ سلامت پاران شايع ٿيل ڪتاب وبا جا ڏينهن پڙهي پورو ڪيو. ڪتاب ڪووڊ-١٩ جي وبا کي سمجهڻ خاص ڪري اسان ماڻهو جيڪي هن دقيانوس سماجن اندر واڙيل آهيون. جتي اجا لقائن، وبائن ۽ ٻين فطري انساني شين (سياسي سماجي معاشي نظامن) کي سائنسي نڪته نگاه سان ڏسڻ، پرکڻ، سمجهڻ چڱّي خاصي پڙهيل لوڪن لاءِ به وڏو مسئلو بڻيل آهي. اتي پيرزادو صاحب پنهجي وطن جي عام ماڻهوءَ کي سائنسي انداز سان عام فهم، سولي ٻوليءَ ۾ سمجهائڻ ڪان وسان ناهي گهٽايو بلڪ هڪ ذميوار ماهر طور ذميواريءَ جو پورائو ڪيو آهي جيڪو وري وس ڪئي ذميوار فردن پاران وقت سر ادا نه ڪرڻ جو پڻ وڏو ڪال آهي.

ڪتاب اندر وبا جي معاملي ۾ پيش آيل گهڻ پاسائين معاملن طبي، سياسي، سماجي روين کي شاندار اظهار سان واضع ڪيو آهي. هونءَ به هيڏانهن هوڏانهن غير واسطيدار، غير وابسطه ماڻهن پاران وبا متعلق ته نڪائي ڇڏيل حوالن، ٻُڌ سُڌ تي يا ذاتي ذهني پستيءَ جي نتيجي

۾ نوڪيل حوالن ڪان هر سيبتي ماڻهو لاءِ گهٽي ڪان گهٽو بهتر آهي تہ سڌو ان ماهرن ڪان معاملا ٻڌجن، پڙهجن ۽ سمجهجن جيڪي ان وبا کي سائنسي انداز سان ڏسي سمجهي ۽ سمجهائي رهيا آهن.

سائين رحمٰن پيرزادو بہ انهن ماهرن مان هڪ آهي جنهن جي ان معاملي مٿان هڪ ماهر طور نظر آهي. ذاتي طور پاڻ بہ طب جي شعبي سان وابستگيءَ ڪري ۽ سڌو ڪووڊ سان منهان منهن ٿيڻ ڪري هي ڪتاب خاص دلچسپي جو سبب رهيو مگر ڪجهہ ڳالهين تي پاڻ بہ هلندي هلندي ڳالهايون ٿا.

هڪ ۔ ڪتاب ۾ ٻارن کي ان وبا ۾ وچڙڻ متعلق معلومات ڪٿي نہ ملي مثلا جيئن ڪير پياڪ ٻار جي امڙ ڪووڊ جو شڪار ٿئي ته ان کي ڇا ڪرڻ گهرجي ... يا اگر ننڍڙن ٻارڙن جا پيءُ ماءُ ٻئي ڪووڊ جو شڪار ٿين ان صورت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي...جڏهن گهر ۾ سار سنڀال وارو ٻيو ڪو فرد بہ نہ هجي وغيره وغيره

ٻيو ۔ بيشڪ ڪووڊ جو route of transmission ساهہ جو سرشتو آهي، هاضمي جو سرشتو orofeacal route ناهي مگر ڪووڊ شڪار مريض جو واش روم فوراً ڪنهن

صحتمند ماڻهو جي استعمال ڪرڻ سان fecal aerosole ذريعي ڪووڊ جي شڪار ٿيڻ جون شهادتون آهن (ڪجهه آرٽيڪل منهنجي نظر مان گذريل آهن) ۽

ٿيون ـ ڪووڊ جي مکيہ طبي علامتن ۾ ٿي خاص طور ڪووڊ ـ ١٩ سان وابسط آهن؛

بخار، سڪي ڪنگهہ، ساهہ ۾ سوڙهائپ.

زڪام يا نڪ سنگهہ وهڻ شايد ناهي.

هي ڪتاب بي حد اهم آهي فوراً هن وبا جي ڏهاڙن ۾ هي هر ماڻهو ڪي پڙهڻ گهرجي تہ جيئن ان وبا ڪي بهتر انداز سان سمجهي ان خلاف گهربل بڌايل ڪارگر تدبيرون اختيار ڪري نہ فقط پنهنجو، پنهنجي خاندان، مٿ مائٽ بلڪ سماج جو بهتر نموني پلو ڪري سگهڻ جي حيثيت ۾ هڪ ذميوار فرد ٿي بيهي.

# ڪورونا ۽ اسان - مٿل جسڪاڻي

## ڪورونا ۽ اسان: هڪ شاعر هڪ معالج جي نظر ۾

عبدالرحمٰن پيرزادو سنو شاعر آهي. تعليمي ۽ پيشي جي لحاظ کان معالج (ايم بي بي ايس ڊاڪٽر) آهي. مختلف صنفن ۾ طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو. سندس ڪيترائي پرڪشش اسمر، پڙهائي سگهجن ٿا. انهن جي پيٽ ۾، سندس هي اسمر، تمام گهٽي سادي ۽ سليس انداز ۾ پيش ڪيل آهي، پر هن اسم تي لکڻ ۽ اوهان کي پڙهائڻ لاءِ، هن اسم ۾ موجود حقيقتن ۽ فلسفي، مون کي مجبور ڪيو، تہ پنهنجي پڙهندڙن کي هي اسم آئون لازمي طور پڙهايان. چاڪاڻ تہ ڪورونا جي حوالي سان، ”ساري دنيا ايڪ طرف، جورُو ڪا ڀائي دُوجي طرف“ وانگر، ٻيءَ سڄي دنيا هڪڙي پاسي، اسان سڀ (سائنس کي سمجهندڙ چند ماڻهن کانسواءِ) ٻئي پاسي آهيون!

چو ۽ ڪيئن؟

اهو عبدالرحمٰن پيرزادي جي هن انتهائي سادي ۽ سليس اظهار کي پڙهڻ سان سمجهي سگهجي ٿو:

ڪورونا جي ڪهڙي مجال
اسان جي جهالت ئي ڪافي آ
سائنس جي ڪهڙي مجال
اسان جي نيت ئي ڪافي آ
علم جي ڪهڙي مجال
اسان جو تجربو ئي ڪافي آ
اسڪول جي ڪهڙي مجال
اسان جي آنلائين ئي ڪافي آ
استادن جي ڪهڙي مجال
اسان جو ڪمپيوٽر ئي ڪافي آ
صلاح جي ڪهڙي مجال
اسان جو عقل ئي ڪافي آ
تحقيق جي ڪهڙي مجال
اسان جي توڪل ئي ڪافي آ
مفروضي جي ڪهڙي مجال
اسان جو خيال ئي ڪافي آ
ڪنهن مت جي ڪهڙي مجال
عقلِ ڪُل جو عقل ئي ڪافي آ

عبدالرحمٰن پيرزادي جي مٿئين سليس ۽ سادي اظهار کان پوءِ، منهنجي ڪهڙي مجال آ، جو آئون پنهنجي طرفان ڪجھ ٻيون سٽون لکان!

عبدالرحمٰن پيرزادي جي اِن سليس ۽ سادي اظهار ۾ باقي ڇا آهي، جيڪو لکڻ جي ضرورت آهي ۽ اهڙو ڇا بچي ٿو، جنهن تي سوچڻ، ويچارڻ، حڪمت عملي طئہ ڪرڻ، طئہ حڪمت عملي تي عمل ڪرڻ جي صلاح لاءِ لکجي، تہ ڇو لکجي، ڇا لاءِ لکجي، ڪنهن جي، ڪهڙي مجال آ.

منهنجي دل ٿي چوي تہ ڪورونا جي حوالي سان عبدالرحمٰن پيرزادي جا هي چار اسم بہ اوهان ضرور پڙهو:

پريو گوندر گلن سان آ
مکيون ماکيءَ جون پٽڪن پيون
مٿئون ڏس پنئور پيا مرڪن
هي ڏس ڪيڏا نہ پوپٽ هِن
اهو سڀ ڪجھ ڪٿئون آيو
ڪورونا قرب ڪيو آهي

سيئي ماڻهو گهرن ۾ هن

...........

واهه ڙي ڪورونا
اسان وارو عقل ٿيو دنگ
هاڻي سنگت کا سرت ڏئي
کي ماهر کا مت ڏين
باقي سڏڙين جي نينهن
صفا ڇڻ نهوڙي وڌو آ

. . .

دنيا آهي جو ڪورونا جي وبا ۾
هر طرف کان ڦاٿي پئي آهي
اسان جو قلمڪار پيو لکي
فلاڻي وباء پوءِ فلاڻي وبا آئي
هزارين ماڻهن زندگيون وڃايون
دنيا پوءِ بہ قائم دائم آ
هيءَ وبا ڇا ڪندي
هائو پائو سچو آهين
ڪجھ ڪونہ ڪندي
بس رڳو سائي هجي
يا وري سوائي هجي

...

ڪورونا جو ڪروڌ
سماج جي اٿل پٿل
معيشتن جا وڏا وڏا بت
واريءَ جي ديوارن جيان
پڄي پورا پورا پيا ٿين
جن وڪرن تي مانُ هيو
اهي ٽڪي ڪونہ ٿا ڪپن
جن جو ڪو ملھ ئي نہ هيو
اهي وري ڳولھيا ڪونہ لڀن
ها انقلاب تہ اچي پيو
ها فصل بہ پچي پيو
هاٽي ڏسئون، هيل بہ
پيل ٿيندي يا وري
ڪو لاب بہ پوندو
ڪو لاپ بہ ليندو

# ڪورونا ۾ ڪورونا

ڪورونا جي شهر ۾ ڪورونا جي برپا ڪيل ڪووڊ-۱۹ وبا. اسپين جي خودمختيار صوبي ڪورونا جي بندرگاهه واري شهر ڪورونا جو نالو به ساڳو آهي جيڪو هن عالمي وبا برپا ڪندڙ وائرس جي خاندان جو آهي. ڪورونا گليگو ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنا آهي پڳ جهڙو.

گليگو ٻولي اتر اسپين جي مقامي ٻولي آهي.

ڪورونا شهر ۾ موجود عالمي ثقافت جي مشهور نشانين ۾ ٻين عيسوي صديءَ واري بندر جي مينار lighthouse سان گڏ پٿر جا مجسما scluptures جيڪي انهن يتيم ٻارن جي يادگار طور ٺاهيا ويا هيا جن ٻارن کي ماتا جي ويڪسين اسپين مان آمريڪا ۽ ايشيا ۾ ڦهليل اسپين جي قبضي هيٺ ملڪن ڏانهن پهچائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو هيو.

اهو ظلم جو داستان ڪجهه ايئن آهي ته ڪي ۲۲ يتيم ٻار هئا جن ۾ ماتا جي بيماريءَ کان بچاءَ جي ويڪسين لڳائي، انهن کي مختلف ملڪن ڏانهن اماڻيو ويو جيئن

انهن مان رطوبت حاصل ڪري، اتي جي ماڻهن کي بيماريءَ کان بچائي سگهجي.

ان دور ۾ ريفريجريٽر اجا ايجاد ڪونہ ٿيو هيو انڪري غلام، يتيم ۽ ڪمزور فرد اهو ڪم ڪرڻ لاءِ چونڊيا ويندا هئا. ايئن سن ١٨٠٣ ۾ اسپين جي شهر ڪورونا مان دنيا ڏي ماتا جي بچاءَ جي زنده ويڪسين بحري جهاز ذريعي اماڻي وئي هئي.

انهي طريقي سان وينزويلا، گوئٽي مالا، اڪئاڊور، پاناما، فلپائين، ايستائين جو چين تائين انهن ٻارن وسيلي ماتا کان بچاءِ جو بندوبست ڪيو ويو. اهو اڻويهين صديءَ جي اوائلي ڏينهن واري بينڪيت ۾ ٿي سگهيو جيڪو هاڻي ممڪن ڪونهي. پر هاڻي جيڪو ڪجهہ ٿئي پيو اهو بہ اهڙو ساڳيو الميو دهرائيندو

انهن يتيم ٻارن کي ياد ڪندي ڪورونا جي سامونڊي بندرگاهہ تي انهن ٻارن جو مجسمو ٺاهيو ويو جيڪو اڄ يونيسڪو طرفان عالمي ثقافتي ورثو قرار ڏنل آهن.

ان مجسمي جي تصوير هن ڪتاب جي سرورق تي ڏنل آهي.

اڄ جي صورتحال اها آهي تہ امير ملڪ پنهنجي ملڪن ۾ ويڪسين ذخيرو ڪري رهيا آهن جيئن پنهنجن گهٽ ۾ گهٽ شهرين کي ويڪسين مهيا ڪري سگهن، نتيجي طور غريب رياستون، ملڪ ۽ قومون ويڪسين هوندي بہ خريد ڪري يا حاصل ڪري پنهنجي شهرين کي ميسر ڪري ڏيڻ کان قاصر آهن.

## ان الميئي کي ڪيئن منهن ڏجي:

دنيا هن عالمي وبا جي عالم ۾ جتي قاتل آهي اتي فرد چلهہ، سرمائيدار موڙي، ڪاروباري ادارا ڪاروبار ۽ ملڪ معيشتون بچائڻ جا جتن پيا ڪن.

ان ماحول ۾ جيڪو آسرو ويڪسين پيدا ڪيو اهو وري طبقاتي اڻبرابري ۽ پئسي جي نشي جي ور چڙهندي نظر پيو اچي، جنهن جو صحت جي عالمي اداري برملا اظهار بہ ڪيو آهي.

ان حالت ۾ سڀ کان وڏيڪ خطرناڪ صورتحال اها پئي سرجي تہ دنيا ۾ زندگي گذارڻ جي سببن ۽ کاڌخوراڪ جي ڪمي ٿيندي پئي ڏسجي، جنهن جو جيڪڏهن گڏيل قومن جي سطح تي ڪو سدباب نہ ڪيو ويو تہ شايد وبا

ڪان بہ وڏيڪ خطرناڪ صورت اختيار ڪري وجي ۽ جو عالمي سطح تي ڏڪار برپا ٿي پئي.

هي بند بازارون، هوٽل، منڊيون، ڪارخانا، سفري سهولتون، سياحت اڳتي هلي صنعت ۽ زراعت تي پنهنجا اگرا اثر ڏيکارين پيون ۽ اجا بہ وڏيڪ ڏيکاريندين جنهن جو سڌو اثر وري ڪمزور طبقن ۽ خاص ڪري عورتن ۽ ٻارن تي پوندو جيڪو دنيا ۾ هڪ پورو نسل لوڙهي ڇڏيندو.

ٻار جيڪي اسان کي بظاهر تہ هن بيماري ڪووڊ ـ ١٩ کان گهٽ متاثر ٿيندي ڏسجن ٿا، اهي نہ صرف سڀ کان وڏيڪ متاثر ٿي چڪا آهن پر مسلسل متاثر ٿين پيا. ٿورو ڌيان ڪيئون تہ اسڪول بند، راندين جا ميدان بند، خاندان هڪٻئي کا وڇڙيڪا، اهي سڀ ڪنهن کي وڏيڪ متاثر ڪن ٿا. ظاهر آهي ٻارن ۽ نارين کي.

انهي سڄي صورتحال کي رياستن جي روئيي ڪيترو متاثر ڪيو آهي، اهو ڪنهن کان بہ لڪل ڪونهي. ساڄي ڌر جا پاپولسٽ حڪمران ۽ سرمائيداري معيشتون بنيادي انساني اخلاقي قدرن کان عاري تہ هونديون آهن پر هن عالمي وبا ۾ تہ صفا ظاهر ظهور نظر پيا اچن.

ويڪسين قومپرستيءَ جي نالي ۾ دنيا هڪ بالڪل نئين قسم جي اخلاقي پستيءَ جي وبا ۾ مبتلا آهي جنهن جي قيمت اسرندڙ غريب ملڪن ۽ ڪمزور طبقن کي ادا ڪرڻي پوندي.

هن عالمي وبا ۾ دواساز ڪمپنيون پئسو ڪمائڻ ۾ رڌل آهن جڏهن تہ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ويڪسين ٺاهڻ جي عمل کي نام نهاد ڪاروباري بندشن مان آزاد ڪري هر ملڪ ۾ ويڪسين تيار ڪرڻ جون سهولتون قائم ڪرڻ گهرجن جيئن دنيا هن بدترين عالمي وبا مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري.

سائنسدان ۽ پبلڪ هيلٿ جا ماهر بارها اهو ورجائي چڪا آهن تہ رڳو پنهنجي ملڪن ۾ ويڪسين مهيا ڪرڻ سان هن وبا تي ڪو خاص اثر ڪونہ پوندو. ها وقتي طور تي سگهي ٿو ڪو فائدو ملي.

وائرس تيزيءَ سان پنهنجي شڪل ۽ مزاج تبديل پيو ڪري ۽ ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو ميسر ويڪسين بہ وائرس خلاف بچاءُ پيدار ڪرڻ جي صلاحيت وڃائي ويهن جنهن جو اشارو ڏکڻ آفريڪا جي سائنسدانن ڏنو بہ آهي.

# جانور، انسان ۽ جٽيو

ڪووڊ- ١٩ جي جاري عالمي وبا ۾ جتي ڪيتريون ئي عجيب ۽ غريب خبرون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون، اتي ڪجهه خبرون ماڻهوءَ کي ڇرڻ پندپاهڻ ڪريو ڇڏين. اهڙين خبرن مان هڪ خبر يورپ جي ملڪ ڊنمارڪ مان آئي جتي پالتو لڌڙن (Mink) جا فارم ختم ڪيا ويا ۽ جانورن کي ماريو ويو جيئن هن عالمي وبا جي ڪارڻ وائرس سارس ڪوو٢ ۾ ٿيندڙ جينياتي تبديلين کي روڪي سگهجي.

ڇا دنيا جانورن مان انسانن ڏانهن منتقل ٿيل هن بيماريءَ جي نين ڏکيائين ڏي پئي وجي؟

اها نئين صورتحال جيڪا ڊنمارڪ جي پالتو لڌڙن جي فارمن تان پيدا ٿي آهي، جنهن ۾ لڌڙن مان وائرس انسانن ۾ بيماريءَ جو سبب بڻيو آهي. هن وقت تائين ٢٠٠ کان وڌيڪ فرد ان حالت جو شڪار ٿيا آهن. جن مان انهن فارمن تي ڪم ڪندڙ ١٢ مزدورن ۾ تبديل ٿيل سارس-ڪوو٢ (mutated form of SARS-CoV2) جي هجڻ جي تصديق ٿي آهي. خيال اهو ظاهر ڪيو پيو وڃي تہ ڊنمارڪ جي اترين علائقن ۾ شايد وائرس جو اهو قسم بيماريءَ جو سبب آهي.

ڪجهه ڏرين جو خيال آهي ته وائرس ۾ پيدا ٿيل اها تبديلي ڪٿي ويڪسين جي مد ۾ ٿيل اڳيرائيءَ لاءِ نقصانڪار نه ٿئي. اها خبر پلي ويڪسين پروگرام کي کو وڏو چيهو نه رسائي پر پوءِ به ڪين اک پٽرائي ڇڏي اٿس.

## وائرس جو ٻين جانورن ۾ ڦهلجڻ

اهو ته شروع کان معلوم هيو جڏهن ڊنمارڪ ۾ لاڏڙن ۾ وائرس ڦهليو هيو، اهڙي ريت ڪتن، ٻلن، چيتن ۽ شينهن ۾ پڻ پکڙيو آهي پر سواءِ هن شاهديءَ جي ڪٿي به اهڙي شاهدي ڪونه ملي آهي ته ڪو وائرس انهن جانورن مان وري انسانن ۾ بيماريءَ جو سبب بڻجي ٿو.

هن وقت تائين اهو پئي سمجهيو ويو ته هي وائرس صرف هڪ انسان مان ٻين انسانن ڏي ساهه جي وسيلي ڦهلجي ٿو. ڏنو وڃي ته اجا تائين اها خبر نه پئجي سگهي آهي ته هي وائرس ڪهڙي جانور مان انسانن ڏانهن منتقل ٿيو جيتوڻيڪ گهڻو شڪ چمڙن (Bats) ۾ آهي.

وائرس ۾ ٿيندڙ جينياتي تبديليون ان جي اثر کي گهٽائي وڌائي سگهن ٿيون جيڪو ڪو سنو سنئون ڪونهي. جنهن رفتار سان اها ڳالهه سامهون اچي پئي ته

هي وائرس آسانيءَ سان ٻين جاندارن ڏانهن منتقل ٿئي ٿو ۽ کين بہ بيمار ڪري سگهي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ وائرس اندر جينياتي تبديليون ٿين ٿيون. اهو عمل جينياتي طور مختلف وائرس جي نمونن کي جنم ڏيندو جيڪي اڳتي هلي انسانن جي مٿي جو سور ثابت ٿيندا.

## لڌڙن ۾ وائرس

هن وقت تائين مليل ڄاڻ مطابق لڌڙن ۾ وائرس جي ٻاهرين اپار (spikes) ۾ بدلاءُ آيو آهي جيڪي ڪيس انسان جي جسم ۾ داخل ٿيڻ ۾ مدد ڪندا آهن. ڏنو وڃي تہ گهٽيون نهندڙ ويڪسين بہ ان تي پاڙن پيون تہ اهي ان وائرس جي داخل ٿيڻ جي صلاحيت کي ختم ڪن.

جيڪڏهن اهي تبديليون ٿيڻ جي پڪي شاهدي ملي ٿي تہ اهڙيون ويڪسين جيڪي mRNA واري ٽيڪنالاجيءَ تي ٺهيل هونديون نهڻ ڪان اڳ ئي بي اثر ٿي وينديون.

لڌڙن وارو هي حادثو اسانکي وري وري ياد پيو ڪرائي تہ وچڙندڙ بيمارين تي نظر رکڻ (surveillance) جي ڪيتري اهميت آهي. صحت جي عالمي اداري سڀني ملڪن کي تاڪيد ڪيو آهي تہ اهي پنهنجون نظرداريءَ جون سرگرميون مربوط طريقي سان منظم ڪن جيئن

وائرس جي ورتاءَ ۾ ٿيندڙ تبديلين تي نظر رکي سگهجي.

صحت جي عالمي اداري سڀني ميمبر ملڪن کي خبردار ڪيو آهي ته اهي انسانن ۽ جانورن وچ ۾ ڦهلجندڙ بيمارين خاص ڪري جانورن مان انسانن ڏانهن منتقل ٿيندڙ بيمارين تي گهري نظر رکن ۽ اهڙا اپاءَ وٺن جيئن انهي خطري کي منهن ڏئي سگهجي. هن اهو پڻ تجويز ڪيو آهي ته پالتو جانورن جي واڙن تي ڪم ڪندڙ مزدورن جو خيال رکي انهن ۾ ڪووڊ-١٩ جي ڦهلاءَ تي پڻ نظر رکڻ گهرجي جيئن ڊنمارڪ جهڙي صورتحال کان بچي سگهجي.

هتي اهو به واضح ڪندو هلان ته ڊنمارڪ هڪ ڪروڙ ستر لک پالتو لڌڙن کي ماري تلف ڪيو آهي، جيئن وبا ۾ ڪو نئون رخ نه پيدا ٿئي.

اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته هن عالمي وبا جي ماحول ۾ پنهنجو، پنهنجي گهر وارن، پيارن، دوستن، ڳوٺ واسين، محليدارن، شهرن ۽ ڳڏ ڪم ڪندڙ دوستن توڙي هارين نارين ۽ مزدورن جو پڻ خيال ڪريون.

- پنهنجي گهرن ۾ رهو

- هرو ڀرو ٻاهر نہ نڪرو.
- مٿي مائٽن يا سنگت ڏانهن اجايو سجايو نہ وڃو.
- هر هر صابڻ سان هٿ ڌوئو.
- سماج ۾ هڪ ٻئي کان وٿيرڪا رهو.
- گهرياتين سان وٿيرڪي ٿيڻ جي ڪوشش نہ ڪريو
- ڪنگهہ، زڪام محسوس ڪيو يا گهر کان ٻاهر نڪرو تہ سوٽي ڪپڙي جو گهر ۾ ٺهيل ماسڪ ضرور پايو.
- بخار، ڪنگهہ، زڪام يا طبيعت ۾ فرق محسوس ڪيو تہ ڊاڪٽر سان فون تي مشورو ڪيو.
- جيڪڏهن ڪووڊ - ١٩ جو شڪ هجي تہ 'هُدو' (ڪوارنٽائين) ڪريو ۽ پنهنجي ٽيسٽ ڪرائڻ لاءِ حد جي ضلعي صحت آفيس سان رابطو ڪريو.

ڪنهن بہ ليبارٽريءَ مان توهان جي PCR ٽيسٽ پازيٽو اچي تہ هرو ڀرو ٻيهر يا ٽيهر ٽيسٽون نہ ڪرايو.

ملڪ ۾ ٽيسٽون ڪرڻ جي سامان جي قلت بہ آهي ۽ بچت جي ضرورت پڻ آهي.

جيڪڏهن توهان جي ڪووڊ- ١٩ جي 'پي سي، آر' ٽيسٽ پازيٽو اچي تہ پاڻ کي گهر ڀاتين کان 'رَڪَ' ڪري الڳ ٿلڳ (آئسوليشن) ٿيو. بهتر اهو ٿيندو تہ آئسوليشن لاءِ سرڪار طرفان مقرر سهولتن جو فائدو حاصل ڪريو.

جيڪڏهن توهان جي PCR ٽيسٽ 'نيگيٽو' اچي ۽ توهان مرض جون علامتون بہ محسوس نہ ڪريو تہ 'هُدو' يا وري 'رَڪَ' ڪري الڳ ٿلڳ ٿيڻ جي ضرورت ڪونهي. پر، ان صورت ۾ پنهنجي معالج جي مشوري مطابق علاج جاري رکڻ گهرجي.

جيڪڏهن آئسوليشن اسپتال کان ٻاهر، پنهنجي گهر ۾ گذارڻ چاهيو ٿا تہ ڊاڪٽر ۽ سرڪاري عملي طرفان مليل هدايتن تي سختيءَ سان عمل ڪريو.

آئسوليشن ۾ وڃڻ وقت پنهنجي رابطي واري ڊاڪٽر يا صحت ڪارڪن کان اهو معلوم ڪري ونو تہ جيڪڏهن خدا نہ ڪري ساهہ ۾ تڪليف ٿئي تہ توهان کي ڪهڙي اسپتال وڃڻو پوندو ۽ ايمبولنس لاءِ ڪيئن رابطو ڪرڻو آهي.

ڪورونا اينٽيباڊي ٽيسٽ جو ڪھڙو بہ نتيجو اچي، ان سان اھڙي ڪابہ ضمانت ڪونھي تہ توھان کي ڪووڊ- ١٩ جي بيماري نہ ٿيندي.

صحتياب ٿيل مان بيماري ٻين ڏانھن منتقل ٿيڻ جا امڪان نہ ھجڻ برابر آھن.

ھڪ دفعو بيماري ٿيڻ سان ٻيھر بيمار نہ ٿيڻ جي ڪا مستند ثابتي ڪونھي. مطلب ھڪ دفعو صحتياب ٿيل فرد وري ٻيھر بيمار ٿي سگھي ٿو.

اسان کي اھو نہ وسارڻ گھرجي تہ جانورن جون بيماريون شايد انسانن لاءِ ھن صديءَ جو وڏي ۾ وڏو خطرو آھن جنھن کي صرف ماحول کي بھتر بڻائي ضابطو آڻي سگھجي ٿو.

آباديءَ جي بي ھنگم واڌ، ماحولياتي تبديليون، ٻيلن جو خاتمو ان مسئلي جا بنيادي سبب آھي

# ڪووڊ۔ ١٩ جو علاج

اڄ صحت جي عالمي اداري دنيا کي خبردار ڪيو آهي تہ ڪنهن نہ ڪم جي دوا "ريمڊسوائر" جنهن کي هڪ ارب پتي سرمائيدار آمريڪي صدر ٽرمپ سان سازباز ڪري ڪووڊ۔ ١٩ جي علاج لاءِ دنيا تي ٿوپيو هو، انهي ريمڊسوائر نالي دوا جو "سارس ۔ ڪوو٢" نالي وائرس جي برپا ڪيل ڪووڊ۔ ١٩ بيماريءَ يا ان جي پيچيدگين تي ڪوبہ واضح اثر ڪونهي.

جڏهن مون ٥ جولاءِ ٢٠٢٠ تي هڪ بلاگ لکيو هيو تہ اهي سرمائيدار انهن سپني دوائن جا سندن گدامن ۾ سڙندڙ ذخيرا کپائڻ جا سانگا پيا ڪن، جيڪي ڪنهن بہ ڪم جون ڪونهن تہ ڪنهن جي ڪن تي جونءِ بہ نہ چري.

هنن ظالمن پهريان نيٽو جي گدامن مان مليريا جي دوا ڪلوروڪئين ڪڍي بازار ۾ کپائي، جڏهن اها مليريا لاءِ بہ ڪم جي ڪونہ رهي هئي ۽ وري ريمڊسوائرremidsvir جيڪا ڪنهن بہ ڪم جي ڪونہ هئي اها بہ مهانگي اگهہ تي کپائي.

هاٽي جڏهن سندن گدام خالي ٿيا تہ اهو اعلان اچي ويو تہ اها ڪنهن بہ ڪم جي ڪونهي.

مونکي شڪ آهي تہ هي بازر ۾ گند ڪپائڻ جا ماهر ويڪسين جي سلسلي ۾ بہ اسان ڏتڙيل ملڪن سان ساڳو حشر ڪندا.

ڪڏهن ڪنهن پڙيءَ تي وجي ڏسو، ڪيئن آڙتين جا پنهنجا شاهينگ اگهہ وڌائڻ لاءِ واڪ ڏيندا آهن.

مال پڙيءَ تي آڙتي گڏهہ، گابي جي اصل، نسل جون تعريفون ڪندا آهن.

بالڪل ساڳي طريقي سان سرمائيدار ملڪ پنهنجي پنهنجي ملڪن جي ويڪسين ڪپائڻ لاءِ وڏا وڏا واڪ پيا ڏين.

گهڙي ڪن سوچيو، منهنجو سڏ انهن سيني ڪي آهي جيڪي اسان جي ملڪ ۾ ويڪسين جي ٿڏي سلسلي cold chain واري ڪم ۾ حصو رهيا آهن تہ هن نئين ويڪسين کي منفي ٨٠ ڈگري سينٽيگريڊ جو ڪولڊ چين گهرجي. ان حالت ۾ هتي اسان جي ملڪ واري گرميءَ ۾ اها ويڪسين ويئرهائوس کان گهر گهر يا ڏورانهن صحت مرڪزن تي پهريان پهچائڻ ۽ پوءِ هتيڪي رکڻ

لاءِ جيڪو سازوسامان گهرجي، هي تہ پهريان اسانکي اهو ڪپائيندا ۽ پوءِ ٻڌائيندا تہ انهي ويڪسين جي تجربيگاهن ۾ ڪارڪردگي efficiancy تہ تمام سٺي هئي پر ميدان ۾ پهچڻ ڪانپوءِ ان جو اثر efficacy ساڳي نہ بچي آهي.

توهان شايد انکي صحيح گرمي پد تي رکڻ يا هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائڻ ۾ ڪٿي غلطي يا سستي ڪئي آهي.

توهان جي رنگ، نسل، رهڻي ڪهڻي جو شايد ان ويڪسين جي ڪارڪردگيءَ تي ڪو اگرو اثر ٿيو آهي.

سامان ڪپائڻ جو بہ هنن جديد طريقو ڳولهي ورتو آهي. اسانکي چوندا تہ توهان بجيٽ ناهيو، اسان توهانکي چاليهہ سيڪڙو امداد ڏيندا سين، باقي قرض کڻو. قرض جي عيوض ڪا ايئرپورٽ يا ڪو روڊ گروي رکو. انهي سڄي ڪم لاءِ بين الاقوامي اين جي او ڪي نيڪو ڏيو. اها اين جي او سندن ملڪ جي هوندي ۽ سٺ سيڪڙو رقم انتظامڪاري ۽ پيشاوراڻي سهڪار جي مد ۾ واپس سندن ملڪ موٽي ويندي. بچيل رقم مان ويڪسين بہ سندي ملڪ مان خريد ڪرڻي پوندي.

انڪري انهن سڀني حقيقتن کي سامهون رکي پوءِ جاڳندي خواب ڏسجو.

## جٽيو ۽ ٻار

هن عالمي وبا ۾ مسئلو رڳو ٻارن سان ڪونهي. مسئلو اسانجي اجتماعي سماجي روئين ۽ آباديءَ ۾ بي هنگم واڌ جو بہ آهي. وبا جي هن عالم ۾ جٽيو (وائرس) گهر گهر ۽ گهٽي گهٽي موجود آهي. اسان جي هر گهر ۾ سراسري طور ڇهن کان وڌيڪ ڀاتي آهن ۽ گهر وري هڪ ڪمري جو آهي. مطلب تہ اسان ٻن ماڻهن جي جاءِ تي ڇهہ ڄڻا واڙيل يا ستيل آهيون.

هي جٽيو جنهن ڪووڊ- ١٩ نالي وبا برپا ڪئي آهي ان جو ڪو علاج بہ ڪونهي صرف پنهنجي رهڻي ڪهڻي بهتر ڪري ان کان بچاءُ ڪري سگهجي ٿو.

هي جٽيو پيهہ ۾ سولائيءَ سان هڪ فرد مان ٻئي ڏي منتقل ٿئي ٿو، جيڪا اسان ڪيس اسڪولن، شادين، جلسن جلوسن، سفر دوران، دڪانن ۽ اسپتالن ۾ فراهم ڪريون ٿا.

ٻار انهي جٽيئي جي ڦهلاءَ جو خاموش وسيلو ٿين ٿا. ٿوري نظر شهرن جي انهن خانگي اسڪولن تي بہ وجهو جيڪي ٨٠ يا ١٢٠ والن جي گهرن ۾ قائم آهن. اهڙن اسڪولن ۾ ٻار هڪبئي کان هن وبا جي ڏينهن ۾ گهربل وٿي ڪيئن قائم ڪري سگهندا.

اسڪولن ۾ ٽوائليٽ ۽ هٿن ڌوئڻ لاءِ پاڻي جو هجڻ به وڏو مسئلو آهي. اهو مسئلو ڪو هن وبا پيدا ڪونه ڪيو آهي. اسانجي اسڪولن جو پراڻو مسئلو آهي.

ٻارن ۾ هن بيماريءَ ڪووڊ-١٩ جون علامتون گهٽ ٿو ظاهر ڪونه ٿيون ٿين، انڪري ڪنهن کي خبر ئي نٿي پئي ته ٻار اها بيماري گهران کڻي آيا يا اسڪول مان.

اهڙي ريت هڪ ٻار مان ٻين ڏانهن منتقلي جي به خبر نٿي پئي. انهيءَ حالت ۾ ٻارن کي بچائڻ سڀ کان بهتر حڪمت عملي آهي. هونءَ به اسان ڪو دنيا ۾ انوکي مخلوق ته ڪونهئون جو هرويرو اسڪول کولي ويهي پنهنجي لاءِ عذاب پوکيئون.

هڪ وچڙندڙ ساهه جي بيماري جيڪا سڄي وايومنڊل ۾ موجودآهي، ان کان ڪير به بچيل هجي ممڪن ڪونهي. ان حالت ۾ اهي فرد جن ۾ بيماريءَ جون علامتون به ظاهر ڪونه ٿيون ٿين خاموشيءَ سان بيماريءَ جي ڦهلاءَ جو سبب بڻجن ٿا جن ۾ ٻار به شامل آهن. انڪري ٻار جيڪڏهن گهر تائين محدود هوندا يا وڌ ۾ وڌ گهٽيءَ تائين ٻاهر نڪرندا ته هن بيماريءَ تي ضابطو رکي سگهجي ٿو.

## هٿ ڌوئڻ

صابڻ سان هٿ ڌوئڻ هڪ صحتمند رجحان سان گڏوگڏ مئوثر ۽ سستو عمل آهي، جنهن سان ڪوِڊ سميت ڪيترين ٻين وچڙندڙ بيمارين کان بہ بچي سگهجي ٿو.

سائنسي معلومات مطابق هٿن ڌوئڻ سان ساهہ جي سرشتي جون وچڙندڙ بيماريون هڪڙي ويهہ (٢٠٪) بچائي سگهجن ٿيون. اها تہ پڪ خبر هوندوَ تہ سَوَ ۾ پنج ويهون هونديون آهن.

اهڙي ريت هن ڪوِڊ جي هلندڙ وبا ۾ پڻ صابڻ سان هٿ ڌوئڻ سان پاڻ کي بہ بچائي سگهجي ٿو ۽ بيماريءَ کي ڦهلجڻ کان بہ روڪي سگهجي ٿو.

### صابڻ ڪيئن اثر ڪندو آهي

ڪوِڊ جو سبب بڻجندڙ جٽيو (وائرس) جينياتي مواد تي ٻڌل آهي جنهن کي چوڌاري چرٻيءَ جي ڪل نما چڙهيل آهي. جنهن ۾ موجود سنهڙا وار ceillia ان جٽيئي کي انساني جسم ۾ داخل ٿيڻ ۾ مدد ڪندا آهن.

صابڻ ۾ موجود ڪيميائي مواد، انهي چربيءَ کي ڳاري ڇڏيندو آهي. اهڙي ريت جٽيئي جي انساني جسم ۾ داخل ٿيڻ جي صلاحيت ختم ٿي ويندي آهي.

ان ڪانسواءِ جڏهن ڌوئڻ وقت اسان هٿ مهٽيندا آهيون ته هٿن جي ڪل تي، آڱرين جي وچ ۾ موجود مختلف جيت، جراثيم، جٽيا، ڪيئان يا ڪو ڪِنُ قِٿُ مَرُ مٽيءَ سان مهٽجي به لهي ويندو آهي.

صابڻ کي هٿن تي مهٽڻ سان انجو اثر ٿيندو آهي، ڪنهن برانڊ جو ڪو خاص فرق ڪونهي. بس، صابڻ هجڻ گهرجي.

## هينڊ سينيٽائيزر

ايٿائيل الڪوحول ethyl alcohol جنهن کي 'ايٿنول' ethanol به چوندا آهن يا آئسوپروپائيل الڪوحول isopropyl alcohol نالي ڪيميائي مادي جي ڏهه سيڪڙو محلول جي لپ پري هٿن تي چوڌاري ملي، مهٽي سڪائڻ سان هٿن کي صاف رکي سگهجي ٿو.

ياد رهي "لپ پري"، ڪجهه ڦڙن سان ڪو فائدو ڪونهي.

## صابڻ يا سينيٽائيزر

سينيٽائيزر ڪي جيڪڏهن صحيح مقدار ڪٽيءَ سفارش ڪيل طريقي سان استعمال ڪجي تہ اهو بہ بهتر متبادل ٿي سگهي ٿو پر جيڪڏهن سهولت هجي تہ صابڻ سان هٿ ڌوئڻ وڌيڪ بهتر ڏنو ويو آهي.

سينيٽائيزر استعمال ڪرڻ سان جٽيئي (وائرس) جا ذرا هٿ تي رهجيو وڃن، جڏهن تہ صابڻ پاڻيءَ سان اهي ڌوپجي ويندا آهن. جن جڳهن تي پاڻي عام جام ميسر ڪونهي اتي هٿن ڌوئڻ لاءِ خاص بندوبست ڪرڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ هٿن ڌوئڻ سان رڳو ڪووڊ-١٩ نہ پر ڪيترين ٻين بيمارين کان بہ بچاءُ ٿئي ٿو.

اسڪولن ۽ اسپتالن ۾ تہ داخل ٿيڻ وقت لازمي هٿ ڌوئڻ جو رواج قائم ڪرڻ گهرجي جيئن خلق کي هٿن ڌوئڻ جي عادت بہ پئي ۽ سهولت بہ هجي.

# وبا ۽ توليدي صلاحيت

هاڻي متان ڪو خيال ڪن . ڪووڊ ـ ١٩ جي عالمي وبا ۾ هن مرض جون انسانن تي ٿيندڙ پيچيدگيون ۽ ان ڏس ۾ ٿيندڙ تحقيقون هر ڏينهن نيون نيون ڇرڪائيندڙ حقيقتون ظاهر ڪن ٿيون.

دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ٿيل تحقيق مان ڏس مليو آهي ته ڪووڊ ـ ١٩ جي بيماري مردن جي توليدي صلاحيت، سولي سنڌيءَ ۾ ڪنهن عورت کي ڏِڪو ڪرڻ جي طاقت گهٽجي ٿي يا ڪٿي بالڪل ختم ٿي وڃي ٿي.

اهڙيون شاهديون آمريڪا ۽ چين ۾ ڪووڊ ـ ١٩ وگهي حياتيون وڃائيندڙ مردن جي ڪسين (پيلن) تي تحقيق مان مليون آهن.

هاڻي تي سگهي ٿو پنهنجي پياري ملڪ ۾ مرد ڪو ڌيان ڪن. اهو ٻه ٿي سگهي ٿو ته هن وبا مان ڌرتيءَ کي اها چڱائي ٿئي ۽ آباديءَ ۾ بي هنگم واڌ تي ڪو فطري ضابطو اچي.

آمريڪا ۽ چين جي سائنسدانن جو خيال آهي ته وبا پڄاڻان مردن کي اهو تشخيص ڪرائي ثابت ڪرڻو پوندو ته هو ٻار ڄڻڻ جهڙا ٻچيا آهن يا وبا پنهنجو ڪرشمو ڏيکاري وئي.

## وبا ۽ غربت

ڪووڊ- ١٩ جي عالمي وبا جتي صحت جي سهولتن لاءِ امتحان ڪڙو ڪيو آهي اتي ڪيترائي سماجي ۽ معاشي ڦاٽ پڻ پڌرا ڪيا آهن.

هن وبا دنيا ۾ موجود غربت ۽ کاڌ خوراڪ جي مسئلن کي جتي وڌايو آهي اتي اڳي کان موجود مسئلن کي به نروار ڪيو آهي.

هن وقت دنيا ۾ ٧٠ ملين ماڻهو مالي غربت جي زندگي گذارين ٿا.

هونءَ ته غربت جا جيڪي نوان نرماڻ آهن انهن ۾ تعليم، ساڃاهه، صحت، سماجي سمجهه سيئي ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ غربت برپا ڪن ٿا پر هي تعداد انهن ماڻهن جو آهي جيڪي سرمائيداري دنيا جي مقرر ڪيل آمدنيءَ جي وصف مطابق غريب آهن.

هي اهي ماڻهو آهن جن جي روز جي آمدني ٻن آمريڪي ڊالرن کان گهٽ آهي.

چون ٿا ته هيءَ وبا رڳو هن سال ٢٠٢٠ ۾ اهو انگ ٧٠ ملين مان ١١٥ ملين تي پهچائي ڇڏيندي.

وبا جي ڪري غربت جي خاتمي وارين ڪوشش ڪي ڇيهو رسندو ۽ غربت ۾ غير معمولي اضافو ٿيندو.

سن ٢٠٠٨ کان سن ٢٠١٣ تائين هر سال دنيا مان ١٠ ملين فرد غربت مان پار پوندا هئا. سال ٢٠١٥ ۾ دنيا جي ڏهه سيڪڙو آبادي غربت جي ور چڙهيل هئي جيڪا سن ٢٠١٩ ۾ ٨.٤ سيڪڙو تي پهتي هئي. خدشو اهو پيو ظاهر ڪيو وڃي تہ سن ٢٠٢١ ۾ غربت ٨.٩ سيڪڙو تي ويندي جنهن جو وبا کان اڳ ڪاٿو ٥.٧ سيڪڙو هيو.

وبا جي ڪري غربت ۾ صنفي فرق بہ وڌندو مطلب مردن جي نسبت عورتون وڌيڪ غريب ٿينديون. ان جو سبب صحت جي سهوليتن جي گهٽتائي، تعليم جي سهولتن ۾ ڪمي ۽ مزدوري نہ ملڻ نمايان هوندا.

وبا کان اڳ بہ عورتون مردن جي نسبت چار سيڪڙو وڌيڪ غريب هيون. وبا جي ڪري وڌيڪ ٤٧ ملين عورتون غربت جو شڪار ٿينديون جن جي اڪثريت وري اسان جهڙن ملڪن ۾ آهي.

شهرن جي چوڌاري ڪچين آبادين جا رهائشي ۽ هينئين ٽوٽي وچئين طبقي جا شهرن ۾ رهندڙ ماڻهو پڻ هن وبا ۾ متاثر ٿيندا.

غربت جيڪا وبا کان اڳ جهڙو ڀراڙين ۾ رهندڙ هاري، مزدور ۽ عورت جو مسئلو سمجهي ويندي هئي، اها هن وبا جي ڏينهن ۾ شهرن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري آيل ڪٽنبن ۽ فردن کي پڻ متاثر ڪندي.

وبا پڄاڻان دنيا ۾ رهندڙ غريبن جو ۳۰ سيڪڙو انهن شهرن جي رهاڪن جو هوندو.

غربت جي ڪري بک ۽ غذائي ڪميءَ ۾ پڻ دنيا ۾ واڌ ايندي. وبا کان اڳ پوري دنيا ۾ ۸۲۱ ملين فرد اهڙا هئا جن کي ايندڙ ويلي جو فڪر هوندو هيو، انهن ۾ وبا جي سبب ۱۳۰ ملين جو واڌارو ٿيندو.

اهو به نه وسارڻ گهرجي ته جنگين جي ڪري ٿيندڙ لڏ پلاڻ انهن انگن ۾ واڌارو ڪري سگهي ٿي. جنهن ڪري سن ۲۰۲۱ ۾ اهڙن فردن جو انگ ۲۶۵ ملين ٿي ويندو جن کي ويلي جي بندوبست لاءِ ٻين تي ڀاڙڻو پوندو.

غربت جي هن عذاب کان پاڻ پرا ملڪ جن کي مڊل انڪم ڪنٽريز چوندا آهيون، سي کان وڌيڪ متاثر ٿيندا. دنيا ۾ وبا جي سبب پيدا ٿيل نون غريبن جو ۸۲ سيڪڙو انهن پاڻ پرن ملڪن جي شهرين جو هوندو.

اهو به نه وسارڻ گهرجي ته غريب ۽ جنگين ۾ ڦاٿل ملڪن ۾ ٿيندڙ غربت ۾ اضافو پڻ ڪو معمولي اضافو نه هوندو.

گڏيل قومن ڪي اداري طور ۽ ملڪن ڪي انفرادي طور انهي ايندڙ صورتحال ڪي منهن ڏيڻ لاءِ مربوط حڪمت عملي جوڙڻي پوندي جيئن غربت ۽ کاڌخوراڪ جي کميءَ سبب پيدا ٿيندڙ صورتحال ڪي انساني الميو ٿيڻ کان روڪي سگهجي.

ياد رکجو جيڪڏهن اسان انسان اجتماعي طور مستحڪم ۽ محفوظ ناهيون ته انفرادي طور فرد، سماج يا رياستون پاڻ ڪي انهن اگرن نتيجن کان بچائي ڪو نه سگهنديون.

هتي هڪ نئين ذميواري وري انهن فردن، تنظيمن ۽ طبقن تي به اچي ٿي جيڪي پاڻ ڪي انسان دوست، ترقي پسند يا روشن خيال سمجهن ٿا. انهن ڪي هاري، مزدور، عورت ۽ غربت کان متاثر فردن، خاندانن ۽ گهرن ڪي منظم ٿيڻ ۾ سهائتا ۽ رهنمائي فراهم ڪرڻي پوندي.

اهو به ڌيان ۾ رهي ته هي اهڙو ماحول هوندو جنهن ۾ مذهب ۽ قومپرستي سرمائيدار جو انهن غريبن جو استحصال ڪرڻ لاءِ محبوب هٿيار هوندو.

# وبا ۽ تعليم جا سجڻ

عالمي وبا ۽ ملڪ ۾ ڪووڊ ـ ١٩ جي وڌندڙ مريضن واري حالت کي سامهون رکنديِ، اڄ ٢٣ نومبر ٢٠٢٠ تي وفاق ۽ چئني صوبن گڏجي فيصلو ڪيو آهي ته ملڪ ۾ اسڪولنِ، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين سميت سڀ تعليمي ادارا ٢٦ نومبر کان ٢٤ ڊسمبر تائين رڳو فاصلاتي طريقي سان شاگردن کي پڙهائي ڪرائيندا.
جڏهن ته ٢٥ ڊسمبر ٢٠٢٠ کان ١٠ جنوري ٢٠٢١ تائين سياري جون موڪلون هونديون.
انهي سلسلي ۾ هي مڪالمو اوهان سان ونڊ ڪجي ٿو هن مڪالمي ۾ اڪثر سوال سائين مٿل جسڪاڻيءَ جي فيس بوڪ پوسٽ تان کنيل آهن.
جواب ڏيندڙ توهانجو خادم عبدالرحمٰن پيرزادو آهي اميد ته توهان کي پسند ايندو.
سائين مهرباني ڪري هن وبا جي ڏينهن ۾ تعليم جي حوالي سان ڪجهه سوالن جا جواب ڏيو ـ
اهو ٻڌائجو ته هي جيڪي فيصلا ٿيا آهن. انهن متعلق اوهان جي راءِ ڇا آهي :
سوال: ڇا اسڪول بند ڪرڻ صحيح فيصلو آهي؟

جواب: سائين،
اهو بہ راڄ ڪان پڇي ڪيئون،
ڪي پنهنجي منهن.
منهنجي خيال ۾ سنگت ڪان پڇي وٺن ها.
اڳي ئي مندي پئي هلي.
سوال: دنيا جي ٻين ملڪن ۾ ڇا پيو ٿئي؟
جواب: سائين،
سڄي دنيا جو ڪارو منهن لڳو پيو آهي.
نياڳن تعليمي ادارا بند ڪري ڇڏيا.
خبر ناهي
اتي خانگي اسڪولن وارا، مالڪ اديب، صحافي، دانشور
۽ سماج سڌارڪ چپ چو وينا آهن.
آمريڪا، برطانيا، فرانس، جرمني، آسٽريليا جاڏي ڪاڏي
اسڪول بند، پيا ٻڌئون.
ڀلا ڪاٿي تہ سنگت جي هلندي هوندي.
سوال: تعليم جو فڪر صرف پاڻ کي چو؟
جواب: سائين
تعليم تہ هونءَ وري ڪهڙي آ هتي
اسانکي تعليم جو تہ خير ايترو فڪر ڪونهي
باقي

هو جيڪو مون قرض ڪڍي
پروڪي سال خانگي اسڪول کوليو هو نہ ٨٠ والن جو
گهر مسواڙ تي وٺي
انهيءَ جي ڳڻتي اٿم.
جي مالڪن خالي ڪرائي ورتو تہ
بئنچون، ڪرسيون
جيڪي سرڪاري اسڪول مان ڪٽائي رکيون اٿم
اهي بہ هيڏي هوڏي ٿي ويندِيون
سوال: دنيا جا ٻيا ملڪ تعليم جي معاملي ۾ غير سنجيده ڇو آهن؟
جواب: سائين! اها ڪا نئين ڳالهہ ٿورئي آهي.
هو ڪڏهن سنجيده رهيا ئي ڪونهن.
فنليند وارا نياڳا تہ ٻارن کان امتحان ئي ڪونهن وٺندا.
ڪي تہ وري اهڙا چندا اٿو جو داخلا تا ڏين ستين سال،
پاڻ تہ ٻن سالن واري ڪي بہ بئنچ تي ويهاريو ڇڏيئون.
يورپ تہ ٺهيو، هو ڪينيا وارا چندا بہ پنهنجي ٻارن کي
هاءِ اسڪول ۾ اهو ڪافر ملحد مارڪس پيا پڙهائين.
يلا توهان ئي ٻڌايو
اهي نياڳا يورپ وارا ڪڏهن ڪو پاڪ ڪتاب اسڪولن ۾ پڙهائيندا آهن.

# ويڪسين جو آسرو

ڪووڊ ـ ١٩ جي هن عالمي وبا ۾ هر طرف ڪنهن نہ ڪنهن نئين ويڪسين جو خبرون اچن پيون. سرمائيو پاڻ کي ٻيڻو ٽيڻو ڪرڻ جي ڊوڙ ۾ رڌل آهي.

اهي خبرون تہ پليون پر اهو ياد رکڻ گهرجي تہ اهي اجا آسرا آهن.

جيستائين وجي ڪا ويڪسين مڪمل ٿئي، ان جي رجسٽريشن ٿي وجي.

ملڪن لاءِ سڀ کان ڏکيو ڪم انهن ويڪسين کي فيڪٽرين، گودامن ۽ اسٽورن کان گراهڪن تائين پهچائڻ دوران ٿڌي سلسلي (ڪولڊ چين) کي برقرار رکڻ هوندو ياد رکجو هن وقت تائين جيڪي بہ ويڪسين ٺڌئون ثاءِ انهن کي منفي ٧٠ ڊگري سينٽيگريڊ جو گرمي پد گهرجي.

هن وقت دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ هلندڙ اميونائيزيشن پروگرامن وٽ اها سهولت ڪونهي.

انجو مطلب ڪم چڙهيل پلي نہ هجي پر سولو بہ ڪونهي.

مٿئون وري اسانجي ويڪسين جي سهولت حاصل ڪرڻ جي عادتن تي بہ هڪ نظر وجهڻي پوندي.

هن وقت اسان جي ملڪ ۾ بيمارين کان بچاءَ جي پروگرام EPI طرفان جيڪي ٻارن ۽ عورتن لاءِ بنا ڪنهن معاوضي جي ويڪسين فراهم ڪيون ويندي آهن. انهن ۾

. هڪ سال کان ننڍي ڄمار جي ٻارن جو بہ ڪو چاليهہ۴۰ سيڪڙو ويڪسين ڪونہ ٿو لڳرائي.

. ٻار پيدا ڪرڻ جي عمر جون عورتون تہ ڪو ستر ۷۰ سيڪڙو ويڪسين ڪونہ ٿيون لڳرائين.

انهي ملڪ ۾ جي هن ڪووڊ ـ ۱۹ واري عالمي وبا جي بچاءَ لاءِ ڪا ويڪسين آئي تہ ڪيترا لڳرائيندا، انجو اندازو تہ پراڻين عادتن مان ڪري سگهجي ٿو.

هاڻي جيستائين ڪا جادوءَ جهڙي ويڪسين ميسر ٿئي ۽ ڪو سخي مرد يا ملڪ وري خيراتي ڳنهي بہ ڏئي، تيستائين ڪجهہ پنهنجي افعالن کي بهتر ڪري جيڪڏهن بچي سگهجي ٿو تہ بچاءَ ۾ ڪو حرج ڪونهي.

اها تہ اسان سڀني کي خبر آهي تہ هيءَ بيماري ساھ جي وسيلي هڪ فرد کان ٻئين ڏانهن منتقل ٿئي ٿي. مطلب جيڪڏهن

. هڪٻئي جي ٿن فوٽن کان ويجهو هونداسين،

. ڪو ماسڪ پهريل نہ هوندو،

گنگهڻ ڪٽڪڻ جي تميز نہ ڏاريانداسين ۽ نڇون ڏيڻ مهل احتياط نہ ڪنداسين

. پنهنجا هٿ صابڻ سان ڌوئي صاف نہ ڪنداسين. تہ ڏڇو ڪونہ گهٽبو.

انهي لاءِ سڄو عالم ماسڪ پائڻ، محتاط گنگهڻ ۽ نڇون ڏيڻ سان گڏ صابڻ سان هٿن ڌوئڻ جي تلقين پيو ڪري.

هتي اهو بہ ذڪر ڪندو هلان تہ سوٽي ڪپڙي جو ماسڪ پائڻو آهي، ڊاڪٽري ماسڪ صرف صحت ڪارڪنن ۽ ڪووڊ . ١٩ جي مريضن لاءِ بچائڻو آهي. جي نہ اسان سڀني اهو ميڊيڪل ماسڪ پائڻ شروع ڪيو تہ پوءِ صحت ڪارڪن وڏي ڏچي ۾ پئجي ويندا.

بدقسمتيءَ سان هيءَ بيماري ماڻهن جي پيھ وارين جڳهن تي وڌيڪ ڦهلجي ٿي.

هاٿي ڏسئون تہ اها پيھہ ڪٽي ٿي ٿئي.

- اسان جي پنھنجي گھرن ۾ جتي مٽ، مائٽ، دوست داڙي گڏجئون ٿا.
- شادين مرادين ۾
- هوٽلن ۾
- بازارن ۾
- بس، ويگن، چنگچي، ريل
- اسڪول
- اسپتال

هن وقت تائين مليل شاهدين مطابق ويجھي تعلق وارن مان ۸۰ سيڪڙو ماڻھن ۾ بيماري ڦھلي آهي.

گڏ رهندڙ مان متاثر ٿيلن جو تناسب ۵۰ سيڪڙو آهي. اسان واري حالت ۾ زال مڙس سمجھڻ گھرجي.

چون ٿا جيڪڏهن پاسي ۾ ڪو بيڙي ڇڪيندڙ جڏهن دونھون ٿو ڪڍي تہ ان ۾ بہ وائرس ڦھلجي ٿو.

هوڪو ڏيڻ، کلڻ، ڳالهائڻ، سڏ ڪرڻ دوران بہ وائرس منتقل ٿئي ٿو.

اهڙيون شاهديون بہ مليون آهن تہ ماسڪ پائي وٽي نہ ڪرڻ وارن کي بہ بيماري لڳي آهي.

بند جڳهون جتي هوا جي وائڪ گهٽ آهي، اتي وڏيڪ خطرو آهي. سياري جي موسم ۾ ان جو بہ خيال رکڻو پوندو.

شاديون، جلسا، ريليون، محفلون تہ چڻ پلال جو ڪرو ثابت ٿيون آهن. ڪنهن بہ ڪنڊ تي ڪو وائرس بس باهہ وانگر سيني ۾ ڦهلجي ٿو وڃي.

جن فردن ۾ بيماريءَ جون ڪي خاص علامتون ڪونهن، اهي پورائيءَ ۾ ڦهلاءَ جو سبب بڻجن ٿا.

اهي فرد جن ۾ علامتون آهن، پر ڪنهن سبب ڪري ٽيسٽ ۾ وائرس نہ پڪڙجي سگهيو ۽ انهن بہ احتياط نہ ڪيو. اهي بہ ڦهلاءَ جو سبب بڻجن ٿا.

اهي فرد جن جي ٽيسٽ تہ پازيٽو آئي، پر انهن لاپرواهي ڪئي ۽ آئسوليشن اختيار نہ ڪيائون. ان حالت ۾ خطرو ڪنهن کي گهٽو آهي.

ظاهر آ!

سندن گهر وارا،

يار دوست،

ملڻ وارا پهريان متاثر ٿيندا.

انڪري رڳو پنهنجي نہ پر پنهنجي پيارن جي مهابي جڏهن توهان کي پڪ آهي تہ توهان بيماري ڦهلائيندئو تہ پاڻ کي بين کان ڏار ڪري، پنهنجي ۽ پنهنجي پيارن جي صحت جو خيال ڪريو.

ماسڪ جڏهن پائيون ٿا تہ نڪ ۽ وات کي ڍڪٹو آهي.

هتي ڪنهن کي هڪ ڪن ۾ ماسڪ لڙڪيو پيو آهي.

ڪنهن جي ڪاڏيءَ تي ماسڪ پيو آهي.

ڪنهن جي ڪيسي ۾ تہ وري ڪنهن جي ور ۾.

ماسڪ کي صحيح نموني پهريو جيئن نڪ ۽ وات ٻئي ڍڪيل هجن.

## ويڪسين جا مختلف قسم

عام طور ويڪسين جو نالو ٻڌندي ئي ذهن ۾ صرف بيماريءَ کان بچاءَ جو سائنسي طريقو ذهن ۾ ايندو آهي. جنهن ۾ ڪنهن صحتمند فرد کي اهڙي دوا ڏبي آهي جيئن هو ايندڙ وقت ۾ ڪنهن خاص بيماريءَ يا بيمارين کان محفوظ رهي.

پر ڪڏهن ڪڏهن ويڪسين ان لاءِ به ڏبي آهي ته جيئن ڪنهن موجود بيماريءَ خلاف مدافعت جي صلاحيت کي بهتر ڪري، بيماريءَ کي اڳتي وڌڻ ۽ بيماريءَ جي اگرن اثرن کان محفوظ ڪري سگهجي يا ڪنهن بيماريءَ جي حملي کانپوءِ ان جي علاج طور به ويڪسين استعمال ڪيون وينديون آهن.

ويڪسين بنيادي طور انسان جي جسم ۾ فطري بچاءَ جي نظام کي اڳواٽ جاڳائي تيار ڪنديون آهن جيئن ڪنهن بيماريءَ جي حملي وقت انسان يا ايئن چئجي ته ويڪسين واپرائيندڙ محفوظ رهي. جيتوڻيڪ اهڙو ساڳو بچاءُ ڪجھ بيمارين ۾ جسم فطري طور جوڙي وٺندو آهي. ويڪسين جسم جي ان فطري صلاحيت کي

استعمال ڪري گهربل نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ٿينديون آهن.

## بيمارين کان بچاءَ واريون ويڪسين Prophylatic Vaccines

دنيا ۾ استعمال ٿيندڙ ويڪسين جي گهٽائي بيمارين کان بچاءَ واريون ويڪسين هونديون آهن جن ۾ ڪنهن صحتمند جاندار ۾ ڪنهن خاص جيت، جيتامڙي يا جٽيئي کي سندس جسم ۾ داخل ڪري ان جيت، جيتامڙي يا جٽيئي طرفان ممڪنه بيماريءَ خلاف فطري بچاءَ جي نظام کي جاڳائي، اياري، ان لائق بڻايو وڃي جو ايندڙ وقتن ۾ جيڪڏهن انهن جيتن، جيتامڙن يا جٽين مان ڪو اوچتو حملو ڪري ته جسم ان کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳ۾ ئي تيار هجي.

ان مقصد لاءِ جيئرو جيت، جيتامڙو يا جٽيو ڪٽي ان کي تجربيگاهن ۾ ايترو ڪمزور ڪيو ويندو آهي جو اهو مڪمل بيماري پيدا ڪرڻ جهڙو نه بچي پر اهڙو ماحول پيدا ڪري جيئن جسم جو بچاءَ وارو نظام متحرڪ ٿئي.

ڪجهه ويڪسين وري جيتن، جيتامڙن ۽ جٽين جي جسم جا ڪي مخصوص حصا ڌار ڪري ان مان ٺهيل جيتن،

جيتامڙن يا جڙين خلاف مدافعت جي نظام کي اڳواٽ متحرڪ ڪيو ويندو آهي.

ڪجھ ويڪسين وري هٿرادو مواد جون نهيل هونديون آهن. جيڪي حملو ڪندڙ جيتن، جيتامڙن يا جڙين جي چرپر جو وسيلو بڻجي سندن جسم ۾ داخل ٿي واڌ ويجھ ۽ بيماري برپا ڪرڻ جي صلاحيت ختم ڪري ڇڏينديون آهن.

## حملي کان پوءِ واريون ويڪسين Postexposure Vaccine

ڪجھ ويڪسين اهڙيون هونديون آهن جيڪي بيماريءَ جي حملي يا متوقع پيچيدگين کان بچڻ لاءِ استعمال ڪبيون آهن جيئن ڪتي جي چڪ ڪانپوءِ واري ريبيزrabies ، ارڙي ۽ ماتا جون ويڪسين.

ڏنو وڃي ته انهن ٿنهي بيمارين کا بچاءَ واريون ويڪسين به آهن جيڪي ارڙي، ۽ ماتا لاءِ عام طور استعمال به ٿينديون آهن پر ريبيز واري ويڪسين هر فرد کي ڏيڻ شايد ڪنهن به ملڪ کي وارو نٿي ڪائي جو ڏاڍي مهانگي آهي.

انڪري ريبيز جي ويڪسين ڪنهن ڪتي جي چڪ ڪانپوءِ ڏبي آهي جيڪا وائرس کان به هٿ پهريان جسم

ڪي ان سان جهيڙڻ لائق بڻائيندي آهي ۽ متاثر فرد ۾ پيچيدگيون ٿيڻ کي روڪيندي آهي.

اسان کي ياد رکڻ گهرجي تہ ريبيز جون علامتون ظاهر ٿيڻ کانپوءِ ان جو ڪوبہ علاج ڪونهي.

## علاج طور استعمال ٿيندڙ ويڪسين Therapeutic Vaccines

علاج طور استعمال ٿيندڙ ويڪسين جسم جي بچاءَ واري نظام کي جسم ۾ موجود بيماريءَ جو سبب جيت، جيتامڙي يا جٽيئي خلاف پاڻ کي بهتر نموني تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪنديون آهن.

هن قسم جي پهرين ويڪسين آمريڪا سن ٢٠١٠ ۾ مردن ۾ مثاني جي بيماري پراسٽيٽ ڪينسر prostate cancer جي علاج لاءِ متعارف ڪرائي هئي.

## ويڪسين ۽ دوا ۾ فرق

ويڪسين پنهنجي خصلت ۾ اهڙيون دوائون ٿينديون آهن جيڪي بچاءَ جي نظام کي ڪنهن خاص بيماريءَ خلاف اڳواٽ مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ تيار ڪنديون آهن. هن طريقي سان جسم جو اميون سسٽم پاڻ ۾ اهڙي صلاحيت پيدا ڪندو آهي جو ايندڙ وقتن ۾ ڪنهن جيت،

جيتامڙي يا جٽيئي جي حملي کي منهن ڏئي سگهي، ڪنهن موجود بيماريءَ جي شدت گهٽائي سگهي يا خاتمو ڪري سگهي.

ڪجهه ويڪسين هڪ خوراڪ واپرائڻ سان اهو ڪم ڪري سگهنديون آهن جيئن تپ دق يا ٽي بيءَ کان بچڻ لاءِ بي سي جي BCG.

ڪجهه ويڪسين اهو ڪم هڪ کان وڌيڪ خوراڪن ۾ ڪندي آهي جيئن پوليو کان بچاءَ لاءِ او پي وي OPV.

ڪجهه ويڪسين جو وري بوسٽر ڊوز به ڏيڻو پوندو آهي جيئن DPT

عمومي طور دوائون به ڪنهن جيت، جيتامڙي يا جٽيئي مان ٿيل بيماريءَ کان ڇوٽڪارو ڏيارينديون آهن يا ان بيماريءَ جي، شدت گهٽائڻ ۾ مددگار ٿينديون آهن.

واضح فرق اهو آهي ته ويڪسين اميون سسٽم ۾ مستقبل ٿيندڙ جيت، جيتامڙي يا جٽيئي جي حملي کان بچاءَ جي يادگيري پيدا ڪنديون آهن جڏهن ته دوائون صرف حال ۾ موجود بيماريءَ لاءِ موثر هونديون آهن.

# ڪووڊ ـ ١٩ جي ويڪسين جا قسم

هن وقت دنيا ۾ جيتري ڪوجنا ڪووڊ ـ ١٩ کان بچاءَ جي ويڪسين تي ٿي رهي آهي، انساني تاريخ ۾ ڪنهن بہ وچڙندڙ بيماريءَ خلاف ويڪسين جي تياريءَ ۾ ان جو ڪو مثال ڪونهي.

سيني جي هڪ ئي منزل آهي، ڪنهن ريت اهڙي ويڪسين ايجاد ڪجي جيڪا هن دهشتناڪ بيماريءَ کان بچائي، ان جي ڦهلاءَ کي روڪي، بيماريءَ مان پيدا ٿيندڙ پيچيدگين کي گهٽائي. قوي اميد آهي تہ جلد کا مئوثر ويڪسين دنيا کي دستياب ٿي ويندي.

گهٽ ۾ گهٽ سيئي ويڪسين جٽيئي (وائرس) جي ٻاهرين سطح تي موجود اسپائيڪ پروٽين تي اثر ڪندڙ جزن جي ڳولها ۾ آهن، جنهن سان وائرس جي انسان جي رت جي سرشتي ۾ داخل ٿيڻ جي صلاحيت ختم ڪري سگهبي.

هن وقت جيڪا معلومات ظاهر ٿي آهي، ان مطابق تحقيق چئن قسمن جي مختلف ويڪسين جي تياري ڏانهن تيزيءَ سان وڌي رهي آهي. جيڪي تجربا ٿي رهيا آهن

يا جن متعلق ڄاڻ ڏني وئي آهي اهي ڪجهه هن ريت آهن

1. سڄو وائرس
2. وائرس ۾ موجود پروٽين
3. وائرس جوانسان ۾ داخل ٿيڻ جو وسيلو
4. نيوڪلڪ ايسڊ

انهن مان ڪجهه جسم ۾ هٿرادو اينٽيجن داخل ڪنديون ۽ ڪجهه وري جسم کي پنهنجون اينٽيجن ٺاهڻ لاءِ هوشيار ڪنديون

## سڄو وائرس Whole Virus

اهو هڪ مڃيل ۽ آزمايل طريقو آهي، جنهن سان پيون ٻه ڪيٽريون ئي ويڪسين اڳ ۾ تيار ڪيون ويون آهن جيڪي ڪاميابيءَ سان پنهنجو ڪم ڪن پيون. هن طريقي ۾ ٻه مختلف حڪمت عمليون جوڙيون ويندبون آهن.

- هڪ ته وائرس کي اهڙي طريقي سان ڪمزور ڪيو ويندو آهي جو اهو جسم ۾ مدافعتي نظام کي جاڳائي ۽ جسم وائرس کان بچاءَ جو پنهنجو نظام جوڙي وني.

- ٻيون وري وائرس کي غيرموثر ڪري انجي تلف ڪيل جينيٽڪ مواد کي اهڙي طريقي سان استعمال ڪيو ويندو آهي جو ويڪسين جسم ۾ مدافعتي نظام کي جاڳائي ۽ جسم وائرس کان بچاءَ جو پنهنجو نظام جوڙي وٺي.

اهي ٻئين آزمايل طريقا آهن، انهن مان پهريون طريقو جنهن ۾ جيرو جاڳندو وائرس استعمال ٿيندو آهي، ان ۾ اهڙن فردن جن جو سندو بچاءَجو نظام ڪنهن سبب ڪري اڳ ئي ڪمزور هوندو آهي، انهن ۾ بيماري ٿيڻ جو انديشو رهندو آهي. ان سان گڏ اهڙي ويڪسين لاءِ ٿڌي سلسلي جي ضرورت بہ ڪجهہ مختلف هوندي آهي.

جڏهن تہ ٻئين قسم جي ويڪسين پهرينءَ جي نسبت وڌيڪ محفوظ هوندي آهي.

### وائرس ۾ موجود پروٽين Protein Subunit

هن طريقي ۾ وائرس جي جسم مان پروٽين کي ڪتب آڻيندي، اهڙي ويڪسين تيار ڪئي ويندي آهي جيڪا جسم ۾ مدافعتي نظام کي جاڳائي ۽ جسم وائرس کان بچاءَ جو پنهنجو نظام جوڙي وٺي.

### وائرس جو انسان ۾ داخل ٿيڻ جو وسيلو Virus Vector

هن طريقي ۾ ڪنهن ٻئين وائرس کي استعمال ڪري، ان کي جسم ۾ ويڪسين وسيلي داخل ڪيو ويندو آهي جيئن جسم ۾ مدافعتي نظام کي جاڳائي ۽ جسم وائرس کان بچاءَ جو پنهنجو نظام جوڙي وٺي.

## نيوڪلڪ ايسڊ Nucleic Acid (RNA & DNA)

هن طريقي ۾ جينياتي مواد اهو "آر اين اي" هجي يا 'ڊي اين اي' استعمال ڪيو ويندو آهي جيڪو جسم ۾ مدافعتي نظام کي جاڳائي ۽ جسم وائرس کان بچاءَ جو پنهنجو نظام جوڙي وٺي.

هن قسم جي ويڪسين لاءِ جيڪو ٿڌو سلسلو گهرجي ان ۾ تمام گهٽ گرمي پد منفي ستر، اسي تائين برقرار رکڻو هوندو آهي.

انڪري هن قسم جي ويڪسين کي وڏي پئماني تي استعمال ڪرڻ مشڪل رهندو.

هن کان اڳ دنيا ۾ اهڙي ويڪسين کي ايڏي وڏي تعداد ۾ استمال ڪرڻ جو ڪو تجربو ڪونهي جهڙو ڪووڊ جي لاءِ گهربل آهي.

انهن سيني کان علاوه جيڪي خاصيتون ڪنهن ويڪسين کي وڏيڪ معتبر بڻائيندين آهي اها آهن.

- افاديت Efficacy
- ڪارڪردگي Efficiency

سولي سنڌيءَ ۾ ايئن چئجي تہ ڪنهن فرد جي وزن کڻڻ جي صلاحيت آهي هڪ مڻ تہ اها ٿيندي افاديت، سندس ڪارڪردگي اها ٿيندي تہ هو هڪ مڻ وزن، هڪ ڏينهن ۾ ڪيترا پيرا کڻي منزل تي پهچائي سگهي.

اهو ٿيو پهلواني ۽ مزدوريءَ جو تفاوت

ڪجهہ ويڪسين جي افاديت تہ تمام سٺي هوندي آهي پر، اهي جڏهن وڏي پئماني تي تيار ڪري گهڻن فردن تائين پهچايون ويندِيون آهن تہ سندن ڪارڪردگي گهربل معيار کان گهٽ هوندي آهي.

هن وقت اسان جن بہ ويڪسين جي باري ۾ پڙهئون ۽ ٻڌئون ٿا اهو صرف 'افاديت' جو ذڪر آهي. اجا تائين ڪنهن بہ ويڪسين جي ڪارڪردگيءَ جا، انگ، اکر، ظاهر نہ ڪيا ويا آهن.

جيستائين ڪا گهربل ڪارڪرگيءَ واري ويڪسين ميسر ٿئي، دنيا ۾ تجربا ۽ کوجنا جاري رهندي.

# ويڪسين ۽ ڪاروبار

اسان آهيون نانگ جا ڏنگيل سو وتئون ٿا نوڙيءَ کان چرڪندا.

فائزر ۽ بايونٽيڪ Pfizer and BioNTech جيڪا ميسينجر آر اين اي mRNA واري ويڪسين ناهي آهي، ان جي هو ٩٠ سيڪڙو افاديت efficacy جي دعوا ڪن ٿا.

مون جيترو پڙهيو آهي، ڪٿي به فائزر ۽ بايونٽيڪ ڪمپنيءَ اهو نه ٻڌايو آهي ته اها نوي سيڪڙو افاديت ڇا جي لاءِ آهي.

ڪووڊ - ١٩ بيماري نه ٿيندي يا بيمار ٿيڻ واري مريض تي ڪووڊ - ١٩ جا اگرا اثرات نه ٿيندا.

ٻيون ته اجا تائين سندن اها دعوا صرف اخباري بيانن تائين آهي. ڪنهن سائنسي جنرل ۾ اهڙي ڪا تحقيق يا تصديق به اجا ڪونه ڇپي آهي.

ڪنهن به ويڪسين جي افاديت efficacy سان گڏ ويڪسين جي ڪارڪردگي effectiveness تمام گهڻي اهم هوندي آهي.

اڪثر ويڪسين ڪارڪردگيءَ واري مرحلي ۾ گهربل نتيجا نه ڏيڻ سبب ختم ٿي ويندي آهن.

هن ويڪسين جي ڪارڪردگيءَ متعلق اجا تائين نہ ڪا دعوا سامهون آئي آهي، نہ وري ڪا خبر آهي.
ڪارڪردگيءَ جي پڪ ڪانسواءِ دنيا جو ڪوبہ ريگيوليٽر ويڪسين کي رجسٽر ڪونہ ڪندو.
شايد رڳو آرڊر هوندا باقي اصلي خريدار مشڪل ليندا.
ياد رهي تہ تجرباتي حد تائين استعمال ڪارڪردگي جانچڻ وارو مرحلو آهي، جنهن کي سرمائيدار هي گماشتا خابرو دنيا ڪجهہ ايئن ٿي پيش ڪري جهڙوڪر بس لائسنس ملي ويو.
جيڪو تاثر درست ڪونهي.
فائزر جي ويڪسين کي -70°C±10°C جو ٿڌو سلسلو Cold Chain گهرجي جيڪو هن وقت دنيا جي ڪنهن بہ ويڪسين جي پروگرام وٽ ڪونهي.
ها باقي اسان جهڙن قرض جي شوقين ملڪن کي فالحال منفي ٧٠ ڊگري وارو ٿڌو سلسلو ڪا نہ ڪا آمريڪي ڪمپني ضرور ڪپائي وجهندي.
مون کي الاجي ڇو شڪ آهي تہ ڪولڊ وار جي زماني جا اهي نيوڪلائي هٿيار ذخيرو ڪرڻ لاءِ ماهيل منفي ٧٠ ڊگري سينٽيگريڊ وارا ويئر هائوس، ڪيريئر، گاڏيون ۽

پيون سازوسامان آمريڪا جي ڪنهن نہ ڪنهن ڪمپنيءَ وٽ ايئن بيڪار پيل آهن. اهي ڪپي ويندا.
جيئن نيٽو NATO وٽ ڪلوروڪئين Chloroquine Phosphate پيل هئي ۽ آمريڪي بايو فارماسوٽيڪل ڪمپني گليڊ Gilead سائنسز وٽ ريمڊسوير Remidsvir پيل هئي.
اهي ٻئي دوائون تہ خيرن سان ڪپي ويون ۽ اها بہ خبر پئجي وئي تہ ٻنهي جو ڪووڊ-١٩ بيماريءَ جي علاج ۾ ڪوبہ ڪردار ڪونهي. جيتوڻيڪ ٻنهي دوا ناهيندڙ ڪمپنين ڪربين ڊالرن جو نفعو ڪمايو.
هاڻي اهو cold chain وارو اسٽاڪ جڏهن ڪپي بيهندو تہ خبر پوندي تہ اها ويڪسين اوتري 'ڪارگر' ڪونهي جو ان ڪي وڏي پئماني تي ناهي گهر گهر ۽ شهر شهر پهچائجي.
برطانيا فائزر ۽ بايو اين ٽيڪس جي ناهيل ڪووڊ-١٩ ويڪسين کي هنگامي طور محدود تعداد ۾ ويڪسين استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي جنهن تحت خطري هيٺ آباديءَ(جي فردن جن ۾ صحت ڪارڪن ۽ پوڙها شهري شامل آهن) کي ڪجهہ ڏينهن ۾ ويڪسين جي فراهمي شروع ٿي ويندي.

# ويڪسين جي سياست

مالڪ چون ٿا 'راڻيءَ جي راڄ ۾ پهريون فرد' جنهن کي ويڪسين ڪئي وئي.

سنگت وري انهيءَ کي 'دنيا' ۾ پهريون فرد ڪري ڇڏيو.

روس شايد سنگت واري دنيا ۾ ڪو ملڪ ئي ڪونهي.

روسين تہ V Sputnic نالي ڪووڊ ـ ١٩ کان بچاءَ جي ويڪسين هنگامي استعمال واري اجازتنامي تحت آگسٽ ٢٠٢٠ جي ١١ تاريخ کان استعمال ڪرڻ شروع ڪئي هئي. هن وقت تائين هزارين ماڻهن کي مهيا بہ ڪئي آهي.

منهنجي معلومات مطابق هن وقت دنيا ۾

- فائزر وارن جي BNT162b2،
- روس جي SputnikV،
- آڪفورڊ يونيورسٽيءَ جي ChAdOx1 nCoV-19
- ماڊرنا ٿيراپيوٽڪس جي mRNA-1273،
- سائنوويڪ جي CoronaVac،
- ڀرت بايو ٽيڪ جي COVAXIN،
- نوواواڪس جي NVX-CoV2373،

- جانسن اينڊ جانسن جي JNJ-78436735،
- ڪنسينو بائيولاجڪس جي Ad5-nCoV،
- ويڪٽر انسٽيٽيوٽ جي EpiVacCorona

اهي چند ويڪسين آهن جن ۾ چڱو خاصو آسرو آهي. سيئي اجا دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ڪلينيڪل ٽرائل جي ٽئين مرحلي ۾ آهن.

هنگامي طور استعمال جي شروعات روس ١١ آگسٽ ٢٠٢٠ کان SputnicV استعمال ڪرڻ شروع ڪئي، ٻئين نمبر تي برطانيا ۶ ڊسمبر ٢٠٢٠ کان فائزر ۽ بايونٽيڪ وارن جي BNT162b2 ويڪسين استعمال ڪرڻ شروع ڪئي آهي.

منهنجي ناقص راءِ ۾ ٻنهي ملڪن جو اهو فيصلو سائنسي گهٽ، سياسي ۽ ڪاروباري وڌيڪ آهي.

## ويڪسين جانچڻ جو وچور

اڄڪلهه هر طرف صرف هڪ ئي ڳالهه هَلي ۽ هُلي رهي آهي. اها آهي ڪووڊ-١٩ کان بچاءَ جي ويڪسين.

ويڪسين جي تياري هڪ مڪمل سائنسي عمل آهي جنهن ۾ هن عالمي وبا ۾ دنيا تاراج ڪندڙ سرمائيداريءَ سان گڏ سياست به ڪاهي پئي آهي.

هر طرف ڳالهه ٻولهه ۽ تبصرا ڪجهه اهڙا پيا ٿين جهڙوڪر ويڪسين جي تياري ڪو نيرن تي بيدو ترڻ جهڙو ڪم آهي.

هنگامي طور استعمال جي اجازتنامي Emergency Use Authorization (#EUA) جي شروعات سڀ کان پهريان ١١ آگسٽ ٢٠٢٠ تي روس طرفان Sputnik V نالي ويڪسين سان شروع ڪئي وئي.

ٻئين نمبر تي برطانيا ۶ ڊسمبر ٢٠٢٠ کان BNT162b2 نالي ويڪسين استعمال ڪرڻ شروع ڪئي آهي. برطانيا ۾ جنهن ويڪسين کي هنگامي حالتن ۾ استعمال ڪرڻ جو اجازتنامو مليو آهي، ان ويڪسين جي نتيجن تي پڻ ڪيترا ئي سوال جواب طلب آهن.

ايستائين جو Pfizer and BioNTech's ڪمپنيون جن اها BNT162b2 ويڪسين تيار ڪئي آهي، اهي چون ٿا تہ ڪين اجا اهڙي ڪا خبر ناهي تہ اها ويڪسين ڪووڊ-١٩ بيماريءَ جي ڦهلاءَ کي روڪيندي يا نہ.

اهڙي ريت

- آڪفورڊ يونيورسٽي ChAdOx1 nCoV-19
- ماڊرنا ٿيراپيوٽڪس جي mRNA-1273،
- سائنوويڪ جي CoronaVac،
- ڀرت بايو ٽيڪ جي COVAXIN،
- نوواواڪس جي NVX-CoV2373،
- جانسن اينڊ جانسن جي JNJ-78436735،
- ڪنسينو بائيولاجڪس جي Ad5-nCoV،
- ويڪٽر انسٽيٽيوٽ جي EpiVacCorona

دنيا ۾ تحقيق ۽ تياريءَ جي مختلف مرحلن ۾ موجود سوين ويڪسين مان اهي چند ويڪسين آهن جن ۾ چڱو خاصو آسرو آهي. ڪووڊ-١٩ کان بچاءَ لاءِ تياريءَ هيٺ اهي سيئي ويڪسين اجا تياريءَ جي ٽئين مرحلي ۾ آهن. جن مان ڪن کي هنگامي بنيادن تي استعمال جي

اجازت ملي آهي. ڪجهہ جون اهڙيون عرضيون مختلف ملڪن جي ريگيوليٽرن وٽ جمع ٿيل آهن.

روس ڪي يورپ ۽ آمريڪا تي سرسي ڏيکارڻي هئي، انهن تہ پنهنجي ملڪ جي تيار ڪيل ويڪسين کي هنگامي اجازتنامي ڏيڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي.

برطانيا بريڪسٽ جي ونگ مان پيو لتون هٽي جان ڇڏائي، انهن بہ سياسي معاشي فيصلو ڪيو.

منهنجي راءِ ۾ روس هجي يا برطانيا، ٻنهي ملڪن جو فيصلو سائنس گهٽ سياست وڌيڪ آهي.

آمريڪا ۾ بہ ٽرمپ پنهنجي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ويڪسين کي اجازتنامو جاري ڪري، اهو اعزاز ضرور حاصل ڪندو.

رهيو سوال اسان جهڙن ملڪن جو اسان تہ هونءَ بہ مبارڪن ڏيڻ جا ڏاڍا شوقين هوندا آهيون.

عمومي طور ويڪسين سماج جي انهن فردن کي بچائڻ جو ڪم ڪنديون آهن جن کي بيماريءَ جو سڀ کان وڌيڪ خطرو هوندو آهي.

اسان هڪ عام شهري طور ٻه ڪنهن ويڪسين کي سائنسي بنيادن تي گهربل معيار تي پرکي سگهئون ٿا. جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

1. افاديت . ويڪسين ناهيندڙ ڪمپنيءَ پاران ڄاڻايل افاديت يا تاثير efficacy جيڪا سائنسي ليبارٽريءَ ۾ مخصوص ماحول اندر ڏسي ۽ پرکي سگهبي آهي
2. ڪارڪردگي . efficiancy ويڪسين جڏهن عام حالتن ۾ فردن استعمال ڪئي ته ان جو تاثيرؤ اثر يا افاديت ڪيتري بچي.
3. جنهن بيماريءَ کان بچاءَ لاءِ ويڪسين عام ماڻهن کي استعمال ڪرائي وئي انهن مان ڪيترن ۾ بيماريءَ روڪڻ جا گهربل نتيجا حاصل ڪري سگهي. Infection Prevention Capacity
4. جنهن بيماريءَ کان بچاءَ لاءِ ويڪسين عام ماڻهن کي استعمال ڪرائي وئي انهن مان ڪيترن ۾ بيماريءَ جي علامتن ظاهر ٿيڻ کي روڪي سگهي. Disease prenention capacity
5. جن ماڻهن ويڪسين استعمال ڪئي ۽ انهن ۾ بيماريءَ جون علامتون ٻه ظاهر ٿيون پر ويڪسين

جي ڪري بيماريءَ جي علامتن جي شدت ڪيتري گهٽ رهي. Reduction in severity of disease

6. ويڪسين استعمال ڪرڻ ڪانپوءِ ڪميونٽيءَ ۾ بيماريءَ جي ڦهلاءَ روڪڻ تي ڪيترو اثر ٿيو Impact on community transmission

7. بيماريءَ وگهي موت جي شرح ۾ ڪيتري گهٽتائي ٿي. Impact of disease specific mortality

8. بيماريءَ جي ڪري متاثر ٿيل شخصي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ۾ ڪيتري بهتري آئي. Impact on person work hours

9. ويڪسين جي ڪري بيماريءَ جو سبب جٽيئي جي بيماري پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ۾ ڪيتري گهٽتائي آئي. Reduction in virulance of causative agent

10. ويڪسين فرد کي ڪيترن سالن تائين بيماريءَ کان بچائي سگهي. Duration of safety in years

11. ويڪسين جي هڪ خوراڪ جي قيمت. Procurment cost per doze

ويڪسين خريد ڪرڻ کان وٺي فردن تائين پهچائڻ جي عمل ۾ کهڙيون ڏکيائيون تي سگهن ٿيون. Logistic score

12. ويڪسين جون هر فرد کي ڪيتريون خوراڪون ڏيڻيون پيون. Number of doses
اهڙيون ويڪسين جيڪي هڪ دفعو ڏيڻيون پون بهتر ويڪسين سمجهيون وينديون آهن.

13. ويڪسين کي ملڪي، صوبائي، ضلعي ۽ صحت مرڪزن ۾ محفوظ رکڻ ۽ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ منتقل ڪرڻ لاءِ گهربل ٿڌو سلسلو ملڪ ۾ مروج ويڪسين پروگرام سان ڪيتري مطابقت رکي ٿو. Cold chain requiremnets compatible with existing vaccination program capacity

14. ويڪسين جي چر پر لاءِ ملڪ ۾ موجود بندوبست ڪم ايندو

15. هن نئين ويڪسين لاءِ ٿڌي سلسلي جو ڪو خاص بندوبست ڪرڻو پوندو

16. هڪ فرد کي ويڪسين مڪمل ڪرڻ تي جملي ڪيتري لاڳت آئي. Total cost per jab

17. ملڪ ۾ موجود ويڪسينيٽر اهو ڪم ڪري سگهندا.

18. هڪ ويڪسينيٽر کي نئين ويڪسين استعمال ڪرڻ جي تربيت ڏيڻ تي ڪيترو خرچ ايندو

نوٽ: هاڻي انهن سڀني ضرورتن کي سامهون رکندي، اهو ڏسڻو پوندو ته اسان جهڙن ملڪن ۾ اها ويڪسين ڪيتري موثر هوندي.

اهو سڀ سامهون رکندي، جيستائين ڪا ويڪسين ميسر ٿئي يا پلي نه به ملي، اسان کي بحيثيت فرد ۽ سماج پنهنجي روز جي معمول ۾ هينيون عادتون شامل ڪري رکڻو پنهنجي نه پر پوري سماج جي صحت بهتر ڪري هن وبا کي روڪي سگهئون ٿا

- وقتي رکڻ سان جٽيو هڪ شخص کان ٻئي شخص تائين نه پهچي سگهندو ۽ فطري طور پسمر ٿي ويندو.
- صابڻ سان هٿ ڌوئڻ کي پنهنجو معمول بڻايون. ايئن ڪرڻ سان جٽيو پسمر ٿي ويندو.
- ماسڪ پهرڻ سان اسان جٽيئي جو ڦهلاءُ روڪي سگهئون ٿا.
- پيهه کان پاسو ڪري جٽيئي جو ڦهلاءُ روڪي سگهجي ٿو.
- ڪنگهڻ ۽ ڇڪ اچڻ مهل احتياط ڪرڻ سان جٽيئي جو ڦهلاءُ روڪي سگهجي ٿو.

# الا ڏاهي مَہ ٿيان

ڪووڊ-١٩ جي عالمي وبا جو سنڌ ۾ ٢٨٣ هون ڏينهن

اڄ سنڌ ۾ بيماريءَ جو زور هيو ١٥٠٨ سيڪڙو. ٿلهي ليکي هر سئو ماڻهن مان سورنهن ڄڻا بيماريءَ ۾ ورتل هئا.

ڇا ڪيون اسان جو ڪلچر، مٿئون وري ڪلچر جو ڏينهن ڊسمبر جي ڇهين تاريخ سن ٢٠٢٠ سنڌ جي راڄڌاني ڪراچيءَ ۾ اڄوڪي ڏينهن هر پنجون ماڻهو( ٢١٪)، حيدرآباد ۾ هر ستون ماڻهو(١۴٪) ڪووڊ-١٩ جي مرض جو ۾ مبتلا آهن.

اسان انهي سڄي صورتحال کي کنهن ليکي ۾ ئي ڪونہ آندو ۽ پنهنجي ڪلچر جو عظيم الشان مظاهرو ڪيو.

ڇون ٽا

وٿيرڪا هجو،

گهران نہ نڪرو،

ماسڪ پايو.

اسان بہ قومي ٻڌيءَ جو ڀرپور مظاهرو ڪيو آهي.

صفا نپ جواب ڏئي

پڙُ ڪڍي بيناسين.

نچيا سي

ڪڏيا سي

چا جي وٽي

کھڙو ماسڪ

ھاٽي جٹيئي (وائرس) کي مفت جي سواري فراھم ڪري اچي گھر، پاڙي، ويڙھي، ڳوٺ، شھر پيڙا ٿيا آھيون.

ناني ويچاري

ڏنڏٽجي پئي

ڏوھتن ليکي

مرڪي پئي

اسان پيپلز پارٽيءَ جي عوام دشمن سنڌ حڪومت کان مطالبو ٿا ڪريون تہ ڪجھ وڏيڪ ICU تيار ڪن جيئن اسان جي عظيم دانشورن، فنڪارن، قلمڪارن، اداڪارن، اديبن، شاعرن، صحافين ۽ رٽائر ٽيل پروفيسرن کي پنھنجي پسند جي اسپتال ۾ بسترو مفت ملي سگھي.

ان کان علاوه سنڌ جي سيني اسپتالن ۾ آڪسيجن جو اڳواٽ جوڳو بندوبست ڪن.

# هنگامي حالتن ۾ عارضي اجازتنامو

هنگامي حالتن ۾ عارضي اجازتنامي ( Emergency Use Authorization) مان مراد آهي، ڪنهن بہ اوزار، دوا يا ويڪسين جي مڪمل معلومات ملڻ کان اڳ بهتر نتيجن جي آسري تي خطري هيٺ آيل آباديءَ کي بهتر نتيجن جي آسري تي عارضي طور استعمال ڪرڻ جي قانوني اجازت ڏيڻ. اها اجازت انوقت ڏني ويندي آهي جڏهن تحقيق دوران ڪنهن وسيلي مان بهتريءَ جون غير حتمي شاهديون ملنديون آهن.

ايئن ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ طريقي جي حتمي سائنسي معيار ۾ نرمي ڪري ان کي عارضي طور استعمال جي اجازت ڏني ويندي آهي جيڪا ان اوزار، دوا يا ويڪسين جي مئوثر ۽ ڪاگر هجڻ جي ثابتيءَ سان مشروط هوندي آهي.

هنگامي اجازنامو جاري ڪرڻ وقت نظرداريءَ جا ادارا regulators جانچ ڪري اهو طئي ڪندا آهن تہ گهٽ ۾ گهٽ کي ظاهري نقصان ٿيڻ جو انديشو ڪونهي.

اهو سڀ ڪجهہ ان وقت ڪيو ويندو آهي جڏهن ملڪ ۾ ڪا ناگهاني صورتحال هجي ۽ ايئن ڪرڻ سان حياتيون بچائڻ جو جوڳو امڪان هجي.

دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ هن کان اڳ هنگامي طور ڪنهن ويڪسين کي عام آباديءَ لاءِ اجازت ڏيڻ جو ڪو مثال ڪونهي، هي پهريون واقعو آهي جڏهن هن وبا جي حالت ۾ ڪووڊ - ١٩ کان بچاءَ جي ويڪسين کي اجازتناما ملي رهيا آهن.

انهي ساڳي وبا ۾ اسان اهو بہ ڏٺو تہ ڪجهہ اوزار جهڙوڪ هٿرادو ساهہ کڻائڻ جون مشينون 'وينٽيليٽر' ٺاهيندڙ ڪمپنيون پڻ عارضي اجازت ناما حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيون. جن جا حتمي نتيجا هڪ سال گذرڻ باوجود اجا ظاهر ڪونہ ٿيا آهن.

هن وبا ۾ اسان دوائن جهڙوڪ هائڊروآڪسي ڪلوروڪئين ۽ ريمڊسوائر کي عارضي اجازتناما ملندي ۽ وري واپس ٿيندي بہ ڏٺا.

اميد اها آهي تہ هي ويڪسين ٺاهيندڙ سرمائيدار جيڪي عارضي اجازتناما حاصل ڪن ٿا اهي ڪٿي وڃي حتمي لائسنس ۾ تبديل ٿين ۽ انسان ذات جو مستقل ڀلو ٿئي.

هن وقت ڪووڊ- ١٩ جي ويڪسين ڪي جيڪي هنگامي استعمال جا اجازتناما مليا آهن، اهي ٻن مهينن جي مثبت معلومات يا نتيجن جي آسري تي ڏنا ويا آهن، جن جو وري ڇهن مهينن ۾ تفصيلي جائزو ورتو ويندو ۽ اها خبر پوندي تہ اهو فيصلو درست هيو يا نہ.

ان جو مطلب تہ هر عام فرد کي ويڪسين جي سهولت وچي جون ٢٠٢١ تائين ميسر ٿيندي.

## هنگامي حالتن ۾ عارضي اجازتنامي جي تاريخ

آمريڪا دنيا جو پهريون ملڪ هيو جنهن اهڙي سهولت قائم ڪئي جنهن کانپوءِ ڏکڻ ڪوريا ۽ چين اهڙي حڪمت عملي جاري ڪئي.

اهو سن ٢٠١١ جو سال هيو جڏهن آمريڪا اينٿراڪس anthrax نالي بيماريءَ جي جزن سان ڀريل خط ملڻ جي نتيجي ۾ ان خلاف بچاءَ جو اهڙو اجازتنامو جاري ڪيو هيو.

ان کان علاوه انفلوئنزا وائرس جي ويڪسين ۽ زيڪا وائرس جي تشخيص ڪي پڻ هنگامي استعمال جا اجازتناما مليا آهن.

ڪووڊ ـ ١٩ جي وبا دوران رڳو آمريڪا ڪي ٢٥٠ ڪن دوائن، تشخيص جي سامان، وينٽيليٽرن ۽ ٻين طبي اوزارن ڪي عارضي اجازتناما جاري ڪيا آهن. آمريڪي اداري FDA طرفان جاري ڪيل اجازنامو ڇڻ تہ هڪ قسم جو عالمي اجازتنامو ٿي ويندو آهي.

سمجهو ٿا نہ "جيڪو ڏاڍو سو گابو"

سن ٢٠٠۴ ۾ آمريڪي صدر جارج بش اهڙو قانون متعارف ڪرايو هو، جنهن جو مقصد ان وقت جي حالتن ۾ ڪيميائي، حياتياتي يا نيوڪليائي حملن جي صورت ۾ ڪو عارضي بندوبست ڪري سگهجي. ان قانون تحت هن عالمي وبا ۾ تمام گهٽي تعداد ۾ بيماريءَ تي قابو رکڻ جي سامان ڪي اجازتناما مليا آهن.

• اينٿراڪس پهرين ويڪسين هئي جنهن ڪي هنگاني استعمال جو اجازتنامو مليو، اها ڪا نئين ويڪسين ڪونہ هئي، اها سن ١٩٧٠ کان آمريڪي فوج جي استعمال هيٺ هئي

• سن ٢٠٠٦ ۾ انهي قانون ڪي ڪنهن وبا، اتفاقي حادثي يا ڪنهن ڪيميائي، حياتياتي يا نيوڪليائي جنگ جي حالت ۾ استعمال ڪرڻ جي منظوري ملي.

• سن ٢٠١٣ ۾ انهي قانون ۾ خصوصي طور وچڙندڙ بيمارين کان بچاءَ لاءِ ٿيندڙ بندوبست کي پڻ شامل ڪيو ويو. جنهن تحت زيڪا (Zeca)، مرس (MERS)، H1N1 ۽ ايبولا (Ebola) لاءِ سازوسامان، ويڪسين ۽ علاج جا اجازتناما جاري ٿيا.

• جنوري ٢٠٢٠ کان جڏهن آمريڪا ۾ ڪووڊ - ١٩ جي وبا وارين هنگامي حالتن جو اعلان ٿيو آهي. ان کان وٺي سيپٽمبر ٢٠٢٠ تائين ٢٠٣ تشخيصي ڪٽ، ٣٥ ماليڪيولر ليباريٽري ٽيسٽ، ٢٠ عدد ذاتي بچاءَ جي سامان، ٢٦ عدد مختلف وينٽيليٽرن ۽ پنجن مختلف دوائن کي هنگامي بنيادن تي استعمال جا اجازتناما ڏناويا آهن.

ياد رهي ته اهي سيئي اجازتناما بيماريءَ جي سڃاڻپ، بيمارن جي سارسنڀال، علاج ڪندڙن جي سهائتا ۽ بيمارن جي علاج لاءِ ڏنا ويا هئا.

جڏهن ته ويڪسين جو اجازتنامو صحتمند فردن تي تجربو ڪرڻ لاءِ آهي.

دوائون بيمارن لاءِ يا ڪٿي بيماريءَ کان اڳواٽ بچاءَلاءِ ڪتب ايندیون آهن جڏهن ته ويڪسين صحتمند فردن

ڪي ايندڙ يا ٿيندڙ بيماريءَ ۽ ان جي اگرن نتيجن کان بچڻ لاءِ ڪتب ايندي آهي.

منهنجي ذاتي معلومات مطابق ڪنهن دوا، اوزار يا ويڪسين ڪي هنگامي بنيادن تي استعمال جي اجازتنامي سان فرد تي ٿيندڙ اگرن نتيجن جي صورت ۾ سرمائيدار تي پرپائي يا ڏنڊ وارو شرط ختم ٿيو وڃي.

انهي صورتحال جو فائدو وٺندي ڪاروباري ادارا ويڪسين لاءِ اهڙي بندوبست جي تڪڙ ڪن پيا جنهن ۾ سائنس تي سياست ۽ ڪاروبار جي سرسي نظر پئي اچي ۽ اڄ ١٢ ڊسمبر ٢٠٢٠ تائين اڌ درجن صنعتي ملڪن جي پاپولسٽ حڪومتن پنهنجو اثر رسوخ عوام بدران سرمائيدار جي فائدي ۾ استعمال ڪيو آهي جن ۾ روس، برطانيا، آمريڪا، ڪئناڊا جهڙا ملڪ شامل آهن.

# انتظار ڪيو

جڏهن مون هائڊروآڪسي ڪلوڪئين Hydoxychloquine ۽ ريمڊسوائر Remidsvir نالي دوائن لاءِ عرض ڪيو هو ته اهي سرمائيداراڻي معيشتن جا ڏوڪا stunt آهن.

ان وقت به سنگت ڪي الا جي چو چڱو نہ لڳو هو.

پر وقت، ۽ سائنس، منهنجو موقف صحيح ثابت ڪيو.

هاڻي به منهنجو عرض اهو آهي ته اسان جهڙن ملڪن کي ويڪسين جي ڪارڪردگيءَ ٻاري معلومات جو انتظار ڪرڻ گهرجي.

هرويرو مهانگي cold chain خريد ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي.

هونءَ به اسان وٽ ويڪسين ڪيترا ماڻهو ڪرائيندا آهن.

ڪڏهن انهن انگن اکرن کي به ڏسجو.

# ڪووڊ ويڪسين ۽ پاڪستان

هن وقت جڏهن سرمائيدار ملڪ مختلف ويسڪسين کي هنگامي عارضي استعمال (Emergency Use Authorization) جي اجازت ڏين پيا ۽ پاڪستان بہ پنهنجي معروضي حالتن تحت انهي ڏس، ۾ ڪوششون وني پيو، انوقت اهو چوڻ تہ پاڪستان کي ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽيءَ وٽ رجسٽريشن جو شرط ختم ڪرڻ گهرجي، مناسب ڪونهي.

پاڪستان ۾ ڪنهن بہ ويڪسين جي منظوري صحت جي عالمي اداري WHO جي منظوريءَ سان مشروط هوندي آهي.

اهو انڪري آهي جو اسان جي ملڪ ۾ استعمال ٿيندڙ ويڪسين جو GAVI گهڻو ٽڙو خرچ برداشت ڪندي آهي ۽ انهن جو صرف WHO لائسنس واريون ويڪسين خريد ڪرڻ جو رجحان هوندو آهي.

ويڪسين ملڪ ۾ گهرائڻ ۽ در در تائين پهچائڻ ۾ پاڪستان ۾ پبلڪ سيڪٽر Government جو ڪو مقابلو ڪونهي.

هتي خانگي ادارا به اڪثر ويڪسين سرڪار جي گهرايل استعمال ڪندا آهن ۽ پاڻ صرف مزدوريءَ جي مد ۾ ڪجهه رقم وٺندا آهن.

پاڪستان ۾ اي پي آءِ EPI وٽ جيڪو ويڪسين لاءِ گهربل ٿڌو سلسلو cold chain موجود آهي، ان جو صحت جي خانگي شعبي ۾ تصور به ڪونهي

هرويرو ملڪ ۾ موجود هر بندوبست جي مخالفت ڪرڻ مناسب ڪونهي.

ڪنهن ملڪ سان ڳنيجڻ جو مطلب انهن جي منظوريءَ کي پاڪستان جي خودبخود منظوري سمجهڻ يا قرار ڏيڻ ڊگهي مدي لاءِ بهتر نه رهندو.

ڊبليو ايچ او وارو بندوبست اسان جهڙن ملڪن لاءِ بهتر آهي. باقي پاڪستان جو ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽيءَ 'ڊريپ' DRAAP وٽ رجسٽريشن ڪرائڻ وارو شرط ضروري آهي.

## هوش ڪريو

هڪ خبر "سنڌ حڪومت ايڪسپو سينٽر ۾ ڪووڊ ـ ١٩ کان بچاءَ جو ويڪسين سينٽر قائم ڪندي"

او! عقل کان وانجهيل گهٽ ۾ گهٽ ويڪسين ته اي پي آءِ EPI سينٽرن تان لڳرايو.

توهان وٽ موقعو آهي. هر بيسڪ هيلٿ يونٽ BHU، ايم سي ايچ MCH ۽ ڊسپينسريءَ GD ۾ اي پي آءِ سينٽر کوليو.

هاڻي کان ويڪسينيٽر پرتي ڪريو.

هر سينٽر تي گهٽ ۾ گهٽ هڪ مرد ۽ هڪ عورت ويڪسينيٽر جي موجودگي يقيني بڻايو، اضافي گهربل عملو پرتي ڪريو.

انهن جي مناسب تربيت ڪريو.

موجود ڪولڊ چين کي بهتر ڪريو، وڌيڪ گهربل سامان جو بندوبست ڪريو.

سيني، اي پي آءِ سينٽرن تي بجلي سولر سسٽم تحت پهچائڻ جو بندوبست ڪريو.

ڪنهن مهابي، اهو گهر گهر وڃي ويڪسين نہ ڪجو، نہ وري ڪي عارضي سينٽر ڪولجو.

هي موقعو مليو آهي، ان جو لاڀ وٺو.

ماڻهن کي اي پي. آءِ سان بہ واقفيت ڪرايو.

اسان جو مسئلو رڳو ڪووڊ - ١٩ ڪونهي.

اسان تہ مڃاڻ ڪهڙين ڪهڙين بيمارين جهڙوڪ

- ٽي بي tuberculosis،
- نمونيا pneumonias
- وڏي کنگهہ pertusis
- ڪرٽيو يا خناق diphtheria
- تشنج tetanus
- ارڙي measles
- ڪاري سائي hepatitis B
- مدي جي بخار يا هيضي typhoif fevet
- مليريا malaria
- ڊينگي dengue
- دست diarrheas
- ڪالرا cholera

سميت الائي ڪهڙن ڪهڙن عذابن ۾ گهريل آهيون.

متان انهي ڪووڊ-١٩ جي مهابي ماڻهو اهي اي پي آءِ سينٽر ڏسي وٺن ۽ پيون ويڪسين به لڳرائين.

ٻئين پاسي هي توهان لاءِ بهترين موقعو آهي صحت کاتي، ۾ پبلڪ هيلٿ يا بچاءَ جو مڪمل سرشتو ترتيب ڏئي، بيمارين جي نظرداري surveillance، چوڪيداري stewardship، خبرداري reporting، اڳڪٿي forecasting، بچاءَ immunization، معلومات information، تعليم education، خبرگيريءَ communication ڪانوني منصوبہ بنديءَ planning ۽ خدمتڪاري services تائين سڄي عمل کي ضلعي سطح کان ڊويزن ۽ صوبائي سطح تائين ايئن نئين سر مرتب ڪريوجنهن ۾ پبلڪ هيلٿ ۾ تعليم ورتل ڪل وقتي پروفيشنل پنهنجون خدمتون آڇين جيئن ايندڙ وقتن ۾ ڪنهن به بيماريءَ، وبا يا عالمي وبا جي حالت ۾ هڙدگڙ واري ڪيفيت کان بچي سگهجي.

نہ سائين

ائين چو ڪريون

اسان وٽ هر مسئلي جو حل ڪمپني سرڪار وارو ڪليڪٽر موجود آهي جنهن کي ڊپٽي ڪمشنر چئون.

خدارا ان بينڪي سوچ مان ٻاهر نڪرو عوامي صحت public health هڪ بالڪل مختلف شعبو آهي، اهي ڪامورا ان ڪم لاءِ هرگز ڪونهن.

هر ضلعي ۾ عوامي صحت جي نگهداشت public health oversight جو مرڪز قائم ڪريو.

ڪٿي ايئن نہ ٿئي جيئن انهن ڪامورن جي حوالي ڪري پوليو جي خاتمي واري خواب جو حشر ڪيو اٿو اهڙو حشر ڪووڊ-١٩ جو بہ ڪري ڇڏيو.

ياد رکجو!

اسان هتي رڳو عالمي وبا نتا لوڙيئون.

اسان تہ توهان جي ڪوتاهہ انديشي، پنهنجا نوازڻ ڪان وڏيڪ ناهلي تا لوڙيئون.

توهان وقت سان گڏ صحت جون سهولتون وڌائڻ ڪان قاصر رهيا آهيو.

توهان نون ڊويزنن، ضلعن، تعلقن، يونين ڪائونسلن ۾ صحت جون گهربل سهولتون قائم ڪرڻ ڪان قاصر رهيا آهيو.

توهان تعلقي ۽ ضلعي اسپتالن ۾ گهربل افرادي قوت پهچائڻ کان قاصر رهيا آهيو.

اوهان بنيادي صحت مرڪز، نيڪيداري نظام تحت جنهن ڪمپنيءَ حوالي ڪيا آهن، ان جي نگراني ڪرڻ ۾ قاصر رهيا آهيو.

اوهان رورل هيلٿ سينٽر جنهن سرمائيدار جي، حوالي ڪيا آهن، ان جي نظرداريءَ کان قاصر رهيا آهيو.

اوهان پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي نالي تي جيڪي ادارا خانگي شعبي جي حوالي ڪيا، انهن جي نگراني، نظرداري ۽ اهليت جانچڻ ۾ قاصر رهيا آهيو.

توهان ته سالن کان نهيل عمارتن ڪي افرادي قوت، مالي سهائتا جنهن کي ايس اين اي SNE چوندا آهيو، پهچائڻ کان قاصر آهيو.

# خيال رکجو

هن وبا جي اوج ۾
هي ويچارو سال
روئندي ٿــو چوي
بس! پنهنجو خيال رکجو
ايئن نہ ٿئي جو
ويٺا ايندڙ جون ڳلائون ڪــريو
بس! پنهنجو خيال رکجو

هن گذرندڙ سال جي پوئين گهڙين ۾ اچو تہ انهن سيني صحت ۽ سارسنڀال تي مامور ڪارڪنن، ڪاريگرن کي ساريئون جن هن عالمي وبا ۾ زندگيون هاريون، مارون کاڌيون، طعنا ٻڌا پر پوءِ بہ پنهنجي وت آهر خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا.

اچو تہ پنهنجي وچن ۽ ارادي کي وري ورجائيون تہ اسان صحت سان لاڳاپيل ڪارڪن، ڪاريگر، ملازم ۽ پيشہ ور بنا ڪنهن رنگ، نسل، قوم ۽ مذهب جي ايندڙ سال بہ هر گذريل سال جيان پنهنجي وت آهر انسان ۽ انسانيت جي چاڪري ڪندا رهنداسين.

شال آباد هجو.

# وبا ۾ ٿڃ پيارڻ

ماءُ جي ٿڃ، هنج، جسماني لمس هر ٻار جي زندگيءَ جو شاندار حصو ۽ تجربو هوندو آهي.

سائنسي طور هر ٻار کي سندس زندگيءَ جي پهرين ڇهن مهينن ۾ خوراڪ طور رڳو ٿڃ ملڻ گهرجي.

جيتوڻيڪ انهي خدشي جو ذڪر بہ ملي ٿو ۽ بحث بہ ٿئي ٿو تہ ڪووڊ جي مريض يا شڪي ماءُ کي ڇا ڪرڻ گهرجي پر جيڪڏهن اسان هن وقت تائين ميسر معلومات کي سامهون رکئون تہ اهو واضح آهي تہ هيءَ بيماري ٻارن ۾ ڪي اگرا نتيجا ڪونہ پئي ڏئي ۽ ڪنهن ٿڃ پياڪ کي وڏيڪ خطرو ٿڃ نہ ڏيڻ سان ٿيندو.

صحت جي عالمي اداري WHO طرفان جاري ڪيل هدايتن مطابق:

ڪووڊ جي شڪي يا مريض ماءُ کي ٻار کي ٿڃ پيارڻ ۽ ٿڃ پيئندڙ ٻار جي ٿڃ جاري رکڻ لاءِ همٿائڻ گهرجي.

مائرن کي مائل ڪرڻ گهرجي تہ ٿڃ پيارڻ جا فائدا ۽ نہ پيارڻ جا نقصان هن بيماريءَ جي ٻار تي اثر کان وڌيڪ آهن.

ماءُ ۽ سندس ٻار کي جدا ڪرڻ مناسب ڪونهي. ان ڪري ڪين گڏ رهڻ تي همٿائڻ بہ گهرجي ۽ صلاح بہ ڏيڻ گهرجي تہ آئسوليشن دوران ڪووڊ جي شڪي يا مريض ماءُ پنهنجي ٻار کي گڏ رکي، سيني لائي، ٿڃ ۽ پيار ڏيڻ جو سلسلو جاري رکي.

هن وقت تائين موجود سائنسي تحقيق مطابق ٿڃ وسيلي ماءُ مان ٻار کي ڪووڊ جي منتقليءَ جي ڪا بہ ثابتي نہ ملي آهي.

نون ڄاول ٻارن ۾ بيماري جيڪڏهن ٿئي بہ ٿي تہ ان جو گهٽو ڪري ٻار تي ڪو ظاهري اثر ڪونہ ٿو ٿئي. انڪري ٿڃ وسيلي ٻين بيمارين کان ٻار کي بچائڻ جو موقعو وڃائڻ نہ ڪرڻ گهرجي.

انهن سڀني ڳالهين کي سامهون رکندي مائرن کي نون ڄاول ٻارن کي ٿڃ شروع ڪرڻ ۽ ٻن سالن کان ننڍي ڄمار جي ٻارن جي ٿڃ جاري رکڻ گهرجي ڀلي ڪين ڪووڊ هجڻ جو شڪ هجي يا پڪ هجي.

ڪووڊ جو شڪ هجي يا پڪ، ٻنهي حالتن ۾ ٻار کي ماءُ کان جدا بہ نہ ڪرڻ گهرجي ۽ ٿڃ پيارڻ بہ بند نہ ڪرڻ گهرجي.

# اونڌي صفبندي

اڄ ۱۲ جنوري ۲۰۲۱ تي سنڌ جي صحت کاتي Provincial Communication Tak Team جي نوٽيفڪيشن جاري ڪئي آهي.

جنهن صوبي ۾ صحت جي ڊائريڪٽر جنرل بدران رڳو خانگي ماڻهو فيصلا ڪندا اتي سوچيو ته هيءَ ڪا رڳو ڪووڊ-۱۹ جي وبا ته ڪونهي. اسان وٽ ته فيصلاسازيءَ جي به وبا موجود آهي.

مزي جي ڳالھ اها آهي ته پندرهن ۱۵ ميمبرن ۾ صحت کاتي جا صرف ٻه عدد فرد آهن. هڪڙو EPI جو پراجيڪٽ ڊائريڪٽر جيڪو ويچارو به پبلڪ هيلٿ کان بالڪل نابلد ۽ ٻيون ٽيڪنيڪل آفيسر مطلب سفارش تي سيڪريٽريٽ ۾ وينل فرد.

باقي يونيورسٽيون ته سنڌ ۾ آهن ئي رڳو ٻه هڪڙي آغا خان ۽ ٻين ڊائو. گهٽ ۾ گهٽ باقين کي واپس ميڊيڪل ڪاليج يا ميڊيڪل اسڪول ڪري ڇڏيو ته هرويرو آسرو ته ختم ٿئي.

هڪڙو ادارو پي ايچ ڊي سي نالي به سنڌ ۾ هوندو آهي.

ٻيون ڪو هيلٿ ايجوڪيشن جو سيل ٻہ ڊي جي هيلٿ جي آفيس ۾ هوندو هيو، شايد اڃا هجي.

جملي ١٥ ميمبرن مان ١٠ غيرسرڪاري ۽ صحت لاتي ڪان ٻاهريان ماڻهو جيڪي عوام کي جوابده ئي ڪونهن.

مشڪري وري ڏسو ڪووڊ ڪميونيڪيشن جي سيڪريٽيريئيٽ اي پي آءِ ۾.

# وبا جون حقيقتون

ڏنو وڃي تہ سيئي جٽيا( virus) پنهنجو وجود برقرا رکڻ لاءِ پنهنجي جسمات ۾ وقت بہ وقت تبديليون ڪندا رهندا آهن.

انهي سائنسي فلسفي کي ثابت ڪندي ڪووڊ ـ ١٩ پيدا ڪندڙ جٽيئي ڪوو. سارس ـ ٢، پڻ پنهنجي جسامت ۾ الاجي ڪيتريون تبديليون ڪيون آهن. اهي پتڪڙيون جينياتي تبديليون انوقت ٿينديون آهن جڏهن جٽيو پنهنجون وڏيڪ شبيهون پيدا ڪندو آهي جيئن پنهنجو وجود برقرار رکي سگهي.

انهن مان اڪثر تہ سندس ميزبانن لاءِ ڪي خاص نقصانڪار ڪونهن هونديون پر ڪجهہ وري ان جٽيئي جي بيماري پيدا ڪرڻ جي صلاحيت کي وڌائي ڇڏينديون آهن ۽ ڪجهہ وري ان جي اگرن نتيجن کي وڌائيندديون آهن.

هن وقت تائين موجود معلومات مطابق ڪووڊ جي وبا برپا ڪندڙ جٽيو ٢٠٠٠ دفعا پنهنجي اندر جينياتي تبديليون ڪري چڪو آهي جن مان چند جيڪي انسانن لاءِ خطرناڪ ثابت ٿيون آهن، اهي آهن ـ

- برطانوي تبديلي mutation نمبر B. 1.1.7
- ڏکڻ آفريڪا واري تبديلي V2.501
- نائجيريا وارو تبديل ٿيل جٽيو ۽
- برازيل وارو تبديل ٿيل جٽيو variant B.1.1.248 (N501Y, E484K)

برطانيا وارو تبديل ٿيل جٽيو عام ڪوو. سارس ٢ کان ڪو ٧٠ سيڪڙو وڌيڪ ڦهلجي ٿو، جڏهن تہ سائوٿ آفريڪا وارو وري برطانيا واري کان بہ وڌيڪ ڦهلجي ٿو.

باقي نائجيريا ۽ برازيل واري جي باري ۾ اجا ڪا اعتبار جوڳي تحقيق سامهون ڪونہ آئي آهي. چون ٿا تہ اهي بہ برطانوي تبديل ٿيل جٽيئي جيترا ئي خطرناڪ آهن.

ڪراچيءَ ۾ ڪووڊ جي خطرناڪ حد بہ ٿي سگهي ٿو انهن تبديل ٿيل جٽيئن جي ڪري هجي.

اسان وٽ جينياتي نظرداريءَ genetic surveillance جو ڪو نظام نہ هجڻ ڪري شايد هتي وقت سر اها خبر ئي ڪونہ ٿي پئي جو ان لاءِ ڪو بندوبست ڪجي.

ڏنو وڃي ٿو انهن تبديل ٿيل جٽيئن بابت پوري دنيا ۾ ڪٿي به ڪو حتمي معلومات ڪونهي. سائنسدان هيٺين سوالن جا جواب ڳولهڻ لاءِ تحقيق ڪري رهيا آهن .

- هي نوان تبديل ٿيل جٽيا دنيا ۾ ڪيترو ڦهليا آهن؟
- هي نوان تبديل ٿيل جٽيا اصلي جٽيئي ڪان ڪيترو مختلف آهن؟
- نوان تبديل ٿيل جٽين مان پيدا ٿيندڙ بيماري اصلي جٽيئي واري بيماريءَ ڪان ڪيترو مختلف آهي؟
- تبديل ٿيل جٽيئن ۾ بيماري ڦهلائڻ جي ڪيتري صلاحيت آهي؟
  - هڪ فرد ڪان ٻئين تائين ڪيترو جلدي پهچن ٿا؟
  - بيماريءَ جي شدت ڪيتري ٿئي ٿي؟
  - موجود تشخيصي نظام انهن ڪي تشخيص ڪري ٿو يا نه؟

شديد بيماريءَ جي صورت ۾ آزمايل طريقا ڪيترا ڪارگر آهن؟

ڏنو وڃي ٿو هن وقت تائين جيڪا معلومات سامهون آئي آهي، ان مطابق نئين تبديل ٿيل جٽيئي جو ڦهلاءُ وڌيڪ آهي، شدت ۽ موت جي شرح تي ڪو خاص فرق ڪونهي.

تنهن هوندي به جيڪڏهن بيماريءَ جي شرح وڌندي ته اسپتالن ۾ داخلائون ۽ موت جو وڌڻ اٽتر حقيقت آهي.

هن وقت تائين ته اها اميد آهي ته موجود ويڪسين جي افاديت تي ڪو خاص فرق نه پوندو پر اها اجا صرف اميد آهي جنهن کي تفصيل سان تحقيق ڪري يقين ۾ تبديل ڪرڻو پوندو.

اسان جهڙن ملڪن ۾ جتي ڪاڏي ۽ پاڻيءَ وسيلي ڦهلجندڙ بيماريون جهڙوڪ پوليو، مدي جو بخار، ڪالرا، دست اڳ ئي جام آهن، اتي اهو سوال اڀري ٿو ته ڇا ڪووڊ به انهي طريقي سان ڦهلجي ٿو؟

اهڙي ڪا به مستند ثابتي ڪونه ملي آهي، ڪجهه هنڌن تي شڪ ظاهر ڪيو ويو آهي، جنهن لاءِ ڪا اهڙي حتمي راءِ نٿي ڏئي سگهجي ته ڪو هيءَ بيماري پيٽ وسيلي کاڌ خوراڪ يا گونهه، مُٺَ مان ڦهلجي ٿي.

اجا تائين رڳو صرف ساهه جي سرشتي وسيلي ڦهلجڻ جي تصديق ٿئي ٿي.

ان صورت ۾ وري اسان جي ڳڻتي وڌيو وجي جتي سلهه TB اسان جي جڻ ته قومي بيماري هجي.

اهي سوال اٿن ٿا تہ ڇا ڪوِڊ بہ سلھ وانگيان ڦهلجي ٿي.

اهو سمجھڻو پوندو تہ سلھ ۽ ڪوِڊ ٻئي ساھ جي سرشتي مان نڪرندڙ پاڻياٺ جي پتڪڙن ڦڙن وسيلي ڦهلجن ٿيون.

سلھ جو جراثيم باريڪ ڦڙن ۾ هوا ۾ مهلڪ رهي ٿو جنهن ڪي ايئن چئجي تہ ڪوهر وانگيان هوا ۾ مهلڪ ڦڙن سان سلھ جو جراثيم هڪ فرد کان ٻئي فرد ڏانهن منتقل ٿئي ٿو.

ڪوِڊ جو جڙيو جن ڦڙن وسيلي ڦهلجي ٿو اهي ڪجھ وڏيڪ ڳرا آهن ۽ هوا ۾ معلق رهي نٿا سگھن. وزني هجڻ جي ڪري اهي جلد ئي ڪنهن سطح تي ڪرن ٿا ۽ اهڙي طرح ڦهلجن ٿا. جڏهن اسان هڪٻئي کان هڪ ٻانهن يا ٣ فوٽن کان گهٽ وٿيءَ تي آهيون تہ ساھ کڻڻ، کنگھڻ يا ڇنڪ ڏيڻ جي صورت ۾ اهي سامهون واري جي ساھ ۾ شامل ٿي وڃن ٿا. انڪري وٿي رکڻ، ماسڪ پهرڻ ۽ هٿ ڌوئڻ سان انهي امڪان کي گهٽائي سگھجي ٿو.

## ماسڪ ڪهڙو پهرجي؟

اهو به ذهن ۾ رکڻو پوندو ته سرجيڪل يا ميڊيڪل ماسڪ عام ماڻهوءَ جي استعمال لاءِ ڪونهي، اهو صرف طبي عملي ۽ خدمتن تي مامور ڪارڪنن لاءِ بچائڻو پوندو. N95 جي ته ڳالهه ئي نه ڪجي ته پلوءِ اهو صرف آپريشن ٿيٽر يا انتهائي نگهداشت واري ڪمري ۾ استعمال ٿيڻ گهرجي.

عام خلق کي گهرجي ته سوٽي ڪپڙي جو ماسڪ استعمال ڪن جنهن کي ڌوئي ٻيهر استعمال ڪري سگهجي. ايئن ڪرڻ سان طبي عملي لاءِ مخصوص ماسڪ به ميسر هوندا ۽ گهٽ خرچ سان پاڻ به ماسڪ استعمال ڪري سگهنداسين.

پنجن سالن کان ننڍي ڄمار جي ٻارن کي ماسڪ پائڻ يا پارائڻ جي ضرورت ڪونهي، باقي ۵ سالن کان وڏي عمر وارا ڪپڙي جو عام ماسڪ استعمال ڪندا ته بهتر رهندو.

ياد رهي ته اهي ٻار جن کي اڳ ۾ کي بيماريون جهڙوڪ ٽي بي، ايڊز يا ٿيليسيميا وغيره آهن، انهن لاءِ ڪووڊ ايترو ئي خطرناڪ مرض آهي جهڙو ڪنهن وڏي

عمر جي فرد لاءِ خطرناڪ آهي. اهڙن ٻارن جي والدين کي محتاط رهڻو پوندو.

وبا جي ڏينهن ۾ کاڌ خوراڪ ۾ پڻ هيٺين ڳالهين جو ڌيان رکبو تہ بهتر رهندو ـ

- لوڻ جو مناسب استعمال ڪجي.
- سويا ساس يا ٻيون اهڙيون بازار جون بوتلن ۾ بند شيون گهٽ ۾ گهٽ استعمال ڪرڻ.
- بازار مان پٽاٽن جا چپس وغيره گهٽ استعمال ڪرڻ.
- سوڊا، پيپسي، ڪوڪ يا ٻيون بوتلون توڙي بازار جا دٻي بند جوس استعمال نہ ڪجن.
- جيترو ٿي سگهي تازا ميوا واپرائجن.

ٻورهاريون عورتون خاص ڪري اهي جن جو وزن وڌيل آهي، جيڪي ٣٠ سالن کان وڌي عمر جون آهن يا جن جو ٽيون، چوٿون يا ان کان وڌيڪ ٻچا آهي، جن کي بلڊپريشر، مٺن پيشابن يا ڪنهن بيماري جهڙوڪ ٽي بي، ايڊز، هيپٽائيٽس جي تڪليف آهي انهن کي ڪجھ گهڻو احتياط ڪرڻ گهرجي.

ٻورهارين کي گهرجي تہ هو پنهنجي صحت جو خيال ڪندي هيٺيان اپاءَ وٺن ـ

- هٿن کي صابڻ سان ڌوئي صاف ڪن.
- پاڻ کي ٻين کان هڪ ٻانهن يا ٣ فوٽن جيترو وٿيرڪو رکن.
- نڪ، اکين ۽ وات تي هٿ يا آڱريون ڦيرائڻ کان پاسو ڪن.
- سوٽي ڪپڙي جو ماسڪ پهرين.
- ڪنگهه يا ڇِڪ اچڻ وقت ڪو صاف ڪپڙو يا ٽشو پيپر استعمال ڪن يا ٺونٺ منهن تي ڏئي ڪنگهن جيئن سندن هٿ صاف رهن.
- پنهنجي معالج سان فون وسيلي رابطي ۾ رهن ۽ ڪنهن به مسئلي لاءِ رهنمائي وٺنديون رهن.
- اجايو اسپتال نه وڃن.
- هرويرو گهر کان ٻاهر ڪنهن پيهه واري جڳهه نه وڃن.
- ويم لاءِ پنهنجي معالج جي مشوري سان ڪنهن مناسب ويم گهر جي چونڊ ڪن.

اڄ سوڌو اهڙي ڪا به ثابتي ڪونهي ته ڪووڊ جي بيماري ماءُ کان نئين ڄاول ٻار ڏي منتقل ٿئي ٿي، تنهن هوندي به پنهنجي معالج جي ڏسيل طريقي سان احتياط ڪرڻ بهتر رهندو.

# وبا ۾ گھر ڀاتين جو بچاءُ

وبا ۾ گھر ڀاتين جو بچاءُ تڏھن ممڪن ٿي سگھندو جڏھن اسان گھر، خاندان، ويڙھي، پاڙي ۽ گھر ڀاتين متعلق بالڪل واضح ھونداسين.

## گھر ڇا آھي؟

گھر مان مراد آھي، اھا جڳھ يا چار ديواري جنھن ۾ رات گذارجي، جتي رنڌڻو ھجي ۽ رنڌ بچاءُ ڪري گذارجي.

## خاندان مان مراد ڇا آھي؟

ھڪ ابي، امان جي اولاد، اھي ھڪ گھر ۾ بہ ٿي سگھن ٿا، ھڪ کان وڌيڪ گھرن ۾ بہ ٿي سگھن ٿا.

## ويڙھو ڇا آھي؟

اھڙي گڏيل گھرن جي چارديواري جنھن ڪي ھڪ در ھجي ۽ اندر گھر ڪنھن ڪنڌيءَ، پٽ يا ٻنوڙي سان ڌار، ڌار سڃاڻي سگھجن.

ويڙھي ۾ اڪثر ھڪ ئي خاندان جا فرد رھندا آھن.

ويڙھي جو وھنوار ۽ رھڻي ڪھڻي ايئن ھوندي آھي جھڙوڪر سيئي گھرڀاتي ھجن.

## پاڙو ڇا آهي؟

ڪنهن بہ ڳوٺ، شهر يا وسنديءَ ۾ گهر جيڪي ڪجهہ گهٽين ۾ گڏ هجن، جن جو ڪنهن گڏيل دڪان، اسڪول، مسجد، مذهبي جڳهہ تي دارومدار هجي.

پاڙي ۾ گهرن جا ٻار گهٽين ۾ گڏ کيڏندا وتندا آهن. مرد ماڻهو ڪنهن دڪان تي، اوطاق ۾ يا عبادتگاهہ ۾ گڏبا آهن.

## گهر ڀاتيءَ مان مراد ڇا آهي؟

گهر ڀاتيءَ مان مراد آهي اهي فرد جيڪي ڪنهن هڪ جڳهہ تي رات گذاريندا هجن ۽ هڪ چلهہ تان ماني ٻيو کائيندا هجن، انهن جو هڪ ٻئي سان ڪو رشتو لازمي ڪونهي.

ڪو مهمان جيڪو عارضي طور ان گهر ۾ رهي ٿو، ان کي بہ گهرڀاتي تصور ڪيو ويندو آهي.

## ڪووڊ کي گهر کان ٻاهر ڪيئن رکجي؟

وبا جي ڏينهن ۾ ڪووڊ ڪٿي بہ ۽ ڪٿان بہ ڦهلجي سگهي ٿو، ايستائين جو جن هنڌن کي اسان پاڻ لاءِ

محفوظ سمجهندا آهيون، اتان به بيماري لڳي سگهي ٿي، جن ۾ پنهنجو سندو گهر به شامل آهي.

ان حقيقت کي سامهون رکندي، اسان سڀني کي نه صرف پنهنجي لاءِ احتياط ڪرڻو پوندو پر پنهنجي گهر ڀاتين جي ڪري به خيال رکڻو پوندو. ڇو ته جيڪڏهن گهر ۾ ڪنهن هڪ ڀاتيءَ کي ڪووڊ جي بيماري ٿي ته اها ٻين ڀاتين ۾ به ڦهلجي ويندي.

هن وقت تائين اهو معلوم ٿي سگهيو آهي ته اڏواڌ، مطلب ٥٠ سيڪڙو ڦهلاءَ جو سبب اهي فرد ٿيا آهن جن ۾ مرض جون بظاهر ڪي به علامتون ڪونه هيون.

جڏهن اسان روزگار يا ڪنهن ڪم سانگي گهر کان ٻاهر وڃون ٿا ته هن عالمي وبا جي عالم ۾ اسان جي بيماريءَ مان متاثر ٿيڻ جا امڪان وڌي وڃن ٿا ۽ ٿي سگهي ٿو ته اسان خاموشيءَ سان بيماري گهر کڻي اچئون.

اهي امڪان تڏهن گهٽا ٿيو پون جڏهن ـ

- ڪٽي پيهه ۾ وڃئون ٿا جتي فردن ۾ هڪ ٻانهه جيتري يا ٣ فوٽن جي وٿي نٿي رکي سگهجي.
- جڏهن اسان گهرڀاتين ڪانسواءِ ٻين ماڻهن سان گڏ وقت گهاريئون ٿا.

- اهڙين جڳهن تي وڃئون ٿا جتي ١٠ يا ڏهن کان وڌيڪ ماڻهو هڪ هنڌ موجود آهن ۽ انهن ۾ هڪ ٻانهه جيتري يا ٣ فوٽن جي وٿي ممڪن ناهي.
- ڪٿي ڪنهن اهڙي جڳهه تي هجئون ٿا جيڪا بند آهي ۽ هوادار ڪونهي.
- ڪووڊ کي گهر کان ٻاهر رکڻ لاءِ اهڙين سڀني حالتن ۾
  - ڪپڙي جو ماسڪ پهرڻ گهرجي.
  - پنهنجا هٿ صابڻ سان ڌوئڻ گهرجن.
  - هر قسم جي پيهه کان پاسو ڪريون.
  - هر شخص کان هڪ ٻانهه جيتري يا ٣ فوٽن جي وٿي رکڻ گهرجي.

انهي طرح اسان پاڻ کي ڪووڊ کان محفوظ رکي سگهئون ٿا ۽ بيماريءَ کي گهر کٽي اچڻ کان بچي سگهئون ٿا.

# جديد نوآبادياتي پرچارڪ

ٿورو ڌيان ڪري ڏسنداسين تہ اسانکي جديد نوآبادياتي پرچار neoliberal narrative سمجھہ ۾ ايندو.

ڪووڊ-١٩ جي هن عالمي وبا ۾ سرمائيداراڻي معيشتن جي وڪالت ڪندڙ ملڪن ۾ توهانکي صحت جو نظام قومي تحويل ۾ وٺڻ، شهرين لاءِ گھٽ ۾ گھٽ بنيادي آمدني مقرر ڪرڻ، ويڪسين جي پيداوار ۽ ترسيل ڪي رياست جي تابع ڪرڻ، پنهنجي شهرين جي مالي سهائتا ڪرڻ، قومي اميونائيزيشن جھڙا پروگرام جاري ڪرڻ ڪانوني هرقسم جي ڏيتي ليتيءَ ۽ سرمائيڪاريءَ تي الڳ الڳ موقف ملندو.

پاڙي ۾ هندستان ۾ هاري ۽ آبادگار انساني تاريخ جو وڏي ۾ وڏو احتجاج پياڪن.

هارين ۽ آبادگارن جو مطالبو آهي تہ

- فصل جي امدادي قيمت سرڪار مقرر ڪري.
- هڪ صوبي کان ٻئي صوبي ۾ جنسن جي چرپر جو فيصلو صوبائي حڪومتون ڪن.

- جنسن جي خريداري صرف سرڪار طرفان مقرر ڪيل مارڪيٽ ڪميٽيءَ تحت صوبائي سرڪار ڪري.
- منڊيءَ ۾ سرمائيدارن کي فصل خريد ڪرڻ جي اجازت فوراً منسوخ ڪئي وڃي.

اسان وٽ وري عجيب روش آهي تہ

- فصلن کي رياست کان آزاد ڪري واپارين حوالي ڪريو
- دوائون رياست جي نظرداريءَ کان آزاد ڪري ڏنڌوڙين حوالي ڪريو.
- صحت، تعليم، پاڻي، نڪاسي، گئس، بجلي مطلب روزمره جون سڀ ضرورتون رياست ۽ عوام کان آجيون ڪري واپارين جي حوالي ڪريو.

منهنجي راءِ ۾

١ . ويڪسين هجي يا ٻيون عوامي صحت، پکين ۽ جانورن جي بيمارين کان بچاءَ جو ويڪسين. اهي رڳو رياست کي خريد ڪرڻ گهرجن.

٢ . صحت، تعليم، پاڻي، نڪاسي، گئس، بجلي مطلب روزمره جون سڀ ضرورتون رياست جي تابع هجڻ گهرجن.

٣ . ڪاڏ خوراڪ ۽ زرعي جسنن جي اپت، پيداوار، خريداري ۽ وڪرو رياست جي تابع هجڻ گهرجي.

خانگي ادارا بہ رياست جي معرفت خريد ڪن.

رياستي يا حڪومتي هڪ هٽيءَ جو طعنو جديد نوآبادياتي سوچ جو مظهر آهي، جنهن سان ڏتڙيل رياستن کي ڳيجهو بنائڻ جي عالمي سامراجي چال نٽي ٿيل آهي.

## بيوسيءَ جو وس

ڪووڊ جي هن عالمي وبا جتي سرمائيداريءَ جي مراعتيافته ملڪن جي پت وائکي ڪئي آهي.

اتي دنيا ۾ ملڪن وچ ۾ موجود طبقاتي سوال کي نئين جلا به بخشي آهي.

هن وقت دنيا ٻن واضح ڌرين ۾ ورهايل آهي.

هڪڙا پئسي جي زور تي ويڪسين خريد پياڪن.

ٻيان پئسي نه هجڻ ڪري ويڪسين خريد ڪري نٿا سگهن.

جن ملڪن ويڪسين خريد ڪئي آهي، اهي تيسين بيماريءَ کان محفوظ نٿا ٿي سگهن جيسين جن ملڪن جي خريد ڪرڻ جي حيثيت ڪونهي، انهن کي ويڪسين نٿي ملي.

عجيب صورتحال آهي.

هڪڙن وٽ پئسو آهي.

ٻين وٽ بيمار ٿيڻ ۽ وائرس کي زندگي بخشي باقين کي به بيمار ڪرڻ جي صلاحيت.

هي 'هوند' وارن ۽ 'اڻهوند' وارن جو جهيڙو آهي.

اسرندڙ ملڪن جي نيم جاهل، جاهليت سان سرشار قومپرستن کي فيصلو ڪرڻو پوندو تہ دنيا ۾ هن تاريخ جي وڏي ۾ وڏي طبقاتي ڦاٽ جي ڦاٽڻ مهل هو ڪهڙي ڪاتي بيٺا آهن.

سرمائيدار ملڪن جي 'موڙي' سندن دولت آهي.

اسان جي 'موڙي' اسانجي بيوسي آهي.

اچو تہ پنهنجي بيوسيءَ کي طاقت بڻائي سرمائي جي ٻوٽ تي هڪ زوردار ٺڦڙ وهائيون.

# ڪووڊ جي ويڪسين جو استعمال

دنيا ڪي هن عالمي وبا مان نڪري معمول جي ڪارونهوار تائين پهچڻ لاءِ ڪووڊ- ١٩ برپا ڪندڙ وائرس سارس - ڪوو - ٢ کان بچاءَ جي ويڪسين شايد بهتر سهارو ثابت ٿي سگهي ٿي.

جڏهن بازار ۾ هڪ کان وڌيڪ ويڪسين موجود هجن ته ڪيترا ئي سوال به اٿن ٿا ۽ مونجهارا به پيدا ٿين ٿا.

اهڙي حالت ۾ سڀ کان وڌيڪ پيداوار وري افواهن جي ٿيندي آهي. منجهائيندڙ معلومات ۽ غلط خبرون به پنهنجو ڪم ڪنديون رهنديون آهن.

اڄ اسان انهن سوالن تي نظر وجهنداسين جيڪي ويڪسين جي استعمال جي باري ۾ گردش ڪن پيا.

سوال - ويڪسين لڳرائڻ جو فائدو؟

جواب- ويڪسين دراصل اهڙو ڪيميائي مرڪب هوندو آهي جنهن سان استعمال ڪندڙ جي جسم ۾ سندس فطري بچاءَ جو نظام حرڪت ۾ ايندو آهي.

ان عمل ذريعي جسم جو بچاءَ وارو نظام اينٽيباڊيز، نيوٽرَلائيزنگ پروٽين ۽ ٽي سيل ترتيب ڏيندو آهي.

جيئن اڳتي هلي اهو وائرس جيڪڏهن جسم ۾ داخل ٿئي ته ان کي کو نقصان ڪرڻ کان روڪي سگهجي.

جسم ۾ اهو سڀ ڪجهه پيدا ڪرڻ لاءِ پوءِ پلي ڪنهن ٻئي وائرس جا جزا هجن يا جينيٽڪ ڪوڊ داخل ڪيو ويو هجي جيئن ان بچاءَ جي نظام کي اهو نياپو ڏجي ته اهو اڳواٽ تياري ڪري.

سوال ـ ڇا هڪ فرد ٻه مختلف ويڪسين واپرائي سگهي ٿو؟

جواب ـ اميونائيزيشن جي عمل ۾ ويڪسين جي پهرين خوراڪ جسم ۾ بنيادي بچاءَ جي سرشتي کي متحرڪ ڪري گهربل بيماريءَ خلاف بچاءَ لاءِ تيار ڪندو آهي.

ٻين خوراڪ جنهن کي بوسٽر به چيو ويندو آهي، اها ان بنيادي سگهه ۾ بهتري ۽ جٽا پيدا ڪرڻ جو ڪم ڪندي آهي.

هاڻي جيڪڏهن ٻين خوراڪ ڪنهن مختلف ڪمپنيءَ جي الڳ نالي واري ڪووڊ ويڪسين جي به استعمال ڪجي ته ٻنهي جو حاصل مطلب ساڳو رهندو.

هن وقت ته صرف هڪ بوسٽر جو ذڪر هلي پيو.

اهو تحقيق ثابت ڪندي ۽ اسان کي دڳ لائيندي تہ ڪووڊ کان بچڻ لاءِ بوسٽر ڪيتري وقفي ڪانپوءِ استعمال ڪرڻو پوندو جيئن جسم ۾ بچاءَ وارو نظام اينٽيباڊيز، نيوٽرَلائيزنگ پروٽين ۽ ٽي سيل کي گھربل سطح تي قائم رکي سگھي.

هن وقت تائين موجود معلومات جيناآڌار تي صرف اهو چئي سگھجي ٿو تہ هڪ کان وڌيڪ ڪمپنين جون هڪ جھڙيون ويڪسين استعمال ڪرڻ ۾ ڪوبہ حرج ڪونهي.

سوال ـ سائنسي تحقيق دوران ٽيندڙ ٽرائل ۾ مون ويڪسين لڳرائي هئي، هاڻي مونکي ويڪسين لڳرائڻ گھرجي يا ضرورت ڪونهي؟

جواب ـ ڪنهن تحقيق دوران لڳرايل ويڪسين کي ويڪسين طور ناهي ڳڻبو. انڪري هر فرد کي ويڪسين لڳرائڻ گھرجي.

هتي اهو بہ واضح ڪندو هلان تہ ويڪسين ڪنهن کي ڪڏهن لڳندي انجو فيصلو رياستون ۽ حڪومتون پنهنجي معروضي حالتن، ويڪسين جي دستيابي ۽ خريد ڪرڻ جي صلاحيت جي بنياد تي ڪنديون. فردن کي ڪنهن بہ قسم جي ابھرائيءَ کان پاسو ڪرڻ گھرجي.

سوال ـ جن ماڻهن کي ڪووڊ ـ ١٩ جي بيماري ٿي چڪي آهي. مطلب جيڪي پي سي آر پازيٽو هيا ۽ هاڻ صحتمند ٿي نيگيٽو ٿي چڪا آهن. انهن کي ويڪسين لڳندي؟

جواب ـ ها، بالڪل هر فرد کي بنا ڪنهن بيمار ٿيڻ يا نه ٿيڻ جي متيبد جي ويڪسين لڳندي. اهو به ورجائيندو هلان ته ويڪسين ڪنهن کي ڪڏهن لڳندي انجو فيصلو رياستون ۽ حڪومتون پنهنجي معروضي حالتن، ويڪسين جي دستيابي ۽ خريد ڪرڻ جي صلاحيتن جي بنياد تي ڪنديون. فردن کي ڪنهن به قسم جي ابهرائيءَ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

ويڪسين لڳرائڻ هر فرد جو ذاتي اختيار آهي پر هتي اهو واضح ڪندو هلان ته ڪنهن بيماريءَ کان بچڻ لاءِ ويڪسين جو هجڻ ۽ استعمال ڪرڻ هاڻي ته ڪا نئين ڳالهه ڪونهي.

نه رڳو انسان ذات پر مختلف جانورن ۽ پکين ۾ ڪافي عرصي کان مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ ويڪسين واپرائي پئي وڃي.

ڪووڊ ـ ١٩ جي بيماريءَ ۽ ان جي اگرن اثرن کان بچڻ لاءِ ويڪسين جو استعمال بهتر فيصلو رهندو.

ٻاقي جيڪو اوهان جو راز.

## ويڪسين جا جزا

ويڪسين ۾ بيماري پيدا ڪندڙ جراثيم يا وائرس جا يا ته زرڙا هوندا آهن يا اهڙو مواد هوندو آهي جنهن سان جسم ۾ بچاءَ جو نظام خبردار ٿئي ۽ ويڪسين حاصل ڪندڙ جو سندو فطري بچاءَ جو نظام متحرڪ ٿي ڪيس ان بيماريءَ کان يا ان جي شدت کان بچائڻ جي سگهه پيدا ڪري.


ويڪسين ۾ ان مخصوص بيماريءَ جو سبب بڻجندڙ جرثومي يا وائرس جي ذرڙن کانسواءِ ٻيون شيون به شامل هونديون آهن جيڪي ڪيس گهٽي عرصي تائين مئوثر رکڻ ۾ معاونت فراهم ڪنديون آهن.

اهي مادا مختلف ويڪسين جي ڪوڙين خوراڪن ۾ سالن کان استعمال ڪيا ويندا آهن جيڪي محفوظ ۽ صحت بخش هوندا آهن.

انهن مادن کانسواءِ ويڪسين جي تياري، ترسيل ۽ اثر قائم رکڻ ممڪن ڪونهي.

ويڪسين جا اهي جزا جيڪي مختلف مادن جي صورت ۾ شامل ڪيا ويندا آهن، انهن تي به تحقيق ڪري اها

پڪ ڪئي ويندي آهي تہ اهي ڪنهن بہ صورت ۾ نقصانڪار نہ هجن.




ويڪسين ۾ شامل مختلف جزا...

مدافعتي مادا Antigens

هر قسم جي ويڪسين ۾ ان بيماريءَ جي خلاف مدافعتي مادا شامل هوندا آهن جيڪي حفاظتي نظام immune system کي اڳوات تيار ڪرڻ جو ڪم ڪندا آهن.

اهي مادا ڪنهن جراثيم يا وائرس جي شڪل ۾ ان جي جسم جي ڪنهن حصي جي شڪل ۾ يا ان جي ڪيميائي جزي جي شڪل ۾ شامل ڪيا ويندا آهن.

اهي ان مخصوص جراثيم يا وائرس جي لحميات proteins، نشاستي sugar، مثل جراثيم يا وائرس killed

bacteria or virus يا ڪمزور ڪيل جيئرو جراثيم يا وائرس live attenuated bacteria or virus تي سگھن ٿا.

## حفاظتي مادا Preservatives

هي اهي مادا هوندا آهن جيڪي ويڪسين کي ڪلڻ ڪانپوءِ خراب ٿيڻ کان بچائيندا آهن.

ياد رهي ته اڪثر ويڪسين جي هڪ شيشيءَ ۾ هڪ کان وڌيڪ خوراڪون هونديون آهن ۽ اهي کولڻ ڪانپوءِ ڪجھ وقت لاءِ استعمال هيٺ هونديون آهن.

اڪثر ويڪسين ۾ فناڪسي ايٿنول phenoxyethanol-2 نالي حفاظتي مادو استعمال ٿيندو آهي جيڪو عمومي طور بي ضرر سمجهيو ويندو آهي.

## پختو يا مستحڪم ڪرڻ وارو مادو Stablizers

هي مادو ويڪسين ۾ ڪنهن به اٽوٽندڙ ڪيميائي عمل کي روڪڻ ۾ مددگار ٿيندو آهي.

انڪانسواءِ ويڪسين جي محلول کي شيشيءَ سان چنبڙڻ ناهي ڏيندو ۽ ويڪسين جو گھربل مقدار قائم رکندو آهي.

پختو يا مستحڪم ڪرڻ لاءِ نشاستو جنهن ۾ ليڪٽوز يا سڪروز، گلائسين نالي امائينو ايسڊ، جيليٽن يا البيومين استعمال ڪئي ويندي آهي.

### ڳتڻ وارا مادا Surfactants

هي مادا ويڪسين کي ڳتي، ڳوڙهو رکڻ ۾ مددگار ٿيندا آهن.

انهن جي مدد سان ويڪسين جي محلول ۾ موجود سيئي جزا همہ وقت ڳتيل هجڻ ڪري هڪ شڪل ۾ موجود هوندا آهن.

### پاڇي مادا Residuals

هي اهي مادا هوندا آهن جيڪي ويڪسين جي تياريءَ جو عمل پورو ٿيڻ ڪانپوءِ انتهائي معمولي مقدار ۾ ويڪسين جي محلول ۾ پاڇي رهجي ويندا آهن.

انهن جو ڪنهن بہ طريقي سان ڪاٽو ڪرڻ ممڪن ڪونهي. اهي نشاستي يا لحميات تي مشتمل هوندا آهن جيڪي ويڪسين جي صنعتي سطح تي تياريءَ وقت بنيادي طور مستحڪم ڪرڻ واري مادي طور شامل ڪيا ويندا آهن.

## حل ڪرڻ وارا مادا Diluent

اهو مادو جيڪو ويڪسين استعمال ڪرڻ وقت گهربل مقدار ڻاهڻ جي ڪم ايندو آهي.

اڪثر ڪري حل ڪرڻ وارو مادو صاف پاڻي هوندو آهي جيڪو ٻاڦ مان حاصل ڪري محفوظ ڪيو ويندو آهي.

## ضمني مادا Adjuvant

هي اهي مادا هوندا آهن جيڪي ويڪسين جي جسم ۾ داخل ٿيڻ وقت ڪم ايندا آهن..هي مادا جسم ۾ بچاءَ جي نظام کي خبردار ڪندا آهن.

ڪجهه ويڪسين کي هي مادا جسم ۾ داخل ٿيڻ واري هنڌ ڪجهه وقت ساڪن رکڻ جو ڪم ڪندا آهن جيئن اتي بچاءَ جو نظام ڪم ڪرڻ شروع ڪري ۽ ويڪسين مئوثر ٿئي. هي اڪثر ڪري اليونينيم جي لوڻ جا مرڪب هوندا آهن.

- اليو مينيم فاسفيٽ
- اليومينيم هائڊرو آڪسائيڊ
- پوٽيشيم اليومينيم سلفيٽ

## وبا ۽ پلجنڊڙ وبائون

اهو سن ٢٠١٨ جو ذڪر آهي جڏهن صحت جي عالمي اداري WHO طرفان دنيا ڪي عالمي وبا ڪان خبردار ڪري هڪ فرض نالي X واري بيماريءَ جو چتاءُ ڏنو ويو هيو.

اڄ اسان هڪ عالمي وبا ۾ ڦاٿل آهيون جيڪا سن ٢٠١٩ جي ڊسمبر ۾ شروع ٿي ۽ گهڻجڻ جو نالو ئي نٿي وٺي.

ڪوڊ ـ ١٩ نالي بيماريءَ جي هيءَ وبا ڪوو ـ سارس ـ ٢ نالي وائرس سبب برپا ٿي آهي.

اهو وائرس جنهن خلاف دنيا جي سائنسدانن الاجي ڪيتريون ويڪسين ايتري گهٽ وقت ۾ ايجاد ڪري، انهن جي تپاس ڪري، تحقيق ڪري ماڻهن جي ڏورن تائين پهچايون آهن.

وائرس پنهنجي وجود ڪي باقي رکڻ لاءِ پنهنجي ساخت ۾ تبديليون ڪرڻ شروع ڪيون آهن جن جو پڻ ڪاٿو ڪيو پيو وڃي.

ڏکڻ آفريڪا جي سائنسدانن تہ دنيا کي ڳاڙهي جهنڊي ڏيکاري آهي.

نندي پئماني تي ٽيل ٻن تحقيقن موجب موجود ويڪسين وائرس جي نئين ساخت خلاف غيرمئوثر ٿي سگهن ٿيون.

ڳاڙهي جهنڊي تہ ياد آهي يا وري ياد ڏياريان.

"ڳاڙهي جهنڊي ريل بيهاري"

هائو!

ويڪسين جي ريل جيڪا پنهنجي طبقاتي متپيد سان روان دوان آهي، ان کي ڏکڻ آفريڪا جي سائنسدانن ڳاڙهي جهنڊي ڏيکاري آهي.

هاڻي ڏسئون اڳتي ڇا ٿو ٿئي.

توهان سوچيندا هوندئو تہ اها صحت جي عالمي اداري واري X نالي بيماري تہ هاڻي ڪووڊ۔ ١٩ ٿي وئي!

نہ منهنجا سائين.

اها X نالي واري بيماري جنهن مان عالمي وبا جو انديشو آهي، اها اجا اچڻي آهي.

اها نئين بيماري هوندي يا سماجن ۾ موجود ڦاٽ ڪنهن موجود بيماريءَ کي ايترو وڌڻ ويجهڻ جو ماحول فراهم

ڪندا جو اها هڪ ٻين عالمي وبا جي صورت اختيار ڪري.

اهو علمي بحث جاري آهي.

شايد رهندي دنيا تائين جاري رهندو.

اڇو تہ ڪجهہ پنهنجي منڍي سنڌ ۾ موجود وبائن تي نظر وجهئون.

سلهہ اسان وٽ ڪنهن وبا کان گهٽ ڪونهي

ارڙي

مليريا

مدي جو بخار

پوليو

ڪاڌ خوراڪ جي ڪمي،

خاص ڪري ٻارن ۽ نارين ۾.

جهالت، جاهليت، لاپرواهيءَ جي تہ صفا ڳالهہ ئي نٿا ڪريون.

وري ڪو سنگت چڙي نہ پوي.

ٿورو ڪنڌ ورائي چئوطرف نظر ڦيرايو.

اسان وٽ ڇا پيو وهي واپري:

ڪووڊ ـ ١٩ جي وبا تہ خيرن سان هلي پئي.

دنيا ويڪسين جون ڳالهيون پئي ڪري.

اسان جو هٿ ٽنگيو پيو آهي.

ڪو نہ ڪو سخي خيرات ڏيندو.

ٻڌو آ چيني ڪي پنج لک خوراڪون دانُ ڪن ٿا.

هتي پهچي تہ خبر پئي.

سلهہ TB جي تہ ڳالهہ نہ پڇو.

مٿان وري اسان وٽ بنيادي دوائون بي اثر پيون ٿين

جنهن ڪي ملٽي ڊرگ ريسسٽنس MDR چون ٿا.

ان ۾ سلهہ جون عام دوائون ڪم ناهن ڪنديون

مهانگيون خاص دوائون استعمال ڪرڻيون پونديون آهن.

مليريا . اسان اجا سوڌو ڪو اهڙو بندوبست نہ ڪري سگهيا آهيون جنهن سان رڳو تشخيص ڪري، مناسب علاج ڪري سگهئون.

مليريا بہ اسان وٽ MDR پئي ٿيندي وڃي.

ٻارن ۽ عورتن ۾ کاڌ خوراڪ جي ڪمي ڇڙو اڌواڌ ۾ آهي.

بالڪل صحيح سمجهيو، ٿلهي ليکي ٥٠ سيڪڙو آهي.

انهن سيني عذابن سان گڏ اسان بئراجن مان نڪرندڙ ڪئنالن، واهن ۽ شاخن ۾ اهي جنهن بہ ننڍي وڏي شهر، ڳوٺ، واهڻ، وسنديءَ پر مان گذرن. انهن انساني، آبادين، فيڪٽرين، مال جي واڙن، ڪڪڙن جي فارمن جو گندو پاڻي انهن ۾ ڇوڙ ڪرائيندا آهيون.

ياد رهي تہ وري پيئڻ جو پاڻي بہ ساڳين ڪئنالن، واهن ۽ شاخن مان استعمال ڪندا آهيون جيڪو فلٽر ڪرڻ جا جتي ڪي ذريعا آهن بہ تہ رڳو نالي ماتر.

اسان اينٽيبايوٽڪ هجن، مليريا جون دوائون هجن، مٿن پيشابن جو دوائون هجن يا ننڍ ڪرڻ جون مطلب نشي

واريون دوائون هجن سڌو سنئون هٽن تان وٺي واپرائيندا آهيو.

اسان جا ڊاڪٽر هجن يا صحت ڪارڪن، اهي به اهي دوائون بي ڌڙڪ تجويز ڪندا آهن.

اسان ڪڪڙن، مڇي ۽ ڍورن ڍڳن کي به اهي دوائون بنا ڪنهن حساب ڪتاب جي کارائيندا آهيون.

فصلن ۾ به زهر دل کولي وجهندا آهيون.

سبزين ۽ ميون کي به بازر موڪلڻ مهل مختلف دوائن سان سينگاري موڪليندا آهيون.

نتيجو اهو نڪتو آهي جو سلهه، مليريا، مدي جي بخار لاءِ دنيا ۾ استعمال ٿيندڙ عام دوائون اسان وٽ گهٽو ٽٺو بي اثر آهن.

اهي بيماريون MDR واري حيثيت وٺنديون پيون وڃن.

هاڻي گهڙي کن تصور ڪريو ته اهي اسان جون پنهنجيون گهر جون بيماريون، جي نه انهن جون دوائون مڪمل بي اثر ٿي ويون ته پوءِ ڇا ٿيندو.

سنڌ ۾ اناج جي اپت ته پلي ٿي ٿئي،

سبزيون ۽ ميوا بہ جام ٿا لهن

پوءِ اها بک اسان جي نُڪَ ۾ چو اٽڪي پئي آهي،

ان تي بہ سوچيو.

وبا ۾ وبا آهي

بي ڌياني،

لاپرواهي ۽

جاهليت.

ٿورو سوچجو!

# سنڌ ۾ ميسر ويڪسين

اڄڪلهه ڪووڊ-١٩ جي عالمي وبا ۾ چيئوڊس ويڪسين ويڪسين جو حل لڳل آهي. هر ڪو اهو انتظار پيو ڪري تہ پاڪستان ۾ ويڪسين ڪڏهن ايندي، اها سرڪار پاران بنا معاوضي ميسر هوندي يا خانگي دڪانن تان وٺي، استعمال ڪرڻي پوندي.

ڪجهہ دوستن تہ اهڙو اظهار ڪيو آهي تہ وفاقي حڪومت ڪي فالفور خانگي شعبي کي ويڪسين درآمد ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ گهرجي.

اهو بہ پڙهڻ، ٻڌڻ ۾ آيو تہ سرنديءَ وارا اهي ويڪسين خانگي شعبي مان حاصل ڪرڻ جو خرچ بہ برداشت ڪري ويندا.

مون سوچيو تہ سنگت کي ياد ڪرائيندو هلان تہ سنڌ ۾ صحت کاتي جو اميونائيزيشن وارو پروگرام EPIٻارن ۽ عورتن، ها ١۴ سالن کان ۴٩ سالن جي مڙني عورتن ۽ ٻن سالن کان ننڍي عمر. جي ٻارن کي بنا ڪنهن معاوضي طلب ڪرڻ جي ويڪسين فراهم ڪندو آهي جنهن جو مڪمل تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

ٿوري همٿ ڪريو، جيستائين ڪووڊ- ١٩ جي ويڪسين اچي هيءَ سهولت تہ حاصل ڪريو.

The Expanded Programme on Immunization (EPI) target diseases:

- پوليو Poliomyelitis
- ٻاراڻي جھٽڪن جي بيماري - [تشنج] Neonatal Tetanus
- ارڙي Measles
- خناق Diphtheria
- وڏي ڪنگھہ Pertusis
- ڪاري سائي Hepatitis B
- نمونيس Hib Pneumonia
- گردن توڙ بخار Hib Meningitis
- ٻاراڻي ٽي بي Childhood TB
- روٽا وائرس سبب پيدا ٿيندڙ دستن جي بيماري Rota Virus Diarrhea
- مدي جو بخار Typhiod Fever

پنھنجي ٻارن کي زندگيءَ جي پھرين سال ۾ ڪنھن بہ سرڪاري صحت مرڪز تان بيمارين کان بچاءَ لاءِ ويڪسين [ٽڪا] ضرور لڳرايو -

## پهرين خوراڪ

پيدائش ڪانپوءِ جيترو جلدي ٿي سگھي.

- پوليو جا ڦڙا OPV0
- ٻارڙي ٽي بي BCG
- هيپٽائيٽس ۔ بي HVB

## ٻين خوراڪ

ڇهن هفتن جي عمر ۾

- پوليو جا ڦڙا ۔ پهريون OPV1
- پينٽا ۔ پهريون Penta1
- نيموڪوڪل ۔ پهريون Pneumococcal 1
- روٽا وائرس ۔ پهريون. Rota rix 1

## ٽين خوراڪ

پهرين خوراڪ کان گهٽ ۾ گهٽ چئن هفتن ڪانپوءِ

- پوليو جا ڦڙا ۔ ٻيون OPV2
- پينٽا ۔ ٻيون Penra2
- نيموڪوڪل ۔ ٻيون. Pneumococcal2
- روٽا وائرس ۔ ٻيون. Rota rix 2

## چوٿين خوراڪ

ٻين خوراڪ کان گهٽ ۾ گهٽ چئن هفتن ڪانپوءِ

- پوليو جا ڦڙا ـ ٽيون. OPV3
- پينٽا ـ ٽيون. Penta3
- نيموڪوڪل ـ ٽيون Pneumococcal3
- پوليو جي سئي IPV

## پنجين خوراڪ

نون (9) مهينن جي عمر ۾

- ارڙي ـ پهريون Measles1
- مدي جي بخار جو ٽڪو TCV

## ڇهين خوراڪ

ارڙي جي پهرين ٽڪي کان گهٽ، ۾ گهٽ 6 مهينا پوءِ

- ارڙي ـ ٻيون Measles2

نوٽ: .

- ✓ ٻن ٽڪن جي وچ ۾ گهٽ ۾ گهٽ وقفو 4 هفتا آهي .
- ✓ وڌ ۾ وڌ وقفي جو ڪٿي ڪوبہ تعين ٿيل ڪونهي
- ✓ جيڪو ٽڪو هڪ دفعو لڳو اهو باقي حياتيءَ تائين ڪاگر رهندو .
- ✓ ڪنهن بہ ٽڪي کي ورجائڻ ۾ ڪوبہ فائدو ڪونهي

ٻار پيدا ڪرڻ لائق عمر ١٥ کان ٤٩ سالن جي هر عورت لاءِ اها شادي ٿيل هجي يا ڪنواري هجي.

- پهريو ٽڪو . TT1. چوڏهن (١۴) سالن جي عمر ڪانپوءِ جيترو جلدي ٿي سگهي.
- ٻيون ٽڪو . TT2 . پهرين ٽڪي لڳڻ ڪان گهٽ ۾ گهٽ چار (۴) هفتا پوءِ.
- ٽيون ٽڪو . TT3. ٻئين ٽڪي لڳڻ ڪان گهٽ ۾ گهٽ ڇهه (۶) مهينا پوءِ.
- چوٿون ٽڪو . TT4. ٽئين ٽڪي ڪان گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال پوءِ.
- پنجون ٽڪو . TT5. چوٿين ٽڪي ڪان گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال پوءِ.

نوٽ: .

✓ اهي ڇوڪريون جن کي ٻاراڻي عمر ۾ DPT جا 3 ٽڪا لڳل آهن ۽ وٽن ٽڪن جو ڪارڊ به موجود آهي يا صحت مرڪز وٽ اهو ريڪارڊ موجود آهي، انهن لاءِ TT جا پهريان 2 ٽڪا لڳل تصور ڪري ٽئين ٽڪي TT3 ڪان ٽڪا لڳائڻ شروع ڪنداسين.

✓ جيڪو ٽڪو هڪ دفعو لڳو اهو باقي حياتيءَ تائين ڪارگر رهندو.

✓ ڪنهن به ٽڪي کي ورجائڻ ۾ ڪوبه فائدو ڪونهي.

## سرمائيداريءَ جا ڦاٽ

سرمائيداريءَ جا ڏريل ڦاٽ

- عالمي وبا ۾ ڦٽل ٻَوائون ـ
- ويڪسين قومپرستي ـ ڪووڊپرستي ـ جڏهن ملڪ سرحدن ڪان اڳتي انڊا تي پون ۽ رڳو پنهنجي ملڪ ۾ ويڪسين ذخيرو ڪرڻ شروع ڪن. جيڪو هن وقت ٿئي پيو.
- ضرورت تحت ويڪسين مطلب صحت ڪارڪن، سارسنڀال جي عملي ۽ ٦٠ سالن ڪان وڏي ڄمار جي انسانن کي بنا ڪنهن رنگ، نسل، جنس، قوم، شهريت يا پئسي جي ويڪسين مهيا ڪرڻ
- وبا ۾ ڪمائيندڙ سرمائيدار تي ڪورونا ٽيڪس لاڳو ڪريو.
- دنيا ۾ ويڪسين لاءِ گهربل رقم متوقع عالمي نقصانن جي مقابلي ۾ ايئن آهي جڻ بس ٻڙيون برابر ڪجن. جيئن چئجي ته ٩٩ نه پورو ١٠٠
- ويڪسين جي ڊوڙ ۾ طبقاتي متيبيد ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل وٿيون جيڪي سرمائيداري، نيو

لبرل سرمائيداري ۽ سماجي تحفظ جي نالي تي ٽيندڙ استحصال کي وائکو پيون ڪن.

سرمائيدار فرد ۽ ملڪ پلائي ۽ خيرات جي نالي ۾ دنيا کي سرمو پيا پارائين ۽ اسان جهڙا مزدور اهو سرمو پيا وڪڻن، جيئن ڪنهن بس ۾ سرمو وڪڻندڙ پاڻ بہ اهو سرمو پلجي ڪونہ پائيندو آهي.

ياد رکجو هتي بہ اهي آزمايل هٿيار استعمال ٿيندا مذهب ۽ قومپرستي.

سرمائيداريءَ جي ڦاٽن کي ايئن سينگاري اسان کي ڏيکاريندا جهڙوڪر ڪا سونهن هجي.

مختلف حيلن بهانن سان طبقاتي صفبنديءَ کي غلط ثابت ڪندا جيئن هو اڪثريت جو استحصال ڪري سگهن، جيڪو صدين کان جاري آهي.

مون الائي ڪيترا دفعا لکيو آهي

١ . آفتون پاڻ سان موقعا کڻي ايندڻيون آهن

هي موقعو ضايع نہ ڪريون

طبقاتي صفبنديءَ کي عام ڪريون.

٢ . نشو ڪنهن بہ حالت ۾ چڱو ڪونهي.

اهو فرد واپرائي يا ڪو سماج.

هو هاڻي بہ اهو ئي ڪندا جيڪو چين سان ڪيو هئائون.

ها!

نوان آزمايل آفيم!

مذهب ۽ قومپرستي.

جاڳندا رهجو

دوستو ساٿيو

جاڳندا رهجو

# وبا ۾ ماسڪ جي چونڊ

ڪووڊ جي هن عالمي وبا ۾ ماسڪ جڏهن پوشاڪ جو هڪ جز طور ڳڻايو پيو وڃي، اهو سوال اڀري ٿو ته هڪ عام شهريءَ کي ڪهڙو ماسڪ استعمال ڪرڻ گهرجي.

ماسڪ جي چونڊ ڪرڻ مهل اهو به سامهون رکڻو پوندو ته هڪ فرد کي انجي ڪيتري قيمت ادا ڪرڻي پوندي ۽ هن ڪساد بازاريءَ جي عالم ۾ جڏهن روزگار جا وسيلا به محدود آهن ۽ شخصي آمدني به گهٽ آهي. شهري ڪهڙي قسم جو ماسڪ گهٽ خرچ سان ڊگهي وقت تائين استعمال ڪري سگهن ٿا. خاص ڪري اسڪولي ٻارن لاءِ ڪهڙي ماسڪ جو استعمال بهتر رهندو.

اسڪولن جي انتظاميا کي ٿي سگهي ٿو ڪنهن قسم جا انتظامي فيصلا ڪرڻا پون ۽ ٻارن کي ڪپڙي جو ماسڪ استعمال ڪرڻ جو پابند ڪرڻو پوي. اسڪولن کي ڪپڙي جو هڪ جهڙو ماسڪ استعمال ڪرڻ جو پڻ حڪم ڏيڻ گهرجي جنهن سان طبقاتي متڀيد کي روڪي سگهجي.

ڏنو وڃي ته سماج ۾ ڪپڙي جي ماسڪ کان ويندي N95 ريسپائريٽر تائين بازر ۾ عام جام استعمال ٿيندي نظر اچن ٿا.

صارف جتي مختلف قسم جا ماسڪ پورائيءَ ۾ واپرائي ٿو، اتي دڪاندار ۽ سرمائيدار به ماسڪ کي فيشن ۽ اسٽيٽس جي نشانيءَ طور بازر ۾ متعارف ڪرائين پيا.

ان صورتحال ۾ اسان پبلڪ هيلٿ جي ماڻهن جي ذميواري آهي ته سائنسي بنيادن تي چندچاڻ ڪري اهو ٻڌايون ته ڪهڙو ماسڪ گهٽ خرچ ۽ بالانشين هوندو.

ياد رهي ته ماسڪ جو استعمال ملڪي قانونن ۽ هدايتن جو تابع آهي ۽ جتي اسانکي ملڪي سطح تي ماسڪ پهرڻ جي سفارش ڪئي ٿي وڃي، اتي هڪ شهريءَ جي حيثيت ۾ ماسڪ پهرڻ اسان تي لازم ٿيو وڃي.

ماسڪ پهرڻ جو بنيادي فائدو اهو آهي ته پيهه ۾ جتي هڪٻئي کان تجويز ڪيل هڪ ٻانهن يا ٣ فوٽن جو فاصلو رکڻ ممڪن ڪونهي يا جتي اسان ڪنهن ڪم سانگي ٻئي فرد کان فاصلو نٿا رکي سگهئون، اتي ماسڪ اسان لاءِ اضافي بچاءَ جو سبب بڻجي ٿو.

ماسڪ ڪھڙو بہ ھجي اھو صرف تڏھن فائديمند ٿيندو جڏھن ساڻ اسان ٻيون تجويز ڪيل عادتون بہ اپنائيون جھڙوڪر وٿي رکڻ، صابڻ سان ھٿ ڌوئڻ وغيره.

ماسڪ جا قسم

١ . ڪپڙي جو ماسڪ:

سوٽي ڪپڙي جي ٽن تھن وارو ماسڪ جنھن کي ڪنن ۾ ڦاسائي يا ڪياڙيءَ ۾ ٻڌي استعمال ڪجي، اھو اسان کي سامھون واري شخص جي ساھ مان نڪرندڙ ڦڙن کان بچائيندو جيڪي ساھ کڻڻ، ڳالھائڻ، کنگھڻ يا ڇنڇ ڏيڻ وقت خارج ٿيندا آھن. انھن ڦڙن وسيلي وائرس ھڪ فرد کان ٻئين ڏانھن منتقل ٿي بيماريءَ جو سبب بڻجي ٿو.

ڪپڙي جي ماسڪ ۾ استعمال ٿيندڙ ٽن تھن ۾ اندريون تھ سوٽي ڪپڙي جو ھجي جيڪو گھم کي جذب ڪري، وچون تھ اھڙي ڪپڙي جو ھجي جيڪو فلٽر جو ڪم ڪري ۽ ٻاھريون تھ پوليسٽر واري ڪپڙي جو ھجي جنھن تان ڦڙا ترڪي وڃن.

رنگبرنگي هڪڙي ته وارو ماسڪ جهڙو توهان ڪجهه پاتو ئي ڪونهي.

### ٢ . سرجيڪل يا ميڊيڪل ماسڪ:

هي ماسڪ به ٽن تهن تي ٻڌل هوندو آهي ۽ اهو پڻ ساهه ۾ ڦڙن کي شامل ڪرڻ کان روڪيندو آهي پر پنهنجي نالي مان ئي اهو ظاهر ڪري ٿو ته اهو انهن فردن لاءِ آهي جيڪي يا ته سرجري ڪن ٿا يا ڪنهن طبي پيشي سان منسلڪ آهن يا ڪنهن طبي مسئلي جو شڪار آهن.

مطلب طبي عملو، مريض ۽ مريض جا تيماردار.

هن وقت دنيا جنهن وبا کي منهن ڏئي رهي آهي ۽ جهڙي طرح رياستون شهرين کي ماسڪ استعمال ڪرڻ جون هدايتون ڏئي رهيون آهن، دنيا ۾ هن قسم جي ماسڪ جي پيداوار ايتري ڪونهي جو هر فرد ان کي استعمال ڪري سگهي، ان ڪري اهو اسان کي انهن ماڻهن لاءِ بچائڻو پوندو جن کي ان جي وڌيڪ ضرورت آهي.

هن شتر بي مهار بازر ۾ طلب ۽ رسد جو توازن برقرار رکڻ لاءِ اسان سيني کي گڏجي اهو ماسڪ انهن خاص فردن لاءِ بچائڻو پوندو جن کي ان جي وڌيڪ ضرورت

آهي يا شايد انهن لاءِ اهو سندن زندگي بچائڻ جي سامان جو حصو آهي.

خاص فردن مان مراد آهي.

طبي عملو، مريض ۽ مريض جا تيماردار.

### ٣ . ريسپائريٽر

هن قسم جا ماسڪ اهڙي طبي عملي لاءِ تجويز ڪيل آهن جيڪي ڪنهن اهڙي هنڌ خدمتون سرانجام ڏين جتي ڦڙڙن جي هوا ۾ مهلڪ رهڻ جو امڪان هجي جنهن کي انگريزيءَ ۾ aerosole چئبو آهي.

انهي ساڳي قسم جي ماسڪ N95 کي يورپ ۾ وري FFP ماسڪ چوندا آهن.

### ماسڪ جي سار سنڀال:

- ڪپڙي جو ماسڪ هر دفعي استعمال ڪرڻ کانپوءِ عام ڪپڙن ڌوئڻ وانگر صابڻ يا پائوڊر سان ڌوئي، سڪائي استعمال ڪرڻ گهرجي.
- ميرو يا پِگِلُ ماسڪ استعمال ڪرڻ نقصانڪار ٿي سگهي ٿو.

- ميڊيڪل ماسڪ هڪ دفعو استعمال ڪرڻ ڪانپوءِ ڪنهن ڪئنچيءَ سان ٻه اڌ ڪري ضايع ڪرڻ گهرجي.
- ڪوبه ماسڪ جيڪڏهن آلو ٿي وڃي ته ان جو استعمال فوراً ختم ڪيو وڃي ۽ صاف خشڪ ماسڪ استعمال ڪجي.

وڌيڪ تفصيلن لاءِ صحت جي عالمي اداري جي ويب سائيٽ تان معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي.

# ويڪسين ۽ وبا

ڪووڊ ـ ١٩ جي هن عالمي وبا ۾ ان ڏينهن نئين تاريخ رقم ٿي جڏهن دنيا ۾ ڪووڊ جي بچاءَ جي BNT162b2 نالي بايون ٽيڪ ۽ فائيزر ڪمپنين جي تيار ڪيل پهرين ويڪسين آمريڪا ۾ عارضي اجازتنامي تحت استعمال ڪرڻ جي موڪل ڏني وئي.

اهو ڪو معمولي موقعو ڪونهي پر ياد رهي تہ سڄي دنيا ۾ اميومائيزيشن پروگرامن جي ويڪسين تائين رسائي ۽ دنيا جي اڪثريت آباديءَ کي ويڪسين لڳائڻ ڪو معمولي ڪم ڪونهي ۽ چند ملڪن ۾ ويڪسين پهچڻ ۽ واپرائڻ سان ڪو هيءَ وبا ڦوڪ سان اڏي ختم ڪونہ ٿيندي.

ها! بيماريءَ ۽ ان جي اگرن نتيجن جهڙوڪر اسپتالن ۾ داخلا، آڪسيجن جي ضرورت، وينٽيليٽرن جي ضرورت جهڪي ٿيندي ۽ ٿي سگهي ٿو ڪووڊ وگهي ٿيندڙ موت جي رفتار بہ ڪجهہ گهٽجي، باقي ڪووڊ جي ڦهلاءَ تي ويڪسين جو ڪهڙو اثر ٿيندو ان جي اجا ڪا ثابتي ڪونهي.

هاڻي جڏهن وائرس جا هڪ کان وڌيڪ نوان نمونا اڀري
کان وڌيڪ ڦهلجڻ جي صلاحيت حاصل ڪري رهيا آهن.
ان ماحول ۾ لڳي ٿو تہ هن انوکي عالمي وبا تي ڪو
ايندڙ ٽن، چئن سالن ۾ ضابطو اچي باقي تڪڙ ۾ ڪجھ
ٿيندي نظر نٿو اچي.

هن وقت دنيا ۾ مختلف ڪمپنين ۽ ملڪن جون تيار
ڪيل ويڪسين استعمال هيٺ آهن جن ۾

- ماڊرنا نالي ڪمپنيءَ جي BNT162b2, mRNA-1273
- آڪسفرڊ يونيورسٽي ۽ آسٽر زينيڪا جي تيار ڪيل -ChAdOx1 nCoV
- گميليا ريسرچ انسٽيٽيوٽ رشيا جي تيار ڪيل Sputnik V
- سائنوفارم چين جي تيار ڪيل BBIBP-CorV

انهن مختلف ويڪسين مان اڪثر جي تياري ۽ تحقيق
متعلق معلومات گهٽ تحقيقي جرنلن ۾ ڇپيل
ڪونهي، رڳو تيار ڪندڙن جا اخباري بيان ۽ دعوائون
ميسر آهن. اميد اها آهي تہ جن ملڪن جي ريگيوليٽرن

انهن کي عارض اجازتناما جاري ڪيا آهن، انهن جوڳي چندڇاڻ به ڪئي هوندي.

ياد رهي ته هيءَ انساني تاريخ جي غيرمعمولي وبا آهي جنهن لاءِ ويڪسين به غير معمولي عرصي ۾ انداز سان ميسر ٿي آهي.

ايستائين جو جن ويڪسين متعلق معلومات ميسر به آهي اها به سندن تياري واري تحقيقي مرحلي جي آهي. هاڻي انهن ويڪسين جي عوامي استعمال کانپوءِ نتيجا ڇا نڪرندا، اهو وقت ٻڌائيندو.

اسان بهتريءَ جي اميد ئي ڪري سگهئون ٿا.

ڪجه سوال جيڪي پبلڪ هيلٿ جو شاگرد هجڻ ناتي ذهن ۾ ايرن ٿا ته........

ويڪسين لڳرائڻ کانپوءِ ڪووڊ ـ ١٩ بيماريءَ کان بچاءَ جي سگهه(اميونٽي) ڪيتري جڙندي؟

اهو بچاءُ ڪيتري عرصي تائين هوندو؟

ڇا ويڪسين جي ٺاهيندڙن طرفان تجويز ڪيل خوراڪ ڪافي رهندي يا ڪجهه عرصي کانپوءِ بچاءَ کي بهتر رکڻ لاءِ اضافي خوراڪ جو بوسٽر ڊوز به لڳائڻو پوندو؟

انهن سڀني سوالن جا جواب اميونائيزيشن ڪانپوءِ جي تحقيقي مقالن ۾ ليندا.

ڇا ويڪسين وائرس جو ڦهلاءُ روڪيندي؟

ان سوال جو جواب صرف هڪڙي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جي ويڪسين متعلق تہ ملندو جو انهن جي تحقيقي طريقي ۾ ان کي شامل ڪيو ويو آهي، باقين جي ڪيئن خبر پوندي. اها اجا ڪا خبر ڪونهي.

سماج جي انهن فردن جن کي ويڪسين جي تحقيق ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي جهڙوڪر "اميد سان عورتون". انهن جو ڇا ٿيندو؟

ڪو خاطرخواهہ جواب ڪونهي. ظاهر آ اهو جواب تڏهن ملندو جڏهن ڪين ويڪسين جي تحقيق ۾ شامل ڪبو پر تيستائين جيڪي ويڪسين ملڪن جي اميونائيزيشن پروگرامن ۾ شروع ٿي ويون آهن، اهي ڪين لڳنديون يا نہ؟

شايد اهو بہ ايئن طئي ٿيندو جو فائدي ۽ ڪنهن امڪاني نقصان جو تجزيو ڪري فائدي لاءِ ويڪسين واپرائي ويندي.

ڪجهه چئي نٿو سگهجي.

ڏنو وڃي ته انهن سڀني سوالن ۽ انديشن کان وڌيڪ ڳنڀير سوال آهي ملڪن جي ٻالغ آباديءَ کي ايڏي وڏي تعداد ۾ خدمتون پهچائڻ، جنهن جو ڪو به مثال يا تجربو اڳ ڪنهن به ملڪ کي ڪونهي. مطلب اهو سڄو اميونائيزيشن جو مرحلو ڪم ڪندي سگهڻ ۽ خدمتن کي بهتر ڪرڻ واري قانون تحت سرانجام ڏنو ويندو.

ان کان وڌيڪ پريشانيءَ جو اهو ماحول آهي جنهن ۾ امير ملڪ ويڪسين جي عالمي پيداوار جو اڌ لان وڌيڪ حصو پنهنجي شهرين لاءِ خريد ڪري چڪا آهن ۽ غريب ملڪ جن کي LMIC چيو وڃي ٿو انهن لاءِ گڏيل قومن جو COVAX نالي بندوبست ويڪسين جي خريداري ڪري رهيو آهي جنهن کي اڄ تائين آڪسفورڊ واري ويڪسين جو ڪو معمولي مقدار ميسر ٿي سگهيو آهي.

امير ملڪن کي اهو به ياد رکڻ گهرجي ته هن عالمي وبا ۾ هو جيڪڏهن پنهنجي سڄي آباديءَ کي به ويڪسين مهيا ڪري ڏين تڏهن به دنيا جي ڪا ٢٠ سيڪڙو کان گهٽ آباديءَ کي ويڪسين ملندي ڇو ته اسريل ملڪن جي جملي آبادي، دنيا جي ڪل آباديءَ جو ١۴ سيڪڙو

آهي. جنهن جو وبا تي ڪو خاص اثر ڪونہ پوندو چو تہ ويڪسين جو ڦهلاءَ تي ڪيترو ۽ ڪهڙو اثر ٿيندو ڪنهن کي ڪا ڪل ئي ڪونهي.

اهو سڀ سامهون رکندي بيماريءَ کان بچڻ جا طريقا اسان کي پنهنجي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ شامل ڪرڻا پوندا.

جيڪو اسان جي وس آهي، اهو آهي پنهنجو، پنهنجي گهر وارن، دوستن، ساٿين، سماج ۽ ملڪ جو بچاءُ ڪرڻ. ان لاءِ جيترو ٿي سگهي پنهنجو خيال ڪرڻو پوندو. وائرس کان بچڻ ۽ ڦهلاءَ روڪڻ جو سولو ۽ ڪاگر طريقو:

- کنگھ يا نِڇ اچڻ جي وقت پنهنجي نڪ ۽ وات کي ڪنهن ڪپڙي سان ڍڪيو.
- هٿن کي چڱي طرح صابڻ سان ڌوئي، صاف ڪريو يا 'الڪوحل' جو محلول هٿن تي مليو.
- کنگھ، بخار يا ساھ جي تڪليف پائيو تہ ڪنهن مستند ڊاڪٽر سان جلدي مشورو ڪريو.
- گهر کان ٻاهر هڪ ٻئي کان هڪ ٻانهن جي وٿي رکو يا گهٽ ۾ گهٽ ٣ فوٽ وٿيرڪا رهو.

- گھر کان ٻاھر جيڪڏھن ڪنھن دڪان، بئنڪ يا مارڪيٽ وڃو تہ ڪپڙي جو 'ماسڪ' استعمال ڪريو.

ڏنو وڃي تہ گڏيل قومن جي بندوبست طرفان ويڪسين ملڻ کان اڳ ڪافي ملڪن کي پنھنجي طور ڳنھيل يا امداد طور ويڪسين مھيا ٿي آھي، جيئن اسانکي چين ڏني آھي.

سنڌ ۾ تہ ھونءَ بہ اسان ھر ڪم پنھنجي نرالي انداز سان ڪندا آھيون. سو ھن ويڪسين ڏيڻ وارو ڪم بہ ڪجھ ايئن ترتيب ڏنو اٿن جھڙوڪر اسان وارن ھمراھن کي بہ آمريڪين جيان منفي ٨٠ ڊگري سينٽيگريڊ جي ڪولڊ چين گھربل ھئي.

خير! اميد تہ جلدي اک پٽيندا.

اسان تہ چين واري ويڪسين پيا واپرائيون جيڪا ٢ کان ٨ ڊگري سينٽيگريڊ تي موثر رھندي. انڪري شايد اسان جا اڳ کان موجود سينٽر وڏيڪ موثر ۽ ڪارآمد رھندا. ھرو ڀرو متوازي نظام کڙو ڪري پنھنجي تڪليفن ۾ اجايو اضافو نہ ڪرڻ گھرجي.

# ڪووڊ ـ ١٩ جون پيچيدگيون

دنيا هن وقت هڪ عالمي وبا پوڳي رهي آهي. هن وبا جو سبب بيماري، ڪووڊ ـ ١٩ جيڪا هڪ نئين بيماري آهي، ان متعلق روزانو نيون نيون خبرون ۽ معلومات ظاهر ٿئي ٿي.

دنيا جي مختلف ملڪن ۾ سائنسدان ۽ معالج هن بيماريءَ جي مختلف پيچيدگين کي قلمبند ڪري انهن جو جوڳو علاج ۽ مريض جي سهائتا جا طريقا ڳولهي رهيا آهن.

اسان سيئي پلي پت واقف آهيون تہ دنيا هن بيماريءَ خلاف ويڪسين تاريخي طور گهٽ عرصي ۾ تيار ڪري ورتي آهي ۽ اڄ ڪان تہ اسان سنڌواسي بہ اها استعمال پيا ڪريون.

اهڙي ريت ڪنهن بہ ڪووڊ جي مريض کي جيڪا سهائتا گهرجي، ان تي بہ هر طرف ڪان ڪوششون ۽ تحقيق جاري آهي.

ڏنو وجي تہ هن وقت تائين مليل ڄاڻ موجب هيءَ بيماري بنا ڪنهن ظاهري علامت يا تڪليف جي بہ فردن مان

گذريو وڃي تہ ڪجھہ ماڻھن ۾ معمولي علامتن سان ۽ ڪجھہ فردن ۾ وري شديد علامتن سان، ايستائين جو خاصي تعداد لاءِ دنيا ۾ موتمار بہ ثابت ٿي آهي.

ساڳي ريت اهي مريض جيڪي هن بيماريءَ مان صحتياب ٿيا آهن، انهن ۾ بہ ٿوري ۽ ڊگهي مدي تائين اٽوٽندڙ علامتون ظاهر ٿين ٿيون. جن مان ڪجھہ تہ انساني بدن جي مختلف سرشتن جهڙوڪ ساهہ، هاضمو، رت، دماغي نظام ۾ مختلف پيچيدگيون پيدا ڪري ٿي.

عام طور تي ظاهر ٿيندڙ پيچيدگيون جن دنيا ۾ فردن کي صحت مرڪز يا معالج ڏانهن رجوع ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي اهي آهن:

- بي سبب ٿڪ
- ساهہ ۾ سوڙهہ
- کنگهہ
- سنڌن جو سور
- سيني جو سور

انڪان علاوه بہ ڪجھہ علامتون آهن جن جي ڪري مريضن کي علاج لاءِ رجوع ڪرڻو پيو آهي. هي

علامتون وري پهرين کان گهٽ تعداد ۾ ظاهر ٿيون آهن
.

- سوچڻ يا ڌيان ڏيڻ ۾ ڏکيائي
- مونجهارو
- جسم ۾ سور
- مٿي جو سور
- واري جو بخار
- دل جو بي سبب تيز ڌڙڪڻ.

ڪجهه انتهائي تڪليف ڏيندڙ پيچيدگيون جيڪي ڪي عام ڪونهن پر هڪ اڌ مريض انهن سببن ڪري به اسپتال پيڙا ٿيا آهن. اهي آهن:

- دل جي مشڪن جي سوزش
- ڦڦڙن جي سوزش
- بڪين جي سوزش
- وارن جو ڇڻڻ
- چمڙيءَ جي تڪليف
- چکڻ ۽ سنگھڻ ۾ مشڪل
- ننڊ نہ اچڻ
- يادگيريءَ جا نسئلا

- سوچڻ يا ڳالهائڻ ۾ ڏکيائيون
- مونجهه
- بيچيني
- چڙچڙو ٿي پوڻ

انهن پيچيدگين جو ڊگهي عرصي ۾ ڪنهن فرد جي صحت تي ڪهڙو اثر ٿيندو، اهو اڃا هڪ راز آهي. مختلف طبي تحقيقي ادارا انهي ڏس ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. اهو ته وقت ٻڌائيندو ته هيءَ وبا، اڃا ڪهڙا ڪلور ٿي ڪري ۽ اسان ڪيئن ٿا ان کي منهن ڏيئون.

جيڪو اسان جي وس آهي، اهو آهي پنهنجو، پنهنجي گهر وارن، دوستن، ساٿين، سماج ۽ ملڪ جو بچاءُ ڪرڻ. ان لاءِ جيترو ٿي سگهي پنهنجو خيال ڪريو.

وائرس کان بچڻ ۽ سندس ڦهلاءَ روڪڻ جو سولو ۽ ڪاگر طريقو:

- کنگهه يا ڇنڇ اچڻ جي وقت پنهنجي وات کي ڪنهن ڪپڙي سان ڍڪيو.
- هٿن کي چڱي طرح صابڻ سان ڌوئي، صاف ڪريو يا 'الڪوحل' جو محلول هٿن تي مليو.

- ڪنگھ، بخار يا ساهه جي تڪليف پائيو تہ ڪنهن مستند ڊاڪٽر سان جلدي مشورو ڪريو.
- گھر کان ٻاهر هڪ ٻئي کان هڪ ٻانهہ جي وٿي رکو يا گھٽ ۾ گھٽ ٣ فوٽ وٿيرڪا رهو.
- گھر کان ٻاهر جيڪڏهن ڪنهن دڪان، بئنڪ يا مارڪيٽ وڃو تہ ڪپڙي جو 'ماسڪ' استعمال ڪريو.

## ويڪسين ۽ ڪووڊ جو ڦهلاءُ

اڄ جڏهن دنيا هن ڪووڊ- ١٩ جي برپا ڪيل عالمي وبا جي ٻئين سال کي پوڳي رهي آهي ۽ بيماريءَ خلاف ويڪسين بہ ميسر ٿي چڪي آهي. انوقت جيڪي سوال اڀرن ٿا انهن ۾ مک سوال آهي تہ

ڇا ويڪسين هن وبا جي ڦهلاءَ کي روڪينديءَ؟

هن وقت تائين موجود ڄاڻ جي آڌار تي اهو سوال اڃا تائين شايد سوال ئي رهجي ويندو ڇو تہ ان جو ڪو جوڳو جواب ميسر ڪونهي.

ان ڪانسواءِ بيان بہ ڪيترا ئي سوال موجود آهن جن جا جواب بہ اڃا تائين واضح ڪونهن.

مان هتي انهن سوالن کي قلمبند ڪري تاريخ جي شاگرد جي حيثيت ۾ توهان سيني جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان. اميد تہ پبلڪ هيلٿ جا ماهر، تحقيقدان ۽ سائنسدان اسانکي انهن مامرن جي مستقبل تي رهنمائي فراهم ڪندا.

سوال ڪجهہ هن ريت آهن -

١ . سماج جي عمر رسيده فردن ۾ ويڪسين ڪهڙي قسم جو بچاءُ مهيا ڪندي؟

٢ . جن فردن کي اڳ۾ ڪا بيماري آهي جهڙوڪر ايڊز، هيپٽائيٽس، گردن جي تڪليف، منا پيشاب، بلڊ پريشر، دل جي بيماري وغيره انهن جو ڇا ٿيندو؟

٣ . ڳورهاري عورت کي هي ويڪسين ڪهڙو فائدو ڏئي سگهنديون؟

۴ ـ ويڪسين جي بوسٽر ڊوز جي ضرورت پوندي يا نہ؟

۵ . بوسٽر جيڪڏهن گهربو تہ ڪيتري عرصي ۾ ان جي ضرورت پوندي؟

۶ . جن فردن کي ويڪسين لڳل هوندي، انهن ۾ بيماري ڦيهر ٿي سگهندي يا نہ؟

٧ . اميونائيزيشن جو بيماريءَ جي ڦهلاءَ تي ڪهڙو اثر ٿيندو؟

٨ . عمر، جنس، نسل، علائقي يا طبقي جو ويڪسين جي بچاءَ مهيا ڪرڻ جي صلاحيت تي ڪهڙو اثر پوندو؟

٩ . ڇا ڪووڊ ـ ١٩ بہ مليريا، ٽي بي وغيره جيان همہ وقتي endemic بيماري ٿي ويندي؟

۱۰ . ڇا ڪووڊ ـ ۱۹ بہ فلو جيان موسمي بيماري ٿي ويندي؟

۱۱ . جنهن رفتار سان سرنديءَ وارا ملڪ ويڪسين خريد ڪن پيا تہ دنيا جي باقي ۸۶ سيڪڙو آباديءَ کي ويڪسين ملڻ ۾ ڪيترا سال لڳندا؟

۱۲ . جنهن رفتار سان وائرس پاڻ کي تبديل پيو ڪري ان کي سامهون رکندي ويسڪسين جي افاديت ڇا وڃي بچندي؟

انهن سيني سوالن کي هن وقت جي معروضي صورتحال ۾ ڏسڻو پوندو جڏهن هڪ پاسي اهي ملڪ جن ۾ وڏي پئماني تي اميونائيزيشن ٿي رهي آهي ٻئين پاسي وري انهن ساڳين ملڪن ۾ وائرس جا نوان روپ، بيماريءَ ۾ هوشربا اضافو ۽ موت جي وڌندڙ شرح پڻ اسان جي سامهون آهي.

هن عالمي وبا جو سڀ کان خطرناڪ پهلو سندس ڦهلاءُ آهي ۽ جيڪڏهن سائنس ان تي قابو پائڻ يا رنڊروڪ ڪرڻ جو ڪو ڏگ نہ ڪڍيو تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟

انسان بنيادي طور هڪ سهل پسند مخلوق آهي. هاڻ جڏهن اسان کي ويڪسين ۽ اميونائيزيشن ميسر ٿي

آهي تہ ڪٿي اسان اهو وساري نہ ويهئون تہ جنهن بيماريءَ پنهنجي غير معمولي ڦهلاءَ سبب هيءَ عالمي وبا برپا ڪئي آهي، انجي ڦهلاءَ تي اجا ضابطو ڪونهي آيو. اهو سڀ سامهون رکندي بيماريءَ کان بچڻ جا طريقا اسان کي پنهنجي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ شامل ڪرڻا پوندا.

جيڪو اسان جي وس آهي، اهو آهي پنهنجو، پنهنجي گهر وارن، دوستن، ساٿين، سماج ۽ ملڪ جو بچاءُ ڪرڻ.

ان لاءِ جيترو ٿي سگهي پنهنجو خيال ڪرڻو پوندو. وائرس کان بچڻ ۽ ڦهلاءَ روڪڻ جو سولو ۽ ڪاگر طريقو:

- ڪنگهہ يا ڇڪ اچڻ جي وقت پنهنجي نڪ ۽ وات کي ڪنهن ڪپڙي سان ڍڪيون.
- پنهنجي هٿن کي چڱي طرح صابڻ سان ڌوئي، صاف ڪريون يا 'الڪوحل' جو محلول هٿن تي مليون.
- ڪنگهہ، بخار يا ساهہ جي تڪليف پيئيو تہ ڪنهن مستند ڊاڪٽر سان جلدي مشورو ڪريون.
- گهر کان ٻاهر هڪ ٻئي کان هڪ ٻانهہ جي وٿي رکو يا گهٽ ۾ گهٽ ٣ فوٽ وٿيرڪا رهون.

- گهر کان ٻاهر جيڪڏهن ڪنهن دڪان، بئنڪ يا مارڪيٽ وڃو ته ڪپڙي جو 'ماسڪ' استعمال ڪريون.

# ڪووڊ جي وائرس ۾ تبديليون

وائرس جي اها بنيادي خصلت آهي تہ اهي پنهنجي شڪل ۽ جوڙجڪ ۾ تبديليون ڪندا رهندا آهن. اهو عمل انسانن سميت باقي ٻوٽا، جاندار وغيره بہ ڪندا آهن. انهي عمل کي جينيٽڪ ميوٽيشن چئبو آهي. ڪووڊ جي وائرس SARS-CoV-2 ۾ هونءَ تہ شروعاتي ڏينهن کان اڄ تائين هزارين تبديليون ڏٺيون ويون آهن پر انهن سيني مان ٣ عدد تبديليون اڄڪلهہ بحث هيٺ آهن.

انهن تبديلين تي بحث اتان ڇڙيو جڏهن سائنسدانن کي اهو شڪ پيو تہ هي وائرس جا نوان روپ ڦهلجن بہ وڌيڪ ٿا جنهن جي نتيجي ۾ اسپتالن تي زور بہ وڌيو آهي ۽ فوتگيون بہ نسبتاً وڌيون آهن.

وائرس جو تبديل ٿيل برطانوي نمونو B.1.1.7 سيپٽمبر ٢٠٢٠ ۾ انگليند جي ڏاڪڻي علائقي مان ظاهر ٿيو جنهن ۾ چون ٿا تہ ڪي ١٧ تبديليون آهن، جن مان ٨ عدد تبديليون رڳو وائرس جي ٻاهرين چنهنبن جي لحميات spike protein ۾ آهن. تشويش جو سبب اهو آهي جو تقريباً سيئي ويڪسين ان اسپائيڪ پروٽين جي بنياد تي تيار ٿيون آهن ۽ ڊپ اهو آهي تہ جيڪڏهن وائرس پنهنجي

انهي حصي ۾ ايتريون تبديليون ڪندو ته ڪٿي ويڪسين پنهنجي افاديت نه وڃائي ويهن.

وائرس جو ٻيون خطرناڪ روپ جنهن ۾ ڦهلجڻ توڙي بيماري پيدا ڪرڻ جي وڌيڪ صلاحيت ڏٺي وئي آهي اهو آهي P.1 جيڪو برازيل مان لڌو ويو هيو.

ٽئين خطرناڪ نموني B.1.351 پنهنجو درشن وري ڏکڻ آفريڪا مان سن ٢٠٢١ جي جنوريءَ ۾ ڪرايو. ڏکڻ آفريڪا جي تحقيقڪارن چواٽي، هي نمونو ليبارٽرين ۾ ويڪسين جي صلاحيت کي چيلينج ڪري ٿو، باقي انسانن ۾ ڇا ٿيندو ان تي مفصل تحقيق ٿيڻ گهرجي.

ڏنو وڃي ته ويڪسين تيار ڪندڙ ڪمپنيون ته مختلف قسم جون دعوائون ڪن پيون ته اسانجي ويڪسين تي انهن تبديلين جو ڪو خاص اثر ڪونهي، تنهن هوندي به انهن دعوائن جي آزاد تحقيقي ادارن پاران نه ڪا تصديق ٿي سگهي آهي نه وري ڪا ترديد.

برطانيا جتي وائرس جي سڀ کان وڌيڪ جينوم جي تحقيق ٿي آهي، اتي برطانيا هڪ خودمختيار سائنسي تحقيقي ادارو به قائم ڪيو آهي جنهن جي ذمي وائرس جي تبديل ٿيل شڪلين تي تحقيق رکي وئي آهي جيئن

تبديل ٿيندڙ وائرس متعلق رڳو شڪلين مٿائڻ جون خبرون نہ اچن پر ان سان گڏ مٿيل وائرس کي منهن ڏيڻ جون صلاحون ۽ تدبيرون بہ اچن.

اهو بہ ڌيان ۾ رهي تہ سڄي دنيا جي مڙني ملڪن کي ويڪسين جي دستيابيءَ ۾ عدم توازن ۽ اميونائيزيشن ۾ طبقاتي متيپيد، وائرس کي موقعو فراهم ڪندو تہ هو پنهنجي جيئڻ جي جتن طور وڌيڪ ميوٽيشن ڪري.

# وبا ۾ خوشخبري

ڪووڊ-١٩ جي هن عالمي وبا ۾ جتي دنيا مشڪل حالتن کي ڀوڳي رهي آهي اتي ڪجهہ خوشخبريون بہ ملن ٿيون.

پهريان تہ اهو تاريخي موقعو هيو جڏهن هن نئين وائرس کان بچاءَ لاءِ متعدد ويڪسين تيار ٿيون.

انڪانپوءِ دنيا ۾ اهي ويڪسين، اميونائيزيشن لاءِ ڪتب اچڻ شروع ٿي ويون.

اڄ جي خوشخبري اها آهي تہ آڪسفورڊ يونيورسٽي ۽ آسٽرازينيڪا جي ناهيل ويڪسين ڪوو - سارس - ٢ نالي وائرس جي ڦهلاءَ کي پڻ روڪي ٿي. هن وقت تائين جيڪي بہ ويڪسين سامهون آيون اهي بيماريءَ جي علامتن ۽ شدت کي تہ روڪڻ جي دعوا ڪن پيا پر ڦهلاءَ تي خاموش هيا.

هي پهريون موقعو آهي جو دنيا کي ڪا اهڙي ويڪسين ميسر ٿي آهي جيڪا بيماري، ان جي شدت ۽ ڦهلاءَ کي بہ روڪيندي.

اهو سڀ ڪجهہ هيئن معلوم ٿيو جڏهن سائنسدانن آسترازينيڪا ويڪسين جي ٽئين مرحلي واري ڪلينيڪل ٽرائل جي معلومات ڪي ٻيهر ڪنگهالي ڏٺو. چنڊچاڻ ۾ اهو سامهون آيو تہ برازيل، ڏکڻ آفريڪا ۽ برطانيا ۾ شروعاتي تحقيق دوران جڏهن شامل فردن کي ويڪسين جي خوراڪ ڏيڻ کانپوءِ هر هفتي اها جانچ ڪئي وئي تہ انهن جي نڪ يا وات مان وائرس مليو ٿو يا نہ.

جن فردن ۾ وائرس موجود ڪونہ هيو ان مان اهو نتيجو نڪتو تہ اهي بيماريءَ جي ڦهلاءَ جو سبب ڪونہ ٿيندا. چنڊچاڻ مان خبر پئي تہ جن ويڪسين جي صرف هڪ خوراڪ ورتي هئي انهن ۾ ٦٧ سيڪڙو ۽ جن ٻئي خوراڪون ورتيون هيون انهن مان ٧٦ سيڪڙو فردن ۾ وائرس موجود ڪونہ هيو مطلب تہ اهي بيماريءَ جي ڦهلاءَ جو سبب نہ هيا يا ايئن چئجي تہ ڦهلاءُ روڪڻ جو سبب هيا.

سائنسدانن خبردار ڪرو آهي تہ هي انتهائي اهم معاملو آهي ۽ جيڪي نتيجا هڪ ويڪسين لاءِ سامهون آيا آهن،

انهن جي پڻ وڏيڪ چنڊڇاڻ جي ضرورت آهي پر اهي نتيجا سيني ويڪسين تي هرگز لاڳو ڪونه ٿيندا.

تحقيق ڪندڙن اهو پڻ واضح ڪيو آهي تہ ويڪسين پاران ڦهلاءَ روڪڻ جي خبر جو مطلب اهو ڪونهي تہ اسان احتياط ڪرڻ ڇڏي ڏيون.

انڪري جيستائين ڪووڊ-١٩ جي حيثيت عالمي وبا جي آهي، اسان سيني کي جن کي ويڪسين لڳي وئي آهي يا جيڪي پنهنجي واري جو انتظار پيا ڪن، انهن سيني کي بحيثيت سماج هن بيماريءَ کان بچڻ جا طريقا پنهنجي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ شامل ڪرڻا پوندا. جيڪو اسان جي وس آهي اهو آهي پنهنجو، پنهنجي گهر وارن، دوستن، ساٿين، سماج ۽ ملڪ جو بچاءُ ڪرڻ.

ان لاءِ جيترو ٿي سگهي پنهنجو خيال ڪرڻو پوندو.

وائرس کان بچڻ ۽ ڦهلاءَ روڪڻ جو سولو ۽ ڪاگر طريقو:

- کنگهہ يا نڇ اچڻ جي وقت پنهنجي نڪ ۽ وات کي ڪنهن ڪپڙي سان ڍڪيون.

- پنھنجي ھٿن کي چڱي طرح صابڻ سان ڌوئي، صاف ڪريون يا 'الڪوحل' جو محلول ھٿن تي مليون.
- ڪنگھ، بخار يا ساھ جي تڪليف پائنيو تہ ڪنھن مستند ڊاڪٽر سان جلدي مشورو ڪريون.
- گھر کان ٻاھر ھڪ ٻئي کان ھڪ ٻانھ جي وٿي رکو يا گھٽ ۾ گھٽ ٣ فوٽ وٿيرڪا رھون.
- گھر کان ٻاھر جيڪڏھن ڪنھن دڪان، بئنڪ يا مارڪيٽ وڃو تہ ڪپڙي جو 'ماسڪ' استعمال ڪريون.

# ويڪسين، اميونائيزيشن ۽ احتياط

## ويڪسين:

اهڙو هٿرادو تيار ڪيل مرڪب آهي جنهن وسيلي ڪنهن به فرد، پکي يا جانور ۾ ڪنهن خاص بيماريءَ کان بچاءَ جي صلاحيت پيدا ڪري سگهجي.

## اميونائيزيشن:

اهو عمل جنهن وسيلي ڪا به ويڪسين ڪنهن فرد، پکي يا جانور جي جسم ۾ داخل ڪئي وڃي جيئن سندس بچاءَ جو نظام ان مخصوص بيماريءَ سان منهن ڏيڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهي.

## احتياط:

ويڪسين جڏهن به ڪنهن فرد جي جسم ۾ داخل ڪئي ويندي آهي ته اهو اهڙو ڪيميائي مرڪب هوندو آهي جيڪو ان فرد جي جسم ۾ اوپرو هوندو آهي. انڪري ڪا به ويڪسين واپرائڻ کان اڳ ڪجهه ڳالهيون ڌيان ۾ رکي انهن کي واپرائڻ جي تجويز ڏني ويندي آهي. ان عمل کي ويڪسين واپرائڻ ۾ احتياط چئبو.

ڪووڊ - ١٩ جون جيتريون به ويڪسين هن وقت ميسر آهن، انهن جي نهڻ واري عمل ۽ تحقيق کي سامهون رکي مختلف عمرين ۽ حالتن وارن فردن لاءِ احتياط به تجويز ڪيو ويندو.

هن غير معمولي وبا ۾ جنهن غيرمعمولي طريقي سان هي ويڪسين تيار ٿيون ۽ انهن جي افاديت جي تحقيق ڪئي وئي، ان تي جيڪڏهن ڌيان سان نظر وجهبي ته ڪجهه اهڙيون حقيقتون سامهون اينديون جن جي روشنيءَ ۾ ڪجهه احتياط جهڙوڪر لازم ٿي ويندا.

اهو به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته ويڪسين جي تياري ۽ تحقيق ۾ جهجهو سرمايو مطلوب هوندو آهي ۽ تحقيقڪار جنهن طريقي سان انهن جي جانچ پڙتال ڪندا آهن ان تي سرمائيڪار جي موڙيءَ جو تحفظ ڪرڻ به حاوي هوندو آهي. انڪري تحقيقڪار پنهنجي تحقيق دوران اهڙو ڪوبه قدم کڻڻ کان پاسو ڪندا آهن جنهن سان ڪين ڪن به اگرن يا اڻوڻندڙ نتيجن جو خدشو هوندو آهي.

هنن ويڪسين جي ڪلينيڪل ٽرائل واري تحقيقي مرحلي ۾ به ايئن ٿيو آهي. تحقيقڪارن سماج جي انهن

پرتن کي پنهنجي تحقيق ۾ شامل نہ ڪيو جن مان ڪين اٽوٽندڙ نتيجن جا خدشا هئا.

اهي جملي ويڪسين بالغ آبادي ۾ ڪجهہ ڏگهي مدي وارين بيمارين ۾ ورتل فردن تي آزمايون ويون پر سماج جي ڪجهہ اهڙن پرتن کي ان تحقيق ۾ شامل نہ ڪيو ويو جيڪي، اميونائيزيشن مهل شامل ڪرڻ ترجيح بہ ٿي سگهن ٿا جهڙوڪ ڳورهاريون عورتون، نا بالغ ٻار، الرجي جي شڪايت وارا فرد، ايڊز ۾ مبتلا مريض وغيره

هاڻي جڏهن دنيا اميونائيزيشن جي مرحلي ۾ داخل ٿي آهي تہ ان ڳالهہ جي شدت سان ضرورت محسوس ڪئي پئي وڃي تہ انهن فردن کي بيماريءَ کان ڪيئن بچائجي.

ڏنو وڃي تہ پلي محدود پئماني تي چو نہ هجن اهڙن فردن ۾ اميونائيزيشن جا اگرا نتيجا سامهون آيا، آهن جيڪي قلمبند بہ ٿيا آهن ۽ ڪجهہ ملڪن پنهنجي حڪمت عمليءَ ۾ اهو بہ ڄاڻايو آهي تہ دم جي تڪليف سميت مختلف الرجي جي شڪايت وارا ويڪسين نہ لڳرائين.

سڀ ڪان وڏيڪ بحث ٻورهاري عورت ۽ نابالغ آباديءَ جي باري ۾ ٿي رهيو آهي. ڪجهه طبي ماهرن جو خيال آهي تہ ٻورهاري عورت کي ويڪسين مان متوقع فائدي کي سامهون رکي ويڪسين لڳرائڻ گهرجي، جڏهن تہ ڪجهہ جو خيال آهي تہ انهن کي ويڪسين لڳرائڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

سائنسي طور، اهو فيصلو تحقيق طلب آهي

پوءِ بہ اسان کي پنهنجي قومي اميونائيزيشن پاليسيءَ تحت ويڪسين لڳرائڻ يا نہ لڳرائڻ جو فيصلو ڪرڻ گهرجي.

ساڳو سوال نابالغ آبادي مطلب سورنهن سالن کان ننڍي ڄمار وارن ٻارن لاءِ پڻ موجود آهي. صحت جي عالمي اداري طرفان تجويز ڪيو ويو آهي تہ پلي اهي ٻار ڪهڙي بہ سماجي حالت ۾ هجن ڪين ڪووڊ-١٩ جي ڪا بہ ويڪسين نہ لڳرائڻ گهرجي. منهنجي ناقص راءِ ۾ اسان کي هتي بہ پنهنجي قومي اميونائيزيشن پاليسيءَ تحت ويڪسين لڳرائڻ يا نہ لڳرائڻ جو فيصلو ڪرڻ گهرجي.

باقي ٽج پيارينڊڙ عورتن کي ويڪسين لڳرائڻ جي ڪابہ ممانعت ڪونهي، ان ڏس ۾ اهو اميونائيزيشن جو بنيادي اصول سامهون رکڻ گهرجي تہ ڪابہ اهڙي ويڪسين جنهن ۾ جيئرا جاڳندا جزا ڪونهن اها ويڪسين انهن عورتن لاءِ بي ضررآهي. ياد رهي تہ ڪووڊ جي ڪنهن بہ ويڪسين ۾ زنده وائرس ڪونهي.

# اچو تہ صحت جو نظام گھرئون

صحت جو نظام بھتر ڪيو، انڪي وقت جي گھرجن مطابق مرتب ڪريو.

باقي! هاڻي اهو فيصلو بہ جج صاحب ڪندو تہ صحت کاتي ۾ ايمبولنس ڪھڙي ڪم ايندي.

مطلب ڪجھ بہ بھتر ٿيڻ نہ ڏينداسين.

لاش ڍوئڻ صحت کاتي جو ڪم ناهي.

اهو مڪاني ادارن جو ڪم آهي.

- پنھنجي پنھنجي يونين ڪائونسل، وارڊ، ميونسپالٽيءَ ۾ ميت گاڏيون گھرو.
- ڳوٺن ۾ شھرن ۾ لاش دفنائڻ جو نظام گھرو.
- ھر مرڻ واري جو موت جو سرٽيفڪيٽ ھجي جنھن ۾ موت جو سبب واضح درج ھجڻ گھرجي.
- ھر تعلقي ۾ فارنسڪ ميڊيسن ۾ پوسٽ گريجوئيٽ عورت ۽ مرد ڊاڪٽر جي پوسٽنگ گھرو.
- ھر يونين ڪائونسل ۾ چوويھ ڪلاڪ روزانو، ھفتي جا ست ڏينھن ڪم ڪندڙ ويم گھر گھرو.

- هر هڪ لک جي آباديءَ لاءِ اسپتال ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ميڊيڪل اسپيشلسٽ، هڪ سرجن، هڪ گائناڪالاجسٽ، هڪ اينسٿيٽسٽ، هڪ چائلڊ اسپيشلسٽ ۽ هڪ آپٿلمالاجسٽ جي مقرري گهرو.
- هر بيسڪ هيلٿ يونٽ ۾ اي پي آءِ سينٽر بشمول ايڊلٽ اميونائيزيشن سينٽر گهرو.
- هر ليبر روم سان هڪ مڪمل ايمبولنس جنهن ۾ زندگي بچائڻ جون سهولتون ۽ عملو هجي، اها گهرو.
- هيلٿ سپروائيزر جي گهٽ ۾ گهٽ تعليم ايل ايچ وي گهرو.
- تعلقي هيلٿ آفيسر ڪان ويندي ڊائريڪٽر جنرل تائين پبلڪ هيلٿ پوسٽ گريجويٽ آفيسر گهرو.
- رورل هيلٿ سينٽر ڪان ٽيچنگ اسپتال تائين هاسپيٽل ايڊمنسٽريشن ۾ پوسٽ گريجويٽ ايڊمنسٽريٽر گهرو.
- سرڪاري اسپتالن ۾ صرف جينرڪ دوائون هجن. برانڊيڊ دوائن تي بندش وجهرايو.
- اسپتالن جي ايمبولنسن کي مريضن جي چرپر لاءِ مختص ڪرايو.

- هاءِ ويز لاءِ ايمرجنسي ڪال ايمبولنس جو نظام گهرو جنهن ۾ زندگي بچائڻ جي سهولت، عملي، سميت موجود هجي.
- ٽراما سينٽرن ۾ گهربل عملو ۽ ماهرن جي تعيناتي به گهرو.

خير! اسان ايمبولنس ته ڏني ئي ڪونهي.

هي جيڪي ايمبولنس جي نالي تي دٻا ڪنهن ڪنهن اسپتال ۾ بيٺا آهن،

اهي واقعي لاشن ڪڻڻ جوڳا آهن.

جن همراهن کي رڳو عمر وڏڻ جي ڪري اسپتالن ۾ ميڊيڪل سپرينٽنڊنٽ ڪري رکيو اٿن يا ڪو تعڪقي، ضلعي، ڊويزن يا سنڌ جو صاحب ڪيو اٿن، اهي آهن به لاشن ڍورائڻ جهڙا.

هلئون ٿا ايڪويهين صديءَ ۾ افعال آهن ڪي ٿين، چوٿين صديءَ جهڙا.

پو وڪيل ڪيس نہ ڪندا تہ هار پارائيندا.

مٿئون وري نيڪيداري نظام.

هڪڙي نيڪيدار رکيا هن هرهنڌ ڪامورا

ٻين وري اهي جيڪي ڪجهه ڪرڻ ڪانسواءِ رٽائر ٿي ويا.

هاڻي بهتري ڪٿان ٿيندي.

صحت کاتي ۾ ٺيڪيداري(پي پي ايچ آءِ) ۽ پائيچاري(پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ) تحت هلندڙ سڀني سرڪاري اسپتالن (ڊسپينسريون، بي ايچ يو، ايم سي، ايچ سينٽر، آر ايچ سي، تعلقي اسپتالون ضلعي اسپتالون ۽ ٻيون وڏيون اسپتالون) جي ٿرڊ پارٽي آڊٽ ڪرائي پڌري ڪريو.

جيترو جلد ٿي سگهي ٿرڊ پارٽي آڊٽ فرم کي ڪم ۾ شامل ڪريو.

معاهدي مطابق ٺيڪيدار ۽ پائيوارن جي ڪارڪردگيءَ جو ادارتي جائزو به وٺو.

پراجيڪٽ ۾ تقررين جو ضابطو مقرر ڪريو.

هڪ خودمختيار صلاحڪاري ڪميشن جوڙيو جيڪا ٺيڪيدارن يا پائيچاري تحت ڪم ڪندڙ ادارن جون تجويز ڪيل تقرريون ڇنڊڇاڻ بعد منظور ڪري.

نيڪيدارن ۽ پائيوارن کي انتظامي عهدن تي تقررين لاءِ گهربل تعليم اڳوات معاهدن ۾ شامل ڪريو.

صحت کاتي ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ نوڊ تي ڪنهن ٢٠ گريڊ جي حاضر سروس ڊاڪٽر کي مقرر ڪيو جنهن جي تعليم پبلڪ هيلٿ ۾ ماسٽرس هجي.

# ڪووڊ ويڪسين ۽ افواهه

افواهه: ويڪسين استعمال ڪرڻ سان ٻار پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ختم ٿي ويندي.

حقيقت: بالڪل غلط، دنيا ۾ ڪا بہ اهڙي ويڪسين ايجاد ڪونہ ٿي آهي، جنهن سان انسان جي ٻار پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ختم ٿئي يا گهٽجي.

اهو افواهه آهي جيڪو هر نئين ويڪسين سان جوڙيو ويندو آهي. ان ۾ ڪا بہ حقيقت ڪونهي.

افواهه: ويڪسين انسان جي ڊي اين اي ۾ تبديليون ڪندي.

حقيقت: اهڙو ڪوبہ طريقو ڪونهي جنهن سان ميسينجر آر اين اي mRNA ڪنهن فرد جي ڊي اين اي DNA ۾ تبديلي آڻي سگهي، اهو افواهه آهي، جنهن جي ڪابہ حقيقت ڪونهي.

ميسينجر آر اين اي mRNS جسم کي ڪنهن مخصوص لحميات protein کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ خبردار ڪندي آهي.

عمومي طور ويڪسين ۾ ڪنهن بيماري پيدا ڪندڙ وائرس جي پروٽين جا ذرڙا شامل هوندا آهن. هي بالڪل نئون طريقو آهي جنهن ۾ پروٽين بدران mRNA کي ادتعمال ڪيو ويو آهي.

اهو افواهه آهي جنهن جي ڪابه سائنسي حقيقت ڪونهي.

افواهه: ويڪسين ۾ موجود ڪيميائي جزا انساني صحت لاءِ هاجيڪار آهن.

حقيقت: بالڪل بي بنياد ڳالهه آهي. ويڪسين جي تياري ۽ ريسرچ يا جانچ پڙتال ۾ ان ڳالهه جي پڪ ڪئي ويندي آهي ته ان ۾ موجود ڪيميائي جزا يا مرڪب ڪنهن به استعمال ڪندڙ کي ڪو هاجو نه پهچائين.

افواهه: ڪووڊ جي ويڪسين لڳرائڻ سان بيماري ٿي پوندي.

حقيقت: ڪووڊ جي ڪنهن به ويڪسين ۾ بيماري پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ڪونهي. اهو هڪ افواهه آهي.

افواھ: جنھن کي ھڪ دفعو ڪوود. ۱۹ جي بيماري ٿي چڪي آھي، انکي ويڪسين جي ضرورت ڪونھي.

حقيقت: اھو ھڪ افواھ آھي. حقيقت ۾ جنھن فرد کي ھڪ دفعو ڪوود. ۱۹ جي بيماري ٿي آھي، ان ۾ اھا بيماري ٻيھر ٻہ ٿيڻ جا اطلاع آھن. ان ڪري ويڪسين لڳرائڻ فائديمند عمل آھي جنھن سان ٻيھر بيمار ٿيڻ کان بچي سگھبو. ڇو تہ فطري بيماري ڪيترو بچاءُ مھيا ڪري ٿي، ان جي ڪا بہ ثابتي ڪونھي. جڏھن تہ ويڪسين ھٿائي بچڻ جي ثابتي موجود آھي.

افواھ: جنھن ويڪسين لڳرائي آھي، انکي ماسڪ پھرڻ جي ضرورت ڪونھي.

حقيقت: جيستائين دنيا جي ھر فرد کي ويڪسين نٿي لڳي وجي، اسانکي ماسڪ پھرڻو پوندو جيئن اسان بيماريءَ جي ڦھلاءَ جو سبب نہ بڻجئون. اجا تائين اھا ثابتي نہ ملي آھي تہ جنھن فرد ويڪسين لڳرائي آھي(اھو پاڻ تہ بيماريءَ يا ان جي اگرن اثرن کان محفوظ ھوندو پر) اھو بيماري ٻين ۾ ڦھلائيندو يا نہ.

انڪري جيستائين هيءَ بيماري عالمي وبا جي شڪل ۾ موجود آهي، ماسڪ پائڻ، وٿي رکڻ ۽ هٿن ڌوئڻ جي عادت اپنائڻي پوندي.

افواهہ: چون ٿا ت ٦۵ سالن ڪان مٿی ڄمار وارن لائِ چائنیز توڙی آڪسفورڊ واری ویڪسین هاڃیڪار آهی!

حقيقت: انهن ويڪسين ڪي هاڃيڪار نٿو چئي سگهجي ڇو تہ اهڙي ڪا بہ ثابتي سامهون ڪونہ آئي آهي.

هر ملڪ پنهنجي حالتن پٽاندڙ عمر جو تعين ڪري ٿو. پاڪستان ۾ پهرين مرحلي ۾ صحت ڪارڪنن لاءِ هدايتون جاري ڪيون آهن جيڪي گهٽو تٽو ١٨ ۽ ٦٠ سالن جي وچ واري عمر جا آهن.

اها ساڳي ويڪسين چين ۽ عرب امارتن ۾ سٺ سالن ڪان وڏي ڄمار وارن لاءِ استعمال ٿي رهي آهي.

# ويڪسين قوم پرستي

دنيا هن وقت هڪ غيرمعمولي، انوکي عالمي وبا ۾ مبتلا آهي. ان وبا جي عالم ۾ جيڪي وبائون اڳ لڪل هيون يا سامهون نظر نہ پئي آيون، اهي بہ ڇٽيون پيون ٿين.

انهن وبائن ۾ سرمائيداري، بک، کاڌخوراڪ جي دلجاءِ، بيروزگاري، ملڪن جي وچ ۾ وٿيون، مذهب جو غيرمهذب استعمال ۽ قومپرستي ڪجهہ مثال آهن.

هتي اهو بہ واضح ڪندو هلان تہ جتي وطن دوستي Patriotism هڪ مثبت رجحان آهي، اتي قومپرستي Nationalism هڪ منفي رجحان آهي جيڪو هن ڪووڊ - ١٩ جي وبا کي جِلا بخشيندو ۽ جيڪڏهن اها ويڪسين قومپرستي (جنهن تحت پئسي وارا ملڪ دنيا جي ويڪسين جي ستر سيڪڙو پيداوار رکو پنهنجي ملڪن لاءِ اڳوات خريد پيا ڪن) جاري رهي تہ شايد وبا کي ختم ٿيڻ ۾ ڏينهن، مهينا نہ پر سال لڳندا.

وڏو هاجو اهو ٿيندو تہ وائرس جون نيون خطرناڪ شڪليون (جهڙيون برطانيا، برازيل ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ ظاهر ٿيون آهن) وڏيڪ ملڪن ۾ بہ ظاهر ٿينديون،

جيڪي موجود ويڪسين کي بہ ڏکڻ آفريڪي نموني جيان غيرموثر ڪري ڇڏينديون.

هن عالمي وبا تي ضابطو تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن دنيا قومن جي وچوٽيءَ ڪانسواءِ هڪ ٿي قدم کڻندي.

مطلب ويڪسين هر ملڪ کي هڪ جهڙي حالت ۽ گهربل مقدار ۾ پنهنجي حصي طور دستياب هوندي تہ وبا تي ضابطو ايندو.

باقي جيڪڏهن طبقاتي متڀيد ۽ ويڪسين قوم پرستي جاري رهي تہ وبا تي ضابطو ممڪن ئي ڪونهي.

هن وقت دنيا ۾ جيتريون ويڪسين ڪووڊ-١٩ کان بچاءَ لاءِ ميسر آهن، انهن جو جيڪڏهن منصفاڻو استعمال ٿئي تہ سڀ کان وڌيڪ خطري هيٺ آيل آباديءَ جي فردن کي ٽن مهينن ۾ بچائي سگهجي ٿو.

شروع ۾ جڏهن ويڪسين جي تياري پئي ٿي تہ دنيا هڪ آواز هئي، هاڻي وري پئسي جو زور پيو ظاهر ڪيو وڃي.

شروع ۾ دنيا ويڪسين جي منصفاڻي ورڇ ۽ قيمتن ۾ اعتدال رکڻ تي متفق بہ هئي ۽ انهي مقصد لاءِ صحت

جي عالمي اداري جي سربراهيءَ ۾ COVAC جو ادارو بہ ڪڙو ڪيو ويو هيو جيئن سيني ملڪن کي سندن فوري ضرورت آهر ويڪسين مناسب قيمت تي مهيا ٿي سگهي،

ان طريقي کي هڪ دفعو وري پئسي جي زور تي شاهوڪار ملڪن جهڙوڪر غيرموثر ڪري ڇڏيو آهي.

دنيا جون ١٩٠ حڪومتون جيڪي نوي سيڪڙو آباديءَ جي نمائندگي ڪن ٿيون انهن کي گڏيل قومن ۽ صحت جي عالمي اداري کي نہ رڳو هٿي ونرائڻ گهرجي پر هن سلسلي ۾ قومپرستيءَ جي ڪوڙڪيءَ مان نڪري وطن پرستيءَ جي جذبي سان ڪم ڪرڻ گهرجي.

پئسي وارا ملڪ پلي پنهنجي پئسي جي زور تي سڄي ملڪ جي آباديءَ کي ويڪسين لڳرائي ڇڏين پوءِ بہ دنيا جي رڳو ١٧٪ آبادي اميونائيز ٿيندي جنهن جو وبا تي ڪو جوڳو اثر ڪونہ پوندو.

دنيا کي اهو ذهن نشين ڪرڻو پوندو تہ هن عالمي وبا ۾ ڪير بہ محفوظ نہ هوندو جيستائين سيني ملڪن ۾ ويڪسين نٿي ٿئي.

**انڪري ويڪسين قوم پرستيءَ کي پاسيرو رکي سڄي دنيا کي ويڪسين پيداوار ۽ گهرج آهر مهيا ڪرڻ جي حڪمت عملي مرتب ڪرڻي پوندي.**

In a global pandemic, you are only safe if everyone is safe.

# گڏائڻ جو گس

منهنجو اهو چوڻ آهي تہ آفتون پاڻ سان موقعا بہ ڪٺي اينديون آهن، اهو اسانجي سوچ، سمجهہ ۽ عمل تي منحصر آهي تہ اسان انهن آفتن مان نڪرندڙ موقعا حاصل ڪرڻ جي جستجو بہ ڪيئون ٿا يا رڳو ڏاڙ ڏاڙ ڪندي گذاريون ٿا.

ڪووڊ ـ ١٩ جي هن عالمي وبا ۾ اسان ڏٺو تہ ڪيئن سڄي دنيا جي سائنسدانن هٿ هٿ ۾ ڏئي، ڏينهن رات هڪ ڪري ويڪسين تيار ڪيون جيڪي اڄ انسان ذات ادتعمال پئي ڪري.

هن آفت دنيا کي هڪ موقعو ڏنو آهي تہ اها رنگ، نسل، زبان، ملڪ، قوم، ذات پات، جنس، طبقاتي فرق ۽ مذهب کان مٿانهين ٿي انسان جي بقا لاءِ گڏجي سوچي.

رڳو نفعو نقصان، ذات ۽ قوم پرستي هن وبا جي خاتمي نہ پر ڪيس طول ڏيڻ جو سبب بڻجندا.

هن وبا ويڪسين جي اهميت کي ايڏو اجاگر ڪيو آهي جو هوند اسان اهو ڪڏهن بہ سمجهي نہ سگهئون ها. ڪوڙ بيماريون جهڙوڪر پوليو، ارڙي، ٽي بي،

هيپٽائيٽس، تشنج وغيره اسان جي سماجن جو مٿي جو سور رهيون آهن پر اسانجو اجتماعي رويو ڪو ساراهه جوڳو ڪونہ رهيو آهي.

هن وبا اسان تي اهو واضح ڪيو آهي تہ جيڪي ويڪسين ميسر آهن، انهن جو بهتر استعمال اسان جي بحيثيت انسان بقا جو سامان آهي. اميد تہ اسان جو رويو ڪجهہ بهتر ٿيندو.

اشتراڪيت جنهن کان اڪثر سرنديءَ وارا ملڪ جهڙوڪر ڇرڪندا آهن، انجي بنيادي اصولن تي جنهن طريقي سان انهن هن وبا ۾ عمل ڪيو آهي، انهيءَ کي لڪائڻ شايد هاڻي ممڪن ڪونهي.

جديد نوآبادياتي سرمائيڪاري جتي هر شعبي ۾ نيڪيداريءَ کي هٿي پئي ڏني، اتي ملڪن ڏنو تہ صحت جيڪڏهن رياستي ڪم ڪونهي تہ ڪين ڪيڏو جاني نقصان ٿئي ٿو جنهن جو مثال آمريڪا اسان جي سامهون آهي، ساڳو حال انهن سيني ملڪن جو رهيو آهي جتي صحت جون سهولتون خانگي واپار هيون ۽ آهن.

ساڳو حال معيشتن ۽ سماجي سهائتا جي پروگرامن جو رهيو آهي.

هن وبا دنيا کي اهو ياد ڪرايو آهي تہ امن، پائيچارو، انساني بقا صرف تڏهن ممڪن آهي جڏهن اسان هڪ ٻئي جي ڏک سک ۾ شريڪ آهيون ۽ رياست بنيادي سماجي ضرورتن جي ضمانت آهي.

پلا ٿورو ڪيوبا کي بہ ڏسي ونجو، جتي آمريڪي ڪنڊ جون سڀئي رياستون بشمول آمريڪا هن وبا جي ڪري مشڪل ۾ آهن، ڪيوبا هن وبا کي ڪيئن منهن ڏنو آهي.

اسان تہ خير ڪنهن ڪاتي ۾ ئي ڪونهئون.

ڏنو وڃي تہ ٻين مهاياري لڙائيءَ ڪانپوءِ دنيا اجتماعي طور هڪ اهڙي ڪساد بازاريءَ مان گذري رهي آهي جنهن مان نڪرڻ جي واٽ رڳو هڪ آهي اها آهي اشتراڪ.

جيستائين دنيا جون سڀئي رياستون گڏيل قومن جي بينر هيٺ هن وپا کي گڏجي منهن نہ ڏينديون ۽ هڪ هڪ ٿي ويڪسين قوم پرستيءَ جو مظاهرو ڪنديون، وبا موجود رهندي.

هن وقت دنيا جي ۴۰٪ غررب ماڻهو انهن ملڪن ۾ رهن ٿا جتي يا تہ ڪا جنگ پئي هلي يا وري ڪا شورش. انهن

ماڻهن تائين جي ويڪسين نہ پڳي تہ وبا کي روڪڻ ممڪن ئي ڪونهي.

سرنديءَ وارن ملڪن کي هتيار ڪپائڻ ۽ وبا روڪڻ مان هڪ چونڊڻو پوندو.

ورلڊ بئنڪ خبردار ڪيو آهي تہ جي هي حالتون جيئن جو تيئن رهيون تہ سن ٢٠٢١ جي پڇاڙيءَ تي دنيا ۾ ١٥٠ ملين يا ١٥٠٠ لک ماڻهن جو غريبن واري اڳ ئي وڏي انگ ۾ واڌارو ٿيندو.

اهي نوان غريب اهي هوندا جيڪي وبا جي ڪري سسنديڙ بازر جو شڪار هوندا ۽ انهن جي اڪثريت اسرنديڙ ملڪن جي شهرين جي هوندي.

هاڻي ان سڄي صورتحال جو حل ڪيئن نڪرندو.

اشتراڪ اشتراڪ اشتراڪ

ان سڄي صورتحال مان نڪرڻ لاءِ گهرجي ويڪسين.

ويڪسين جي ضرورت آهر ورڇ ۽ قيمتن ۾ اعتدال صرف تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن دنيا جا سڀئي ملڪ ايئن گڏجن جيئن ويڪسين جي تياري مهل گڏ ٿيا هئا ۽ ڪوويڪس COVAX نالي طريقو بہ طئي ڪيو هئائون.

پئرس جي ماحولياتي بندوبست ڪانپوءِ ڪويڪس وڏي ۾ وڏو عالمي بندوبست آهي جنهن جي قيادت صحت جي عالمي اداري وٽ آهي ۽ ان جي مالياتي نگهباني يونيسيف ڪري رهي آهي. ان ڪانسواءِ اميونائيزيشن تي ڪم ڪندڙ مختلف عالمي ۽ بين الاقوامي ادارا پڻ سهڪار ڪري رهيا آهن.

باقي جي ڪو پڙ ڪري بيٺو آهي تہ اهي آهن يورپ، برطانيا ۽ آمريڪا، جيڪي ويڪسين قوم پرستيءَ جي نشي ۾ چور اهو وساري ويٺا آهن تہ هيءَ عالمي وبا آهي جنهن مان نڪرڻ جو صرف هڪ طريقو آهي.

اهو آهي گڏيل حڪمت عملي. اشتراڪ

جتي عوامي صحت جو بنيادي جز آهي .

اتي اشتراڪ، پائيچارو، گڏيل ڪوشش، انساني بقا جو بنيادي جز آهي.

پنهنجو، پنهنجي پيارن، ملڪن ۽ دنيا جو خيال ڪجو.

# ويڪسين اشتراڪيت

ڪووڊ ـ ١٩ جي هن عالمي وبا کي منهن ڏيڻ لاءِ جتي انسانن ويڪسين تيار ليون آهن، اتي وائرس به پنهنجي جيئڻ جا جتن ڪندي نظر پيو اچي.

هڪ پاسي ٽن مختلف طريقن سان ڪم ڪندڙ ويڪسين دنيا جي مختلف ملڪن ۾ استعمال ٿيڻ شروع ٿي چڪيون آهن ۽ ٻئين پاسي وائرس ۾ ٿيندڙ تبديليون به سامهون اچي رهيون آهن. ان صورتحال ۾ ويڪسين جو ڪردار اجا وڌيڪ اهميت اختيار ڪري ويو آهي. وائرس جو شڪليون ۽ پنهنجي سجاٽپ مٽائڻ واري هن وايو منڊل ۾ ويڪسين تڏهن اثرانداز رهنديون جڏهن اهي سڄي دنيا ۾ ساڳي رفتار سان استعمال ٿين.

صورتحال ان جي ابتڙ آهي، سرمائي جي زور تي شاهوڪار ملڪن پنهنجي ڪل آباديءَ لاءِ گهربل ويڪسين کان به وڌيڪ ويڪسين خريد ڪري زخيرو ڪئي آهي.

سرمائيداري معيشتن کي واهپي جون شيون ذخيرو ڪرڻ جي عادت جو پيل آهي ته اها عادت پنهنجو اثر به ڏيکاري پئي.

هن عالمي وبا جي حالت ۾ جتي انسان ذات کي اشتراڪ جي اصول تحت گھرج ۽ ضرورت کي سامھون رکي ويڪسين جي خريداري ڪرڻ گھرجي، اتي جيڪڏھن ويڪسين جي ورچ ضرورت جي بدران خريدڻ جي حيثيت تي ٿيندي تہ وائرس کي جيئڻ جا جتن ڪرڻ جي وٿي ملندي، نتيجي طور ايڏي جفاڪشيءَ سان جوڙيل ويڪسين بي اثر ٿيڻ شروع ٿينديون ۽ بيماري سماج ۾ پنھنجا پير کوڙي، وبائي بيماريءَ مان ھمہ وقتي بيماري ٿي ويندي. جنھن جو نتيجو اھو نڪرندو جو دنيا کي ھن گڏيل ڳوٺڙي ۾ سفر ڪرڻ، ميل ميلاپ، ايستائين جو واپار ڪرڻ بہ مشڪل ٿي پوندو جنھن جي جھلڪ اسان گذريل سال سوا ڪان ڏسي ۽ لوڙي رھيا آھيون.

انھي مشڪل صورتحال جو ھڪ مثال وائرس جي ڏکڻ آفريڪا واري تبديل ٿيل شڪل آھي جيڪو وائرس نئين شڪل ۾ مٽيل خصوصيتن جھڙوڪ وڌيڪ بيمار ڪرڻ ۽ ويڪسين کي غيرموثر ڪرڻ جي صلاحيت سان دنيا جي ٣٧ ملڪن ۾ پکڙجي ويو آھي.

ان نئين شڪل واري وائرس جي ڪري ويڪسين جي وبا تي ضابطي واري اميد جھڙوڪر مدھم ٿيندي پئي

وجي. ان نئين صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سائنسدانن کي ويڪسين ۾ گهربل تبديليون ڪرڻيون پونديون جيئن انهن جي افاديت قائم رهي ۽ اسان هن وبا تي ضابطو آڻي سگهئون.

انهي سڄي صورتحال کي اسانکي پنهنجي گذريل تجربن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻو پوندو. اسان کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ مليريا جي مڇر کي ۱۹۴۰ واري ڏهاڪي دوران اٽلي، سريلنڪا ۽ وينزويلا ۾ ڊي ڊي ٽي (DDT) وسيلي بالڪل ختم ڪيو ويو هيو. انهن ملڪن ۾ مڇر جي خاتمي واري تجربي کي جڏهن ۱۹۵۰ ۽ ۱۹۶۰ دوران سڄي دنيا ۾ مليريا جي خاتمي واري نعري هيٺ آزمايو تہ اسان اهو بہ ڏٺو تہ مڇر پاڻ ۾ انکان بچڻ جي صلاحيت پيدا ڪري ورتي. جنهن جي نتيجي ۾ مليريا جي خاتمي eradication وارو نعرو بدلجي مليريا تي ضابطي control تي اچي پهتو ۽ پوءِ اسان اهو بہ ڏٺو تہ اهو ضابطي وارو نعرو وري رڳو مليريا کي پوئتي ڌڪڻ roll back تائين اچي پهتو.

ويجهي ماضيءَ ۾ ساڳي صورتحال پوليو وائرس ۲ جي سلسلي ۾ پڻ ڏسي چڪا آهيون جڏهن اهو وائرس

ويڪسين مان ڦهليو ۽ پوءِ ملڪن ٽن وائرس وارن ڦڙن بدران هڪ يا ٻن وائرس خلاف تيار ٿيل ڦڙن واري ويڪسين استعمال ڪري ان مسئلي تي ضابطو آندو.

انهن ٻنهي تجربن ڪي سامهون رکندي اسان ڪي ڪووڊ . ١٩ جو سبب سارس . ڪوو .٢ وائرس خلاف اميونائيزيشن جي حڪمت عمليءَ ڪي رڳو هڪ ملڪ نہ پر پوري دنيا لاءِ مرتب ڪرڻو پوندو.

بدقسمتيءَ سان هن وقت دنيا ۾ 'اسان' واري سماجي صورتحال ڪونهي.

هتي هر ملڪ 'مان' آهي.

وائرس وري پاڻ ۾ متحد ۽ بدلجندڙ صورتحال ڪان لڳي ٿو انسانن ڪان وڌيڪ باخبر آهي.

جنهن طريقي سان ويڪسين خريد، ذخيرو ۽ استعمال ڪئي پئي وڃي، قوي امڪان آهن تہ وائرس مختلف ملڪن، مخصوص ملڪن جي گهٽ آمدنيءَ وارن غريب، پوئتي پيل ۽ ڏتڙيل علائقن ۾ وجي ٿانيڪو ٿيندو ۽ اتان وري وري دنيا ڪي تاراج ڪندو.

جيئن جيئن ملڪن ۾ اميونائيزيشن جو تناسب وڌندو، اسپتالن ۾ داخلائون ۽ ڪووڊ جون موتمار علامتون گهٽبيون. نتيجي ۾ اسڪول کلندا، سفر بحال ٿيندو، بازر ۾ چرپر وڌندي ۽ اهڙي موقعي تي وري اهو ڪنڊائٽو نين خاصيتن وارو وائرس پنهجي ذات ظاهر ڪندو.

انڪري انساني سماج کي ويڪسين قومپرستيءَ کان پاسو ڪري ويڪسين اشتراڪيت ڏانهن قدم کڻڻ گهرجن جيئن هن عالمي وبا برپا ڪندڙ بيماريءَ تي ضابطو آڻي سگهجي.

# عالمي وبا ۽ عالمي ڀائيچارو

هن ڪووڊ۔ ١٩ جي برپا ڪيل عالمي وبا مان نڪرڻ جو صرف هڪ ئي رستو آهي. اهو آهي عالمي اشتراڪ.

هاڻي جيڪڏهن سرمائيداريءَ جي ور چڙهيل دنيا ڪي اشتراڪيت ڪان ايڏو ڊپ آهي ته ڀلا ڀائيچارو ئي ڪٺي چئوس.

هن وبا جي جنهن مرحلي ۾ سڄو عالم موجود آهي، اهو آهي ويڪسين تائين پهچ جو مرحلو.

هن ويڪسين تائين پهچ جي ڊوڙ ۾ ڪٽبو صرف ڀائيچاري سان يا وري سيئي هاريندا.

اڪيلو اڪيلو ڪو به ملڪ، ڪا به قوم، ڪنهن به قسم جي معيشت هيءَ ڊوڙ کٽي نٽي سگهي.

ٿورو دنيا تي اک ڦيرايو ته سن ٢٠٢١ جي مهيني فبروريءَ جي ڏهين ڏينهن تائين دنيا ۾ لڳ ڀڳ ١٢ ڪروڙ ٨٠ لک (١٢٨ ملين) فردن کي ويڪسين لڳي چڪي آهي پر انهن مان ٽي چوٿائيون (٧٥ سيڪڙو) صرف ڏهن سرنديءَ وارن ملڪن جي ماڻهن جو آهي جن

جي موڙي دنيا جي ڪل ملڪيتن جو لڳ ڀڳ سٺ سيڪڙو آهي.

ساڳئي سن ٢٠٢١ جي مهيني فبروريءَ جي ڏهين ڏينهن تائين ١٣٠ ملڪن جي ٢.٥ بلين آباديءَ مان ڪنهن هڪ فرد کي بہ ويڪسين ميسر ڪونهي.

اها عالمي خودشڪستيءَ جي راند زندگيون ۽ زندگيءَ جون گهربل سهولتون تہ برباد ڪندي پر ساڳئي وقت وائرس کي بہ وڌي ملندي تہ هو پنهنجي بقا جا گُرَ آزمائي پنهنجي شڪل تبديل ڪري هن وقت تائين جڙيل مختلف ويڪسين کي بي اثر ڪري ۽ دنيا جي معيشتن کي بہ تاراج ڪري.

ان صورتحال کي سامهون رکندي سرنديءَ وارن ملڪن کي گهرجي تہ اهي پنهنجي ملڪن ۾ جي سرحدن کان اڳتي سوچين ۽ ذخيرو ڪيل ڪووڊ جي ويڪسين جو ڪجھ حصو انهن ملڪن لاءِ وقف ڪن جن کي اجا تائين ويڪسين تائين رسائي ڪونهي.

صحت ڪارڪن جيڪي سڄي دنيا اندير هن وبا جي منهن ۾ آهن، انهن لاءِ ۽ خاص ڪري اسرندڙ ملڪن جي صحت ڪارڪنن لاءِ ويڪسين جو بندوبست ڪرڻ لاءِ

اشتراڪ نہ سهي پائيچارو ئي ڏيڪارين جيئن هن موتمار وائرس جي خاتمي نہ سهي ڪنهن گهٽتائيءَ جو دڳ ڳولهي سگهجي.

سن ٢٠٢١ جي پهرين هڪ سئو ڏينهن ۾ (جن مان ڪي ٥٥ تہ گذري بہ ويا آهن) گهٽ ۾ گهٽ صحت ڪارڪنن جي ضرورت جيتري ويڪسين گڏيل قومن جي هر رڪن ملڪ کي ميسر ٿئي.

هن وقت دنيا کي اهڙي پائيچاري واري سياسي قيادت جي، ضرورت آهي جيڪا سرحدن کان اڳتي ڏسي، سوچي ۽ عملي قدم کڻي سگهڻ جي سگهہ رکندي هجي.

ياد رکجو ـ هن ويڪسين تائين پهچ جي ڊوڙ ۾ کٽبو صرف پائيچاري سان يا وري سيئي هاريندا.

هڪڙا ويڪسين هوندي ۽ بيان ويڪسين نہ هجڻ جي ڪري.

# ڪووڊ ۽ ڳڀ وتي

هن غيرمعمولي عالمي وبا ۾ موجود معلونات مطابق ڳڀ وتي عورت لاءِ ڪووڊ - ١٩ جي بيماري عام ماڻهن کان وڌيڪ گهاتڪ ثابت ٿي آهي.

ڳڀ وتين ۾ بيماريءَ هي شدت وڌيڪ ڏٺي وئي آهي ۽ اها موتمار بہ ثابت ٿي آهي.

انڪانسواءِ وقت کان اڳ ويم يعني ڪچو ٻار (ستڙيو يا انڙيو) ڄڻڻ جون پڻ شاهديون مليون آهن.

انهي وايومنڊل ۾ سڀ کان بهتر اهو ٿيندو تہ ڳڀ وتي عورت پنهنجو خيال ڪري، سندس جيون ساٿي، گهرياتي ۽ خاندان ڪي پڻ ان ڏس ۾ خيال ڪرڻ گهرجي.

اهو ايئن ٿيندو تہ هر ڳڀ وتي پاڻ ڪي ڪووڊ - ١٩ جي پيماريءَ لان بچائڻ لاءِ -

- جيترو ٿي سگهي هرويرو گهر کان ٻاهر نہ وڃي.
- گهر ۾ ايندڙ ويندڙ متن مائٽن ۽ واڙي وارن کان وٿيرڪي رهي.
- جيڪڏهن گهر کان ٻاهر وڃي تہ صحيح طريقي سان ماسڪ پهري.

- هر هر هٿن کي صابڻ سان ڌوئي صاف ڪري.
- ڳپ دوران گهٽ ۾ گهٽ اٺ ڀيرا پنهنجي معالج سان رابطي ۾ اچي.
- تشنج کان بچاءَ جا ٽڪا ضرور هڻائي.
- پنهنجي مناسب خوراڪ جو خيال ڪري.
- پنهنجي دوائن جو ڌيان رکي ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهيني جون دوائون ڳنهي رکي.
- پنهنجي معالج سان مشورو ڪري مناسب ويم گهر جي چونڊ ڪري ۽ اتي پهچڻ لاءِ اڳواٽ بندوبست ڪري.
- ڪووڊ کان بچاءَ جو ٽڪو ان وقت لڳرائي جڏهن ملڪ جو اميونائيزيشن پروگرام تجويز ڪري.

ياد رهي ته هن وقت پاڪستان ۾ ڳپ وتين کي ڪووڊ کان بچاءَ جي موجوده ويڪسين لڳرائڻ کان منع ڪئي وئي آهي.

# ڪووڊ ۽ نئون ڄاول ٻار

ڏنو وڃي ته اڄ تائين ڪووڊ - ١٩ جي بيماريءَ جو نئين ڄاول ٻار تي ٿيندڙ اثر هڪ اهڙو موضوع آهي جنهن متعلق ڪا خاص معلومات يا تحقيق ميسر ڪونهي. تنهن هوندي بہ جيڪڏهن اتفاق سان ماءُ ڪووڊ - ١٩ جي بيماريءَ مان گذري رهي آهي تہ پوءِ بہ سندس ٿڃ انهن سيني انومانن کان وڏيڪ فائديمند ۽ صحت بخش آهي.

انڪري ڪيس پنهنجي ٻار جي ٿڃ بند نہ ڪرڻ گهرجي.

ڪجهہ حقيقتون جيڪي اسان ڄاڻئون ٿا اهي هن ريت آهن:

- هيءَ بيماري ماءُ کان ٻار ڏي ڳپ دوران ممتقل نہ ٿي ٿئي.
- ڪجهہ نوان ڄاول ٻار جن ۾ ڪووڊ - ١٩ بيماري ڏٺي وئي آهي، اها ڪين ويم گهر يا ايندڙ ويندڙ ماڻهن مان لڳي ٿي.
- اهي ابهم جن ۾ وائرس جي موجودگيءَ جو پتو پيو آهي، انهن ۾ بيماريءَ جون گهٽو ڪري تہ ڪي علامتون

ڪونهن، پر جيڪڏهن ڪن ۾ آهن به ته انتهائي معمولي آهن.

اهو پڻ ڏٺو ويو آهي ته جيڪڏهن ڪوود ڪان متاثر ماڻ تجويز ڪيل احتياط ڪري ته بيماري سندس ٻار ڪي ڪونه تي لڳي. انڪري نئين چاول ٻار ڪي ماۓ ڪان ڏار ڪرڻ نه گهرجي. جيڪڏهن ماڻ آئسوليشن ۾ به آهي ته:

• ٻار کي ٿڃ پيارڻ، ڪپڙا بدلائڻ وقت ماسڪ پهري ۽ باقي وقت ڪوشش ڪري ٻار ڪي پاڻ ڪان ڇهن فوٽن جي وٿيءَ تي سمهاري.

• ٻار ۾ هٿ وجهڻ ڪان اڳ پنهنجا هٿ صابڻ سان ڌوئي صاف ڪري.

• گهر ۾ ايندڙ ويندڙ فردن ڪان پاسيرو رهي.

• ٻار جي سنڀال ۾ مدد ڪندڙ جي ڪوود جي چڪاس ڪرائي پڪ ڪري ته ان ۾ بيماري ڪونهي.

• ڪنهن به حالت ۾ ٻار کي ماسڪ يا فيس شيلڊ نه پارايو. ان سان سندس زندگيءَ ڪي خطرو ٿي سگهي ٿو.

• نون چاول ٻارن ۾ ڪوود جون علامتون:

ٿج نہ ونڻ، الٽي، ڪنگهہ، ساھ ۾ چڪ، بخار يا لاغر ٿي پوڻ وغيره

ڪنهن بہ مشڪل صورت ۾ پنهنجي معالج يا ٻارن جي مستند ڊاڪٽر سام مشورو ڪريو.

- پنهنجي ٻار جي صحت جو خيال رکو.
- پيدائش ڪانپوءِ اي پي آءِ تحت تجويز ٿيل سيئي ٽڪا بروقت لڳرايو.
- ڊاڪٽر جي ڏسيل ترتيب سان پنهنجي ۽ ٻار جي تپاس ڪرايو.
- ٻار کي سمهارڻ مهل هيٺين ڳالهين جو خاص خيال رکو: -
- ٻار کي هميشہ پنيءَ پر سڌو سمهاريو.
- ٻار کي سڌي جاءِ تي سمهاريو.
- ڪوشش ڪري ڪنهن جهوليءَ ۾ نہ سمهاريو.
- ٻار کي پنهنجي ويجهو سمهاريو پر ڪيس ساڳي کٽ تي نہ سمهاريو.

- ٻار هر وقت ڪنهن ٻہ ٻئي فرد کان ڇهن فوٽن جي وٿيءَ تي هجي.
- جتي ٻار کي سمهاريو اتان رانديڪا، ٻنڊڙا، رلهڪا، ڪمبل وغيره وٿيرڪا ڪري رکو.
- سمهارڻ مهل ٻار جي مٿي تي ٽوپي يا ٻيون ڪجهہ نہ پارايو. سمهڻ مهل مٿو اگهاڙو هجڻ ٻار لاءِ بهتر آهي.
- جنهن جڳهہ تي ٻار کي سمهاريو اتي حقو، ٻيڙي، سگريٽ ڪير بہ نہ واپرائي.
- ٻار کي دونهين واري جاءِ جهڙوڪر سانجهڻ کان وٿيرڪو رکو.
- ماءُ پنهنجي خوراڪ جو خيال رکي جيئن ٻار کي ٿڃ ميسر هجي.



يورپي يونين پنهنجي شهرين کي ريسپائريٽر FFP2 پائڻ جو تاڪيد ڪيو آهي جيڪو آمريڪي N95 جي برابر آهي.

يورپي پبلڪ هيلٿ جي ماهرن جو خيال آهي تہ ڪپڙي جو هجي يا ميڊيڪل ماسڪ اهي ٻئي ڪووڊ۔ ١٩ جي مرض کان ڪو خاطرخواه تحفظ نٿا فراهم ڪن.

يورپي ماهرن مطابق صحت جو عالمي اداري ۽ آمريڪي ماهرن کان اها غلطي ناهي ٿي پر اهي ماسڪ متعلق اهو سيڪجهہ سياسي بيان طور استعمال ڪن ٿا.

مون اها ساڳي ڳالهہ وبا جي شروعاتي ڏينهن ۾ ڪئي هئي. يورپي ماهرن منهنجي موقف کي هڪ سال کانپوءِ درست ثابت ڪيو آهي

عبدالرحمٰن پيرزادو